ميهڙ جو مِير مگسي

حضرت مفتي ڪريم بخش مگسي رح
جي سوانح حيات ۽ خدمات





مرتب

فاروق احمد چنا



ميهڙ جو مِير مگسي

حضرت مفتي ڪريم بخش مگسي رح
جي سوانح حيات ۽ خدمات

مرتب
فاروق احمد چنا





محترم فاروق احمد چنا اسان جو لائق دوست آهي. جنهن اسان جي خطي، ميهڙ جي علم وادب جي مهان شخصيت، استاد العلماء حضرت مفتي ڪريم بخش مگسي رح جن جي شخصيت تي انتهائي شاندار تحقيق ڪري ايم فل جو مقالو لکيو آهي. ڪنهن وڏي عالم سڳوري جو هڪ قول پڙهيو هيم ته "ڪهڙو نه چڱو ٿئي جو سنڌ جي عالمن جون حياتيون ڪٺيون ڪيون وڃن". هي ڪتاب مٿين ارشاد جي شاهدي ڏيندو ته محترم فاروق احمد چنا صاحب ڪيڏو نه اڻانگو ڪم ڪري پنهنجي ٿيسز مڪمل ڪئي هوندي. انهي ڪم ۾ ڪيترو ڪامياب ٿيو آهي. اهو بار پڙهڻ وارن جي مٿان رکجي ٿو. آءُ خاص طور تي طرح محترم دوست فاروق احمد صاحب کي گهڻا جس ۽ دعائون ڏيان ٿو. شال! الله سائين کيس پنهنجي عنايتن سان پرپور رکي ۽ کيس صحتمند ڊگهي زندگي عطا فرمائي ته جيئن هو علم ۽ ادب جي خدمت ڪندو رهي.

احمد رضا آگرو

لب ڪڪول ميهڙ

16دسمبر 2024

ايڊوانس
0300-0815982

بسم الله الرحمٰن الرحيم

ميھڙ جو مِير مگسي

(حضرت مفتي ڪريم بخش مگسيؒ جي ديني ۽ علمي خدمتن جو تحقيقي جائزو)

مقالو براءِ ايم فِل (سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو)

محقق

فاروق احمد چنہ

پي ايچ ڊي اسڪالر حيدرآباد

ڇپائيندڙ

(*Aas*)

(Ash-Shafeeq Welfaire Association Mehar)

(الشفيق ويلفيئر ايسوسيئيشن (آس) ميھڙ)

ڇاپيندڙ

شاد پبليڪيشن حيدرآباد

2025ع

کتاب جو نالو: ميهڙ جو مِير مگسي

موضوع: (حضرت مفتي ڪريم بخش مگسيؒ جي ديني ۽ علمي
خدمتن جو تحقيقي جائزو)

محقق: فاروق احمد چنه

ڇاپو پهريون: 2025ع

ڇپائيندڙ: (Aas)

(Ash-Shafeeq Welfaire Association Lal Shah Colony Mehar)

(الشفيق ويلفيئر ايسوسيئيشن لال شاهه ڪالوني (آس) ميهڙ)

ڇپيندڙ: شاد پبليڪيشن حيدرآباد

قيمت: 700 / روپيا



شاد پبليڪيشن ۽ ڪتاب گهر

عبرت پريس واري گهٽي حيدرچوڪ حيدرآباد

0304-3018400

ارپنا

مان پنهنجي هن ڪاوش کي پنهنجي ابي امڙ کي ارپيان ٿو.
جيڪي منهنجي وجود جو ڪارڻ بڻيا ۽ ڏاڍي پيار ۽ پاٻوهه
سان پالي پڙهائي عزت جي زندگي گذارڻ جي لائق بڻايو.

Mehar Jo Meer Magsi

(Biography and Services of Hazrat Mufti Karim Bux Magsi)

Written By

(*Farooque Ahmed Channa, PhD Scholar, Hyderabad*)

03332753702

فهرست

نمبر	عنوان	صفحو
1	ميهڙ جي مانائتي مٽي	1
2	حضرت مفتي ڪريم بخش مگسيؒ منهنجو استاد	3
3	تقويٰ ۽ پرهيزگاريءَ جو پيڪر مفتي مگسيؒ	6
4	مهاڳ (مولانا اعجاز علي سوڍر)	9
5	مقدمو	14
6	موضوع جو تعارف	16
7	موضوع جي اهميت ۽ ضرورت	19
8	تحقيق جا مقصد	19
9	تحقيق جا فائدا	20
10	اڳ ۾ ٿيل ڪم جو جائزو	20
11	جوڳيئڙا جهان ۾	20
12	موهيا ڪنهن نہ مال	21
13	ماهوار صراط الهديٰ ، سلسلو نمبر33، خصوصي نمبر، ذي الحج 1427، ڊسمبر 2006	21
14	ماهوار صِراط الهديٰ ، ڊسمبر 2007، ذي القعد، ذي الحج 1428هہ، سلسلو نمبر 44	25
15	ماهوار صِراط الهديٰ ، جنوري 2008، محرم الحرام 1429هہ، سلسلو نمبر 45	25
16	ماهوار صِراط الهديٰ ، جنوري 2009، محرم الحرام 1430هہ، جلد نمبر 3، شمارو نمبر8	27
17	ماهوار صِراط الهديٰ ، آڪٽوبر 2017، محرم الحرام 1439هہ، سلسلو نمبر 134	28
18	ميهڙ جو آواز، 30 نومبر2008 مطابق 1 ذوالحج 1429هہ	28
19	هفتيوار سچ جو آواز ميهڙ/ دادو باڪ ڦٽي پبليڪيشن ميهڙ خاص ايڊيشن	29

20	پلا پونءِ نہ وسرن	33
21	قرب ڪريمي	36
22	موضوع منتخب ڪرڻ جو سبب	38
23	مفروضو	38
24	تحقيق جو طريقي ڪار	38
25	تحقيق جا معاشري تي اثر	39
26	حوالا	40
27	حضرت مفتي ڪريم بخش مگسيؒ جي زندگي جو احوال	41
28	مفتي صاحب جو خانداني پس منظر	41
29	پيدائش ۽ تعليم	42
30	شادي ۽ اولاد	47
31	وفات ۽ تدفين	47
32	وصيت	49
33	مفتي صاحب جي وفات جن اخبارن ڇپي	50
34	حوالا	52
35	حضرت مفتي ڪريم بخش مگسيؒ جون تصنيفات	53
36	فيض الڪريم في اصول حديث الرحيم ﷺ	53
37	ڪتاب تي تنقيدي تبصرو	54
38	مواعظ ڪريميہ	55
39	ڪتاب تي تنقيدي تبصرو	60
40	مسائل ضروري	61
41	ڪتاب تي تنقيدي تبصرو	61
42	ميهڙ جون ديني درسگاهون	62
43	ڪتاب تي تنقيدي تبصرو	65
44	اڻ ڇپيل تصنيفات	66
45	ڪشڪول ڪريمي	66
46	تواريخ مصطفائي	72

47	حضرت مفتي ڪريم بخش مگسيؒ جون ديني ۽ علمي خدمتون	73
48	تدريسي خدمتون	73
49	مدرسہ عربيہ اڪبريہ دارالقرآن جامع مسجد ميھڙ	75
50	مفتي صاحب جي پڙهائڻ جو طريقو	81
51	مدرسہ دارالقرآن جامع مسجد ميھڙ ۾ معمولات	83
52	شاگردن سان پيار	85
53	شاگرد	86
54	سياسي ۽ سماجي خدمتون	97
55	ڪانگريس ۽ مسلم ليگ ۾ شموليت	97
56	انجمن حمايت اسلام	98
57	بي ڊي ۾ شموليت	99
58	ڳوٺ سڌار تنظيم	101
59	جمعيت العلماءِ ميھڙ	101
60	زڪوٰة ڪاميٽي ميھڙ جو ميمبر ٿيڻ	102
61	مفتي صاحب جو ڪردار	102
62	مفتي صاحب ۽ تصوف	107
63	مفتي صاحب جي هٿ تي غير مسلم جو قبول اسلام	109
64	تقوىٰ ۽ پرهيزگاري	109
65	مهمان نوازي	110
66	مفتي صاحب جو اخلاق	112
67	معمول	114
68	فتوائون	114
69	تحرير ۽ تقرير ذريعي عوامي اصلاح	116
70	ڪريميہ لائبريري	118
71	حوالا	120
72	حضرت مفتي ڪريم بخش مگسيؒ جا استاد ۽ مرشد	122
73	استاد	122

74	مولانا غلام مصطفیٰ مگسي	123
75	مولانا غلام رسول مري	124
76	مولانا محمد عرف ماهي فقير مري	124
77	مولانا خان محمد آگرو	124
78	مولانا سيد امير محمد شاهه	125
79	مولانا عبدالڪريم مگسي	125
80	مرشد	128
81	مولانا عبدالغفار المعروف پير مٺا سائين	129
82	خواجه عبدالحي جان چشموي	130
83	پير عبدالغفور قادري مدني	132
84	حوالا	133
85	خلاصو	134
86	نتيجا	135
87	تجويزون	137
88	Executive Summary	138
89	ڪتابيات	142
90	ضميمو	

ميهڙ جي مانائتي مٽي

ميهڙ تعلقو آبادي جي لحاظ سان ڏسجي ته پورو سارو شهر آهي پر هن ننڍڙي شهر منجهه باشعور شخصيتن جي ڳٽپ تي نظر وجهنداسين ته انتهائي خوشي ٿيندي. ميهڙ ۾ انيڪ اهڙين شخصيت جنم ورتو آهي جن ۾ عالم، اديب، استاد، شاعر، سگهڙ، محقق، سياستدان، سماجي خدمتگار ۽ تاريخدان وغيره شامل آهن. اهڙين شخصيات جي فهرست ۾ اهي عظيم هستيون به اچن ٿيون جن دين جون خدمتون سر انجام ڏيڻ ۾ ڪا به ڪسر ڪين ڇڏي. مسجدون مدرسا آباد ڪري دين اسلام جي خدمت ڪئي. جنهن خدمت عيوض اڄ به ميهڙ جي عوام ڪين سنن لفظن ۾ ياد ڪري ڪين پيٽائون پيش ڪري ٿي. اهڙين چند شخصيتن جو ذڪر ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو. اگر هن ڪتاب ۾ سندن ذڪر نه هجي ته اها حق تلفي ٿيندي. اهڙين مَهان هستين ۾ رئيس شمس الدين بلبل، مولانا شفيع محمد مسجدي، مولانا الاهي بخش ايري، مولانا محمد پريل آڳرو، مولانا عبدالڪريم ڏيرو، مولانا عبدالوهاب گلال، سيد علي اڪبر شاه (پير آف ميهڙ)، مولانا غلام حسين ڪارو چانڊيو، رهڙي شريف ۽ پيروز شاهه جا عالم سڳورا ۽ ٻيا انيڪ اهڙا نالا شامل آهن جن جي هڪ ڊگهي فهرست آهي. اگر انهن بزرگ هستين جا اگر نالا ئي شامل ڪجن ته هڪ پورو ڪتاب مرتب ٿي سگهي ٿو. هن ڪان اڳ ميهڙ جي منفرد مذهبي، سياسي، سماجي، علمي ۽ ادبي شخصيتن جي خدمتن ۽ سندن زندگيءَ تي لکيل ڪتاب "مَهان ماڻهو ميهڙ جا " اسان جي پياري دوست مولانا اعجاز علي سوڊر صاحب ترتيب ڏنو هو. جنهن ڪي سني موٽ ملي. جيڪو شاد پبليڪيشن حيدرآباد پاران ڇپرائي پڌرو ڪيو ويو هو. جڏهن ته ان ڪان بعد ۾ سائين مولانا قاري محمد ڏيرو صاحب جن جي سوانح حيات ۽ ديني خدمتن تي

تي مبني ڪتاب ”ميهڙ جو مَهان“ پڻ مولانا اعجاز علي سوڍر تصنيف ڪيو، اهو بہ شاد پبليڪيشن حيدرآباد پاران ڇپرايو ويو آهي.

هي زير نظر ڪتاب بہ ان تسلسل جي هڪ ڪڙي آهي جيڪو تسلسل اسان جي دوست محترم مولانا سوڍر صاحب شروع ڪيو آهي. هي ڪتاب ميهڙ جي هڪ عظيم علمي شخصيت حضرت مفتي ڪريم بخش مگسي جي سوانح ۽ خدمات تي اسان جي ٻئي دوست محترم فاروق احمد چنا صاحب جي محنت آهي. هي دراصل محترم چنا صاحب جي ايم فل جو تحقيقي مقالو آهي. هي مقالو بہ اسان جي دوست محترم مولانا سوڍر صاحب جو مشوري ۽ سهڪار سان تڪميل تي پهتو آهي. اهڙي طرح اهل علم ۽ قلم شخصيات جي سوانح ۽ خدمات کي قلمبند ڪري تاريخ بنائڻ جي هن خدمت جو سلسلو جاري آهي. سائين اعجاز پنهنجي حصي جو ڪم خوش اصلوبي سان نهايت ئي سچائي ۽ لڳن سان سر انجام ڏئي پيو. اسان سندس لاء دعاڳو آهيون تہ رب پاڪ سندس ان علمي پورهئي ۾ مدد فرمائيندو. سائين اعجاز علي سوڍر صاحب ٿوري عرصي جي اندر پنهنجي محنتن سان ميهڙ مان سنا ڪتاب پڙهندڙن تائين پهچايا آهن، جيڪو ڪم تمام ڏکيو آهي پر هن ان ڪم سان مسلسل دل لڳائي ڇڏي ۽ ان مشڪل ڪم کي آسان ڪري ڏيکاريو آهي. ان سفر ۾ اسان جي اداري شاد پبليڪيشن جون خدمتون ساڻس لاءِ هميشہ رهيون آهن ۽ رهنديون. آخر ۾ دعا آهي تہ الله سائين محترم دوست فاروق احمد چنا جي هن محنت کي پنهنجي بارگاهہ قبول فرمائي ۽ سندس لاءِ ذخيره آخرت بڻائي. آمين

ديدار ”شاد“ گوپانگ
باني
شاد پبليڪيشن حيدرآباد

حضرت مفتي ڪريم بخش مگسي رح منهنجو استاد

الله سائين انسان کي پنهنجي ڪامل قدرت جو هڪ مظهر بڻايو آهي. انسان کي علم، عقل ۽ بيان ڪرڻ جي خوبي عطا ڪري پنهنجي ڪُل مخلوقات ۾ معزز ۽ مڪرم مخلوق بڻايو. انسان کي هن ڌرتي تي موڪليو تہ جيئن ڪائنس امتحان وٺي ڪيس جزا يا سزا ڏئي. انسان کي ٻي مخلوق مٿان برتري ڏئي پنهنجي دادلي مخلوق بڻايو. ٻي مخلوق کي سندس خدمت تي مامور ڪيائين. انسان الله تعالىٰ جي تخليق جو هڪ شاهڪار آهي. انسان جي صحيح هدايت ۽ رهنمائي لاءِ انبياءِ ڪرام جو هڪ مقدس سلسلو شروع ڪيو. انهن عظيم ارواحن جي ذمي انسانن تائين سندن خالق جو پيغام پهچائڻ، غلط ۽ صحيح رستي جي سڃاڻپ ڪرائڻ، هدايت جي طرف رهنمائي ڪرڻ، بهترين سماج ناهڻ لاءِ راهہ هموار ڪرڻ، معاشري جا بهترين فرد تيار ڪرڻ، افراد جي اصلاح ڪرڻ ۽ الله تبارڪ و تعالىٰ جي قانون کي هن ڌرتيءَ تي نافذ ڪرڻ جهڙا عظيم ڪم هئا. نبوت جو اهو سلسلو حضرت آدم عليه السلام کان شروع ڪري امام الانبياء سيد الرسل ساقي ڪوثر شافي محشر خاتم النبيين حضرت حبيب الله محمد مصطفىٰ احمد مجتبىٰ ﷺ تي اختتام فرمايو. جڏهن امان آمنه جي لعل ﷺ تي نبوت جو اهو مقدس سلسلو ختم فرمايو تہ هاڻي قيامت تائين امت محمديہ جي رهنمائي جو ذمو علماءِ ڪرام ۽ اهل حضرات تي عائد ٿيو. مسلمانن منجهہ اهڙي عظيم ڪردارن جن پنهنجون پوريون زندگيون اسلامي تعليمات کي عام ڪرڻ، پيغام الهٰي پهچائڻ، اصلاح فرد و معاشره ۽ پنهنجي خالق جي طرفان ڏسيل سڌي راه وٺرائڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏيون جي هڪ تمام وڏي فهرست موجود آهي. هر علائقي ۽ هر دور ۾ اهڙن عظيم انسانن جو هڪ وڏو تعداد امت مسلمہ جي رهنمائي لاءِ جنم وٺندو رهيو آهي .اسان جي سنڌ بہ انهيءَ ميدان ۾ تمام گهڻي شاهوڪار رهي آهي. برِصغير

ايشيا ۾ اسان جي ڌرتي ماتا کي باب الاسلام هجڻ جو شرف بہ حاصل آهي. سنڌ ڌرتيءَ جي گود هر دؤر ۾ عظيم اسڪالرن، علماءِ ڪرام، حفاظ، محققين ۽ دانشورن سان هري ڀري رهي آهي. اسان جي ميھڙ جي مٽيءَ بہ اهڙن انمول انسانن جي پيدا ڪرڻ ۾ سَرس رهي آهي. ميھڙ جي تاريخ ۾ وڏن وڏن جوڌن، علماءِ ڪرام، اولياءَ الله، اديب، شعراء سياسي و سماجي خدمتگارن جي هڪ ڊگهي فهرست شامل آهي. ماضي قريب جي هڪ باعمل عالم، محقق، عظيم مُدرس، سياسي ۽ سماجي قدآور شخصيت حضرت مفتي ڪريم بخش مگسي پنھنجو جيون اسلامي علوم جي اشاعت، تربيت افراد ۽ بي لوث خدمتگار جي حيثيت سان گذاري راه رباني اختيار ڪري ابدي آرامي ٿي. مون ناچيز جو سائين مفتي صاحب جن سان شاگردي وارو تعلق بہ رهيو ۽ منهنجن وڏڙن خاص ڪري بابا سائين صاحب خان چنا سان محبت ۽ شفقت وارو تعلق بہ رهيو. بابا سائين فقيراڻي طبعيت جو مالڪ اهل علم خاص ڪري علماء ڪرام جو خادم ۽ رب جي راه ۾ پنھنجو سڀ ڪجھ لٽائڻ وارو عظيم انسان رهيو. بابا سائين مختلف مساجد م ان وقت جي حساب سان ٹُڪون (تڏا) نهرائي پهچائڻ جي خدمت ڏاڍي شوق سان ڪندو هو. انهي سلسلي ۾ حضرت استاد سائين مفتي ڪريم بخش مگسي رحمت الله عليہ جن سان گهرو تعلق جڙيو.

ڳوٺ واري چنا مسجد ۾ آذان ۽ اقامت بہ ڏيندو هئس. هڪ دفعي مغرب جي آذان ڏني، جڏهن اقامت ڏيڻ لڳس ۽ "اشهد ان محمد رسول الله " تي پهتس تہ ڳوٺ جي هڪ همراه مون کي منهن ۾ ٺونشو هڻي ڪڍيو. (هو چاهي پيو تہ اقامت هو پاڻ ڏئي). اها ڳالھ منهنجي وڏڙن ۽ ڳوٺ وارن ۾ مشهور ٿي. جنهن جي ڪري اها ڳالھ سائين مير محمّد لوڙهائي جن تائين پهتي. سائين جن اها چاهت ڏيکاري تہ ڏوهي شخص کي تعزير ڏني وڃي. جڏهن اها خبر استاد محترم سائين مفتي ڪريم بخش مگسيرح کي پئي تہ ڳوٺ آيا ۽ فرمائڻ لڳا تہ انهيءَ ڳالھ کي درگذر ڪريو. توهان

جو گهراڻو فقير گهراڻو آهي، اگر ڳالھ اڳتي وڌائبي تہ ڪٿي مبادا هنن ڪي ڪا تڪليف نہ رسائن. سائين مير محمّد لوڙهائي جي ڳالھ ڪي بہ درگذر ڪريو. منهنجي وڏڙن ۽ سائين لوڙهائيرح جن سائين مفتي صاحبرح جي ڳالھ ڪي ملنُ ڏيندي انهيءَ ڳالھ ڪي درگذر ڪيو. مفتي صاحب جن پنهنجو جيون خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هو. اهڙيون باعمل شخصيتون صدين ۾ جنم وٺنديون آهن ۽ انهن جي وڃڻ سان جيڪو خال پيدا ٿيندو آهي انهيءَ ڪي پرجڻ ۾ تمام گهڻو وقت لڳندو آهي. اهڙيون باعمل عظيم شخصيتون مثالي بڻجي ويندیون آهن. اهڙن الله جي ولي انسانن جون زندگيون ٻين لاءِ مشعل راه جو ڪم ڏينديون آهن. جڏهن اسان جي دوست سائين محترم مولانا اعجاز علي سوڍر ٻڌايو تہ حضرت استاد سائين مفتي ڪريم بخش مگسي جن جي زندگي ۽ خدمت تي اسان جي حيدرآباد جي دوست جناب فاروق احمد چنا صاحب پنهنجي ايم فل لاءِ تحقيقي مقالو لکيو آهي ۽ هاڻي اهو ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرائڻ جو ارادو رکي ٿو تہ اها ڳالھ ٻڌي ڏاڍي خوشي ٿي ۽ وري فرمائش ڪئي وئي تہ انهيءَ لاءِ بہ اکر لکي ڏيان. اها پنهنجي لاءِ سعادت سمجهيم تہ پنهنجي عظيم استاد جي سوانح حيات ۽ خدمات تي مبني ڪتاب لاءِ بہ اکر لکڻ جو موقعو نصيب ٿئي پيو. اسلامي اسڪالر محترم فاروق احمد چنا هي تحقيقي مقالو لکي اسان ميهڙ وارن تي احسان ڪيو آهي ۽ ان سان گڏ موجوده ۽ ايندڙ نسل لاءِ هڪ مثالي زندگي جو نمونو پيش ڪري تاريخ رقم ڪئي آهي. سندس تحقيقي خدمت جس لهڻي. اسان ميهڙ وارا محترم فاروق احمد چنا جا انهيءَ عمل تي مشڪور آهيون ۽ سندس لاءِ دعاڳو پڻ آهيون. الله تعاليٰ ڪيس سندس محنت جو دنيا ۽ آخرت ۾ بهترين بدل عطا فرمائي آمين.

شفيق احمد شفيق چنا

صدر آس ويلفيئر ايسوسيئيشن،لال شاھ ڪالوني ميهڙ

تقويٰ ۽ پرهيزگاريءَ جو پيڪر مفتي مگسي رح

اسان جي سنڌ کي الله تعالىٰ باب الاسلام هجڻ جو اعزاز عطا فرمائي هن مٽيءَ کي ملڻُ بخشيو آهي. اسان جي سنڌ سُونهاري پنهنجي وقت جا وڏا وڏا سُورما، عالم، اديب، خطيب، محقق، مجاهد ۽ ارڏا انسان اپايا آهن. اسان جي ميهڙ به انهيءَ ميدان ۾ ڪافي سر سبز و شاداب رهي آهي. ميهڙ جي مٽيءَ منجهان جنم وٺندڙ عظيم انسانن جي فهرست جي صفِ اول جو هڪ عظيم استاد، عالم با عمل، تقوىٰ ۽ پرهيزگاري جو پيڪر، ڪتاب ۽ اهل علم جو عاشق ۽ پنهنجي قول و فعل جو داناءُ انسان حضرت سائين مفتي ڪريم بخش مگسيرح شامل آهي. سائين مفتي صاحب پنهنجي پوري زندگي علم جي اُجارن جي اُج اُجهائڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏي. انسان ذات سان بنا ڪنهن رنگ، نسل ۽ مذهب جي فرق جي خدمت کي پنهنجو مقصدِ حيات بڻايو. پنهنجي جيون جو مقصد الله سائين جي رضا خاطر سندس بندن جي خدمت کي بڻائي ڇڏيائين. امت محمديه کي صراطِ مستقيم تي هلڻ جي تلقين ۽ انهيءَ لاءِ راهه هموار ڪرڻ سائين جن جو محبوب مشغلو رهيو. پاڻ هميشه هر ڪنهن سان مُرڪي ملندا هئا. حضرت سائين مفتي صاحب جن وٽ ڪو به ماڻهو جڏهن ديني مسئلي جي حل لاءِ حاضر ٿيندو هو ته پاڻ ڏاڍي پيار ۽ پابوهه سان ساڻس ملندا هئا. ڪيس پاڻ سان گڏ ويهاري ڪيس چڱيءَ ريت مسئلو سمجهائي ڪافي وقت تائين ساڻس ڪچهري ڪري پنهنجي طرف مانوس ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. وٽن جڏهن به ڪو ماڻهو حاضر ٿيو پوءِ اهو ڀلي ڪهڙي به مسلڪ سان وابسته هجي پر حضرت مفتي صاحب جن جي پيار ۽ شفقت جي ڪري ساڻن محبت ڪرڻ لڳو. انهيءَ ڳالهه جا ميهڙ وارا گواهه آهن ته سائين جن وٽ سڀني مسلڪن جا دوست پنهنجن مسئلن جي حل ڪانسواءِ صرف سائين جن جي صحبت منجهان فيض حاصل ڪرڻ لاءِ به حاضر ٿيندا هئا. پاڻ مسلڪي اختلاف کان هميشه

پاسيرو رهڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. حضرت مفتي صاحب علم جا ساگر هئا. وٽن ڪتابن جو چڱو خاصو ذخيرو موجود هو. سندن تحرير کي تمام وڏي حيثيت حاصل هوندي هئي. سندن تحرير کي هر جاءِ تي وڏو ملهُ ملندو هو. پاڻ هميشہ پيار محبت جو درس ڏيندا رهيا. سندن نصيحتن جو مرڪز مسلمانن جي پاڻ ۾ ٻَڌي، درگذر ۽ محبت ساڻ رهڻ رهيو. حضرت مفتي صاحب جن علم جي عاشقن جي ڍَؤُ ڪرائي عملي ميدان ۾ موڪليو. سندن شاگردن زندگيءَ جي مختلف ميدانن منجھ پاڻ مجرايو آهي. علم جي خدمت ۾ ڪوشان رهيا آهن. حضرت مفتي صاحب جن ميهڙ جي عظيم هستي حضرت مولانا عبدالڪريم مگسيرح جن جا دادلا ۽ فرمانبردار شاگرد رهيا. سندن هم سبق دوست حضرت مفتي محمد مهيسررح پيري مهيسر وارا هئا. سندن ساڻن محبت ۽ دوستي بہ مثالي رهي. حضرت مفتي ڪريم بخش مگسيرح جن تي سندن شاگردن ڪافي علمي مضمون ۽ ڪجھ ڪتاب بہ لکيا آهن. اسان جي محترم دوست سائين مولانا اعجاز علي سوڍر جي زباني جڏهن اها خبر پئي تہ ميهڙ جي هن مِير مگسيرح جن تي حيدرآباد جو دوست محترم فاروق احمد چنا صاحب ايم فِل جو مقالو لکي رهيو آهي تہ اها خبر ٻڌي ڏاڍي خوشي ٿي هئي ۽ محترم دوست فاروق احمد چنا لاءِ دل منجهان دعائون ٿي نڪتيون. دل ۾ هڪ حسرت هئي تہ ڪاش اگر اهو ايم فِل جو مقالو ڪتابي صورت ۾ ڇپجي اسان جي هٿن تائين اچي تہ جيئن ان دوست جي محنت منجهان اسان بہ لاڀ حاصل ڪري سگھون. وري تازو جڏهن مولانا سوڍر صاحب اها ڳالھ ٻُڌائي تہ اهو مقالو ڇپجي رهيو آهي ۽ توهان کي ان لاءِ بہ اکر لکي ڏيڻا آهن. سچ پڇو تہ ڪجھ وقت لاءِ بي حِس و حرڪت رهيس تہ مولانا سوڍر مون کي ڪيتري وڏي امتحان ۾ وِجهي ويو. ڪٿي اويس جو علم ۽ ڪٿي حضرت مفتي صاحب جن جي هستي! ڪافي سوچ وِيچار کان پوءِ مِڙئي همٿ ڪري هي بہ اکر لکي ورتم. پنهنجي ڪم علميءَ جو اعتراف ڪندي اهو عرض ڪندس تہ نثر

۾ لکڻ جو ايترو ڏانءُ ڪونہ اٿم پر قسمت جي مهرباني ۽ رب ڪريم جا احسان مڃان ٿو جو اهڙي عظيم هستيءَ بابت بہ اکر لکڻ جي سعادت نصيب ٿي. مان ميهڙ وارن جي سعادت سمجهان ٿو جو هن مٽيءَ جي مَهان هستين کي قلمبند ڪري تاريخ بڻائڻ جو جيڪو سلسلو اسان جي دوست مولانا اعجاز علي سوڍر شروع ڪيو آهي پوءِ بيشڪ پنهنجي ذاتي تحرير ذريعي يا ڪنهن دوست کي همٿائي لکرائڻ جي ذريعي ڪيو آهي اهو اسان ميهڙ وارن لاءِ هڪ وڏو وَردان آهي. هن جوان جَس لهڻو. انهيءَ سان گڏ محترم دوست فاروق احمد چنا صاحب جي بہ مهرباني ۽ احسان آهن. آخر ۾ هنن دوستن جا احسان مڃندي الله سائين کان دعا آهي تہ الله سائين سندن علم، عمل، عزت ۽ عظمت ۾ برڪت عطا فرمائي ۽ اسان سيني ۽ ايندڙ نسل کي حضرت مفتي صاحب جن جي زندگي مان سبق حاصل ڪري پنهنجي آخرت سنوارڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمين

اويس قرني مهيسر
پرائمري اسڪول ٽيچر
سينڊل مهيسر ميهڙ
23 آگسٽ 2024ع

مهاڳ

الله رب العزت هن ڪائنات جو اڪيلو خالق ۽ مالڪ آهي. هن ڪائنات ۾ سندس ڪمال قدرت جا ڪيئي شاهڪار موجود آهن. سندس قدرت جو حسين ڪرشمو جابجا ڏسڻ لاءِ ملي ويندو. خالق ڪائنات جيڪا به تخليق فرمائي آهي ان کي ڏسي زبان منجهان بي ساخته
"فَتَبٰرَكَ اللّٰهُ اَحْسَنُ الْخٰلِقِيْنَ"
ترجمو: پس وڏو شانُ آهي ان الله جو جيڪو سيني ڪاريگرن کان وڏو ڪاريگر آهي.
نڪري ٿو. سندس قدرت جي شاهڪارن منجهان حضرت انسان خود اچرج ڏياريندڙ تخليق آهي. خالق ڪائنات خود لڪيل راز هو. انسان کي پنهنجي پيدا ڪيائين ته جيئن مان سڃاتو وڃان.
"كُنْتُ كَنْزًا لا أُعْرَفُ ، فَأَحْبَبْتُ أَنْ أُعْرَفَ فَخَلَقْتُ خَلْقًا، فَعَرَّفْتُهُمْ بِي فَعَرَفُوْنِي ."
ترجمو: مان لڪيل خزانو هيس. مون چاهيو ته مان سڃاتو وڃان. انهيءَ ڪري (پنهنجي سڃاڻپ ڪرائڻ لاءِ) مون مخلوق کي پيدا ڪيو. (پوءِ جڏهن مون مخلوق کي پيدا ڪيو) ته ان مون کي سڃاتو.
صوفي حضرات ۾ هيءَ ڳالهه بطور حديث قدسي مشهور آهي. مگر محققين علماءِ ڪرام ان جي بطور حديث قدسي هجڻ جو انڪار ڪن ٿا. باقي ان سان ملندڙ مفهوم سورة الذاريات جي آيت "وَمَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَالْإِنْسَ إِلَّا لِيَعْبُدُوْنِ" مان ظاهر ٿئي ٿو. حضرت مجاهدرح هن آيت جي تفسير ۾ "لِيَعْبُدُوْنِ" جي تفسير "لِيَعرِفُونِي" سان ڪئي آهي. بهرحال حضرت انسان کي محترم ۽ مڪرم مخلوق بڻايائين. اٺ هزار خشڪي جي ۽ ٻارنهن هزار آبي مخلوق منجهان صرف حضرت انسان کي ئي پنهنجي نائبي عطا فرمائي سندس ملڻ ۽ مرتبو مٿانهون ڪيائين. انسان کي پهريان جنت ۾ رهائي وري ڪيس هن ڌرتيءَ تي امتحان وٺڻ لاءِ

وقتي زندگي عطا فرمايائين تہ جيئن مٿس شقي يا سعيد هجڻ جي حجت تام ڪري ڪيس سزا يا جزا ڏئي سگهجي. هن وقتي زندگيءَ ۾ ڪيل عملن جي آڌار تي سندس لاءِ هميشہ جي نعمت (انعام) يا سزا جو فيصلو ڪري سگهجي. هن ڌرتيءَ تي موڪلي ساڻس نفس، خواهشات ۽ شيطان لڳائي ڇڏيائين تہ جيئن اها حجت بہ تام ٿي سگهي تہ ڪير رحمان جو بندو آهي ڪير شيطان جو بندو بڻجي بيهي ٿو. انهيءَ سلسلي نبوت ڪي انسانن جي رهنمائي لاءِ منتخب ڪري هدايت جو رستو پڻ ڏيکاريائين.

امام الانبياءِ خاتم النبيّين آقا نامدار حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن کان بعد رهنمائي جي ذميواري هن امت جي اهل علم ۽ عالم سڳورن مٿان آئي. عالم سڳورا نبوي علم جا وارث آهن. "إِنَّ الْعُلَمَاءَ وَرَثَةُالأَ نْبِيَاءِ، إِنَّ الأَ نْبِيَاءَ لَمْ يُوَرِّثُوا دِينَارًا وَلاَ دِرْهَمًا إِنَّمَا وَرَّثُوا الْعِلْمَ فَمَنْ أَخَذَ بِهِ أَخَذَ بِحَظٍّ وَافِرٍ" ترجمو: بيشڪ عالم نبين (عليهم السلام) جا وارث آهن. نبين (عليهم السلام) ڪنهن کي درهم يا دينار جو وارث ناهي بڻايو بلڪ انهن علم جو وارث بڻايو آهي.

احاديث مبارڪ ۾ علم ۽ اهل علم جو شان هن طرح بيان ٿيو آهي:

عالم جو شان ڏاڍو آتم آهي. رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن فرمايو: "قليل العلم خير من كثير العبادة." ترجمو: علم جو ٿورڙو مقدار عبادت جي گهڻي مقدار کا افضل آهي.

رسول الله صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن فرمايو تہ عالم جي عابد مٿان فضيلت ايئن آهي جيئن منهنجي ادنيٰ امتي مٿان.

"يشفع يوم القيامة ثلاثة: الأنبياء، ثم العلماء، ثم الشهداء"

ترجمو: بروز قيامت ٽيريان نبي سڳورا عليهم السلام سفارش ڪندا پوءِ عالم سڳورا ۽ پوءِ شهداءِ ڪرام

"يوزن يوم القيامة مداد العلماء ودم الشهداء فيرجح عليهم مداد العلماء على دم الشهداء".

ترجمو: قيامت جي ڏينهن عالمن جي قلم جي مس ۽ شهيدن جو رت توريا ويندا تہ عالمن جي مس شهيدن جي رت کان وڌيڪ ڳوري ٿي ويندي.

مٿي بيان ڪيل حديثن منجهان علم ۽ اهل علم جي فضيلت جو بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو. هي سموري فضيلت با عمل عالم سڳورن لاءِ آهي. اهڙا علماءِ ڪرام امت محمديہ ۽ پنهنجي علائقي وارن لاءِ ڪنهن رحمت کان گهٽ ناهن هوندا. اسان جي ميهڙ جي مٿي بہ اهڙن با عمل عالم سڳورن سان شاد رهي آهي. ميهڙ جي جامعه مسجد ۾ حضرت مولانا عبدالڪريم ڏيرو (الديروي)ؒ جهڙو مُسلَّم ولي الله مُدرس جي حيثيت سان تدريس جي عمل ۾ مشغول رهيو تہ وري مولانا ديرويرح کان بعد وري سندس نياڻو ۽ پائٿيو سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ علم تجويد کي عام ڪرڻ وارو عظيم ڪردار عالم حضرت مولانا قاري محمد ڏيروؒ جهڙو جوان بہ تدريس جي ميدان جي شهسواري ڪندو رهيو. هن ئي جامعه مسجد اڪبري ميهڙ ۾ توحيد جو متوالو جامعه مدينہ جو فارغ التحصيل حضرت مولانا تاج محمد سڏايوؒ بہ پڙهائيندو رهيو. اهڙن اهل علم با عمل عالم سڳورن جي هڪ مالها هئي جيڪا هن مسجد ۾ تدريس جي خدمت ۾ مشغول رهي. مون جنهن هستيءَ کي پنهنجي اکين سان هن مسجد جي تدريسي مَسند تي جنهن عالم با عمل کي ڏٺو اهو سائين مفتي ڪريم بخش مگسيؒ هو. سندس علم ۽ عمل اسان ميهڙ وارن لاءِ ابرِ رحمت رهيو. مفتي صاحبؒ مسلڪي مت ڀيد کان بلڪل مٿانهون رهيو. سندس علمي حلقي ۽ ڪچهري منجهہ مختلف مسلڪن جا ماڻهو بنا ڪنهن ججهڪ جي اچي ويهندا هئا ۽ مفتي صاحبؒ طرفان علمي موتين سان گڏ بي حد پيار محبت ۽ خلوص بہ ميڙي ويندا هئا. مفتي صاحب علم جي موجزن ساگر مثل ڪافي وقت ميهڙ ۾ موجود رهيو. مفتي صاحب جهڙو علم، تهڙو اهل علم ۽ ڪتابن جو ديوانو هوندو هو. قلمي ناياب نسخن سان سندس عشق تمام گهرو هو. راقم

جڏهن حضرت مولانا قاري محمد ڏيروؒ جن تي پنهنجي ايم فل جي ٿيسز لکي رهيو هو ان وقت جيڪي سفر شڪارپور، گهوٽڪي، روهڙي، سکر، ڪنڊيارو، شهدادپور، مٽياري ۽ ٻين شهرن ۾ ٿيا. بلا مبالغہ اتي جي تقريبًا سيني اهل علم بزرگن جڏهن منهنجي زباني ٻڌو تہ منهنجو تعلق ميهڙ سان آهي تہ انهن ميهڙ ۾ صرف هن ئي هڪ اهل علم با عمل شخصيت جي باري ۾ پڇيو ۽ ساڻن گڏ گذاريل لمحن جي واکاڻ ڪندي مون کي ڏاڍي فخر سان ٻڌائيندا رهيا. تقريبًا سيني اها ڳالھ متفق طور ٻڌائي تہ مفتي صاحب جو وڌن اڪثر سفر ڪتابن جي حاصلات لاءِ ئي رهيو. مفتي صاحب جن جهڙو اهل علم ڪتابن جو عاشق ڪمال ڪردار واري زندگي گذاري ويو. راقم انهيءَ ڳالھ جو عيني گواھ آهيان تہ جڏهن ڀائو فاروق احمد چنا [1] مفتي ڪريم بخش مگسيرح جن تي ايم فل جو مقالو لکڻ لاءِ ٽاپڪ اپروول لاءِ ڊاڪٽر منير احمد (ڊين آف فيڪلٽي اسلاميات، سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو) وٽ حاضر ٿيو تہ ان وقت آءٌ بہ ساڻس گڏ هئس. ڊين صاحب اردو اسپيڪنگ آهي. ڊين صاحب جڏهن ٽاپڪ پڙهيو تہ پڇيو تہ مفتي صاحب زنده آهي؟ مون عرض ڪيو تہ نہ سائين! اسان انهيءَ نعمت کان محروم ٿي چڪا آهيون. منهنجي انهيءَ جواب ڏيڻ تي ڊين صاحب مون کان پڇيو تہ توهان مفتي صاحب جن کي ڏٺو هو؟ مون عرض ڪيو تہ جي سائين. انهيءَ جواب کان بعد ڊين صاحب وري سوال پڇيو تہ تون ميهڙ جو آهين؟ مون وراڻيو تہ جي سائين. اهو ٻڌي ڊين صاحب اسان جي لاءِ چانھ جو آرڊر ڏنو. حڪم ٿيو تہ اڄ پنهنجي استاد سان ويهي چانھ بہ پيئو ۽ ڪجھ ڪچهري بہ ڪيو. ڊين صاحب ڳالھ شروع ڪئي. "مون جڏهن پنهنجي پي ايچ ڊي جو مقالو لکيو ٿي ان وقت مون کي خبر پئي تہ ميهڙ ۾ ڪو مفتي ڪريم بخش

---

[1]. هن مقالي جو ليکڪ، فاروق احمد چنا منهنجو ايم فل ۾ بہ هم ڪلاس رهيو ۽ پي ايچ ڊي ۾ بہ گڏ پڙهي رهيا آهيون ۽ الحمدلله مفتي ڪريم بخش مگسيؒ جن تي ايم فل ڪرڻ جو اصرار بہ مون ئي ڪيو ۽ ڪيس هي موضوع کڻائڻ لاءِ اتساهيو هو.

مگسي رهندو آهي، وٽس قلمي نسخن جو هڪ سٺو ذخيرو موجود آهي. بس مان توهان جي شهر ميهڙ پهچي ويس. مفتي صاحب جن سان پهرين ملاقات ۾ ايئن محسوس ٿيو گويا سالن کان وٺي اسان جي واقفيت هجي. وري سندس ملڻ ۽ خاطر تواضع ڪرڻ جو محبت ڀريو انداز ايئن محسوس ڪرائي رهيو هو جڻ پنهنجي ڪنهن وڏي جي سايہ شفقت ۾ هجان. مون پنهنجي اچڻ جو احوال پيش ڪيو. مفتي صاحب پنهنجي لائبريري ڏيکاري. وٽس قلمي نسخن جو ذخيرو حيران ڪندڙ هو. مون موقعو غنيمت سمجهي انهن منجهان ڪجھ قلمي نسخن جي ڦوٽو ڪاپي ڪرائڻ جي اجازت طلب ڪئي. پاڻ خوشيءَ سان اجازت ڏنائون. توهان پاڻ اندازو لڳايو تہ مون اتي چار ڏينهن ۽ راتيون جامعه مسجد اڪبري ميهڙ ۾ رهي ڪيترن قلمي نسخن جون ڦوٽو ڪاپيون ڪرايون هونديون! چار ڏينهن کان بعد واپسيءَ تي ڦوٽو ڪاپين جا ڪارٽون پيڪ ٿيل پاڻ سان گڏ ڪٽي آيس. ڇا تہ ڪتابن خاص ڪري قلمي نسخن جو ديوانو عاشق مفتي صاحب جي روپ ۾ ڏٺم." پوءِ مفتي صاحب جن سان گذاريل لمحن جون يادون ونديائين. مفتي صاحبرح جن جي علم، ڪردار ۽ عمل جي باري ۾ وڌيڪ ڇا لکان. محترم دوست فاروق احمد چنا صاحب جي مقالي کي پڙهڻ سان انهيءَ جي باري ۾ ڪافي معلومات ملي ويندي.

مولانا اعجاز علي سوڍر
پي ايچ ڊي اسڪالر ميهڙ
03013349366
aijazsodhar58@gmail.com

مقدمو

سنڌ جي زمين تي صحابہ ڪرام رضي الله عنهم جي آمد ڪافي وقت اڳ ۾ ٿي چڪي هئي. اسلام جا هي عظيم سپاهي هندستان جي سرزمين جو شان وڌائڻ خاطر فردن فردن ڪافي وقت اڳ ۾ اچي چڪا هئا پراسلام کي قانوني طور آڻڻ جو اعزاز حجاج بن يوسف (661_714) جي پائٽي محمد بن قاسم(695_715) جي نصيب ۾ آيو. محمد بن قاسم پنهنجي اسلامي پائرن جي قافلي لٽجڻ جي نتيجي ۾ قيدي بڻيل اسلامي پائرن ۽ پينرن جي فرياد رسي خاطر سن 712ع ۾ سنڌ تي ڪاھ ڪري راجا ڏاهر (633_712) کي شڪست ڏئي سنڌ فتح ڪئي.1 هن نوجوان جي آمد سان اسلام جي پاڪيزه تعليمات بہ ديبل جي رستي سنڌ ۾ داخل ٿي. هي جرنيل سنڌ ۾ ديبل جي بندرگاھ وٽان داخل ٿيو. اسلام جي هن جرنيل جي آمد سان سنڌ کي برصغير ايشيا پاڪ و هند ۾ باب الاسلام (اسلام جو دروازو) هئڻ جو شرف مليو. عربي زبان ۾ هڪ چوٽي مشهور آهي 'الاول فالاول'. جنهن کي سنڌيءَ ۾ هيئن چئبو 'جيڪو اڳي سو تڳي'. سنڌ ۾ اسلام جي ابتدا سان گڏ اسلام جي تعليم بہ پکڙجڻ شروع ٿي. سنڌ جو مقدر بالا بڻيو. هن جرنيل اچڻ سان ئي هن خطي ۾ اسلامي تهذيب ۽ ثقافت کي فروغ ڏنو.2 تاريخ جي ورقن ۾ لکيل آهي تہ محمد بن قاسم پنهنجو پاڻ کي سنڌين لاءِ تمام گھڻو شفيق ۽ رحمدل فاتح ۽ رعايہ پرور حڪمران ثابت ڪيو. هن نوجوان سپه سالار جنهن رواداري، بردباري، حسن سلوڪ ۽ لطف و عطا جا نمونا پيش ڪيا، انهن جا مثال تاريخ عالم ۾ تمام گهٽ ملن ٿا.3 هن مظلوم ہڏن کي بہ چوٽڪارو ڏياريو ۽ کين مذهبي آزادي ڏني. جڏهن کيس معزول ڪيو ويو ۽ هو سنڌ مان هليو ويو تہ ماڻهن روئي ڏنو. محمد بن قاسم هرهڪ شهر جي فتح ڪرڻ ڪانپوءِ سنڌ ۾ هميشہ لاءِ مسلمانن جو مضبوط بنياد قائم ڪرڻ جي ارادي سان اتي ٿورا گهڻا

مسلمان رهائيندو به ويو، مگر ان فاتح ۽ مفتوح ۾ فرق روا نه رکيو ۽ فاتح قوم لاءِ نه جدا شهر آباد ڪيائين ۽ نه وري شهر جو ڪو امتيازي حصو انهن لاءِ مخصوص ڪيائين. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو مفتوح قوم کي فاتح قوم (مسلمان قوم) جي تهذيب، تمدن ۽ مذهب کان واقف ٿيڻ جو ڪافي موقعو مليو ۽ ٿورڙي وقت ۾ دل جي خوشيءَ سان ان جي تهذيب، تمدن ۽ مذهب کي قبول ڪري ورتائين. هي انهيءَ پاڪ ڪوششن جو اثر آهي جو اڄ ساري سنڌ ۾ مسلمان قديم رهاڪن کان چؤڻا آهن ۽ سنڌ جو قديم ۽ اصلي رهاڪو تصور ڪيا وڃن ٿا.4

محمد بن قاسم هرهڪ شهر ۾ هڪ مسجد تعمير ڪرائي ۽ هر هڪ مسجد ۾ هڪ مدرسو قائم ڪيو ۽ هرهڪ مسلمان لاءِ تعليم لازمي قرار ڏني. ايسيتائين جو فوجي سپاهين لاءِ تعليم لازمي هئي ۽ انهن کي ذاتي پگهار کان علاوه تعليم لاءِ وظيفا (الائونس) به ملندا هئا. جنهن جو اثر هي ٿيو جو سنڌ ۾ وڏيون وڏيون علمي درسگاهون قائم ٿي ويون. وڏا وڏا عالم، فاضل، فقيه،اسڪالر، محدث، شيخ القرآن، حافظ، شيخ الحديث، شيخ التفسير، صوفي، عابد، زاهد ۽ قاري جنم وٺڻ لڳا. جن کي ساري اسلامي دنيا جي استاديءَ جو فخر حاصل ٿيو ۽ دور دراز ملڪن جا ماڻهو سندن شاگرديءَ جي شرف حاصل ڪرڻ واسطي هتي ايندا رهيا. ان وقت سنڌ کي هندستان جو نه بلڪ عربستان جو هڪ حصو سمجهيو ويندو هو. ڪيترائي عالي مرتبه شرفاءِ عرب سنڌ ۾ اچي گهر بار ڪري وينا ۽ صرف ڪوفو ۽ بصره نه بلڪ ملتان ۽ منصوره به عالي خاندان امراءِ عرب جي نوآبادين ۾ شمار ٿيڻ لڳا. انهن جو نسل خوب وڌيو ويجهيو. ان ڪانپوءِ جي جهالت سنڌ جي مسلمانن کان هيءَ ڳالهه پلرائي ڇڏي ته اهي ڪير آهن ۽ ڪهڙي خاندان جي يادگار آهن. ليڪن هن ۾ ذري جيترو به شڪ ڪونهي ته انهن جو وڏو حصو نامورانِ عرب جي نسل مان آهي. سنڌ تي حملي ڪرڻ وقت مسلمان ڇڙا آيا هئا. ڪنهن به تاريخ مان هيءَ ڳالهه ثابت نه ٿي ٿئي ته انهن پاڻ سان زالون به

آنديون هيون. سنڌ ۾ مستقل سڪونت اختيار ڪرڻ ڪانپوءِ انهن سنڌ جي نومسلمانن مان شاديون ڪيون ۽ سندن نسل ڪثرت سان ساري سنڌ ۾ ڦهلجي ويو.

ٻن قومن جي خون جي ملاوٽ سبب خالص عربي تهذيب سنڌ ۾ جيتوڻيڪ گهڻو وقت قائم نہ رهي مگر هندستان جي ٻين حصن جي مقابلي ۾ ان جا آثار هتي وڌيڪ نظر اچن ٿا ۽ ڪيترين ئي ڳالهين ۾ سنڌ جي مسلمانن کي فوقيت حاصل آهي.5 محمد بن قاسم جنگ جي ميدان ۾ جيترو سخت هو، عام زندگيءَ ۾ اوترو ئي خوش مزاج، ملڻسار، بامروت ۽ رحمدل هو. هن جي مذهبي رواداري غيرن جي دلين کي موهيو. سندس حسن اخلاق جو نتيجو هو جو جڏهن کيس گرفتار ڪري خليفي جي درٻار ۾ حاضر ڪرڻ لاءِ سنڌ مان وٺي وڃڻ لڳا تہ جتان جتان سندس گذر ٿيو، هر علائقي جا ماڻهو ديوانہ وار ڊوڙندا آيا ۽ اشڪبار اکين سان استقبال ڪري کيس رخصت ٿي ڪيائون.

ميهڙ جي مٽي بہ ڏاڍي ذرخيز رهي آهي. هن مٽي منجهان وڏن وڏن عالمن، اديبن، محققن، مفسرن، سياسي ۽ سماجي اڳواڻن جنم ورتو آهي. انهن عظيم انسانن جي فهرست ۾ مفتي ڪريم بخش مگسي صاحب بہ شامل آهي.

موضوع جو تعارف (Introduction)

سر زمين سنڌ جو ذرخيز خطو هر دور ۾ ديني، علمي، سماجي ۽ سياسي جوڌن جوانن سان سر سبز و شاداب رهيو آهي. هن سر زمين جي سپوتن پنهنجو پاڻ هر ميدان ۽ محاظ تي مڃرايو آهي. سنڌ جي ضلعي دادو بہ اهڙا انمول هيرا پيدا ڪيا آهن. جن جي زندگي ايندڙ نسل لاءِ باعث فخر ۽ مثال آهي. ضلعي دادو جي تعلقي ميهڙ ۾ بہ بي بها گوهر جنم وٺي چڪا آهن. جن خدمت انساني ۾ پنهنجو پاڻ کي امر بڻايو. ميهڙ جي مٽي بهترين عالمن، قارين، حافظن، سياسي رهنمائن،

سماجي اڳواڻن ۽ دلير جوانن کي جنم ڏنو آهي. انهن پاڪ ارواحن جي فهرست ۾ سائين مفتي ڪريم بخش مگسيؒ به سرفهرست آهي. هي بزرگ فارسي علم، شريعت جي مسئلن۽ فتوائن ڏيڻ ۾ پاڻ مجرايو ته ان سان گڏو گڏ تصوف جي دنيا ۾ به مايا ناز رهيو.

سائين مفتي ڪريم بخش مگسيؒ جي وفات سان هڪ اهڙو خال پيدا ٿيو جنهن کي پر ٿيڻ ۾ تمام گهڻو وقت لڳندو.سائين مفتي ڪريم بخش مگسي دادو ضلعي جي تعلقي ميهڙ جي شاهه پنجي سلطان ۽ مخدوم سيدي موساڻي جي درگاهه جي وچ تي مشهور علمي ڳوٺ سوڀو خان مگسي ۾ سال ١٣٤٤ هجري بمطابق ١٩٢٦ ع ۾ پيدا ٿيو. سندس والد بزرگوار جو نالو خليفو مولوي غلام مصطفيٰ مگسي هو، جيڪو هڪ درويش صفت انسان ۽ علم جو شيدائي هو.

شروعاتي تعليم پنهنجي ڳوٺ جي ديني مدرسي ”دارالفيوض“۾ حضرت علامه عبدالڪريم مگسي وٽ پڙهيو ۽ ڪجهه وقت دادو جي قريب ”مدرسه اميناڻي شريف“۾ پڙهيو. پاڻ تيرهن سالن جي عمر ۾ پڙهڻ سان گڏ قرآن شريف ۽ ننڍا، ننڍا ڪتاب به پڙهائيندو هو.

ان ئي مدرسي ۾ دستار بندي ڪيائين، علمي فراغت کان پوءِ پنهنجي استاد جي مدرسه ”دارالفيوض“۾ پنهنجي استاد جي حڪم موجب استاد جي زير نگراني ۾ سندس خدمت ۽ درس وتدريس جو سلسلو شروع ڪيائين. ان مدرسي ۾ پڙهائڻ دوران ملڪ ۾ نيون سياسي ۽ سماجي تبديليون شروع ٿيون. جنهن ۾ خاص طور تي بنيادي جمهوريت واري نظام جي ابتدا ۾ پاڻ بي. ڊي (Basic Democracy) جو ميمبر منتخب ٿيو.

مولانا مفتي ڪريم بخش مگسي پنجٽيهن سالن کان پوءِ ١٩٦٠ع ڌاري علم دين جي وسيع خدمت واسطي پنهنجي ڳوٺ کي ڇڏي پاڻ پهريان خواجه (نور) مسجد واري مدرسي ۾ ميهڙ آيو بعد ۾ سنڌ جي نامور سياستدان ۽ عالم حضرت علامه سيد علي اڪبر شاهه

عليہ الرحمة جن جي اصرار تي اتان ڇڏي اچي ”مدرسہ عربيہ اڪبريہ دارالقرآن جامع مسجد ميهڙ“ ۾ پڙهائڻ شروع ڪيائين جيئن تہ سائين علي اڪبر شاھ نهايت متقي انسان هو. هن مسجد کي اوقاف کاتي جي حوالي ڪري ڇڏيو. مسجد جي اوقاف کاتي جي تحويل ۾ اچڻ بعد مفتي صاحب اوقاف کاتي ۾ بحثيت خطيب ۽ امام مقرر ٿيو. بعد ۾ پاڻ ضلعي خطيب پڻ مقرر ٿيو. پاڻ اوقاف مان پگهار کڻندو هو پر مدرسي جو ڪم بنا پگهار جي ڪندو هو.

”مدرسہ عربيہ اڪبريہ دارالقرآن جامع مسجد اڪبري ميهڙ“ ۾ سندس تعليم ۽ تربيت ذريعي سواسو عالم دين پنج سو حافظ سڳورا فارغ التحصيل ٿيا.

پاڻ پهريان تصوف جي نقشبندي سلسلي ۾ حضرت پير عبدالغفار عليہ الرحمة ۽ بعد ۾ حضرت آغا عبدالحي جان چشموي رحمة الله عليہ کان فيضياب ٿيو. قادري طريقي ۾ حضرت عبدالغفور مدني رحمتہ الله عليہ کان مديني منوره ۾ دست بيعت ٿيو، کيس انهن کان خلافت بہ مليل هئي.

کيس پنهنجي مرشد کان مريد ڪرڻ جي پڻ اجازت هئي پر پاڻ مريد تمام گهٽ ڪيائين ۽ علم کي وڌيڪ اهميت ڏنائين.

حضرت مولانا مفتي ڪريم بخش مگسي جن تاريخ ٨ ذوالقعده ١٤٢٧ھ بمطابق ٢٩ نومبر ٢٠٠٦ ع تي هن فاني دنيا کي الوداع چيو.

حضرت مفتي ڪريم بخش مگسيؒ جون تصنيفات

١. مسائل ضروري — ڇپيل
٢. مواعظِ ڪريميہ — ڇپيل
٣. فيض الڪريم في اصول حديث الرحيم ﷺ — ڇپيل
٤. ميهڙ جون ديني درسگاهون — ڇپيل
٥. ڪشڪول ڪريمي — اڻ ڇپيل
٦. تواريخ مصطفائي — اڻ ڇپيل

موضوع جي اهميت ۽ ضرورت (Need and Significance of the Topic)

هر انسان پنهنجي ڪردار ۽ عمل سان سڃاتو ويندو آهي. اهي انسان جن پنهنجي پوري جيون کي ٻين جي مدد ۽ خدمت ۾ صرف ڪيو، اهي اسان جي لاءِ ۽ ايندڙ نسل جي لاءِ مشعل راهه ثابت ٿيندا آهن. اگر اهڙن عظيم انسانن جي زندگي ۽ ڪردار کي منظر عام تي نہ آندو ويندو تہ يقيناً ايندڙ نسل انهن جي مثالي زندگين ۽ خدمتن کان بي خبر رهجي ويندو. حضرت مولانا مفتي ڪريم بخش مگسيؒ جن پنهنجي زندگي ديني ۽ علمي خدمتن لاءِ وقف ڪري ڇڏي ۽ ايندڙ نسل لاءِ بهترين مثال پيش ڪري چڪو آهي. سائين مفتي صاحب جي ديني ۽ ادبي خدمتن جا معترف ماءُ ۽ پيءُ ماضي قريب ۽ حال جي عوام سان گڏ علماءَ ڪرام بہ آهن. سائين مفتي صاحب مشهور و معروف مفتي ۽ فقيهہ هئڻ سان گڏ عظيم استاد ۽ با عمل عالم ۽ تصوف جي ميدان جو بهادر سپاهي بہ هو. سائين مفتي صاحب جي عظيم ديني ۽ ادبي خدمتن تي ڪا تحقيق نہ ٿي سگهي آهي. ان ڪري مفتي صاحب جي عظيم شخصيت تي تحقيق ڪئي وڃي ۽ اهڙي بلند مرتبہ عالم با عمل ۽ عظيم استاد جي خدمتن ۽ مقام و مرتبي کان ايندڙ نسل کي آگاهہ ڪيو وڃي.

تحقيق جا مقصد (Objectives of the research)

هن تحقيق منجهان اسان کي هيٺيان مقصد حاصل ٿيا.

١. حضرت مفتي ڪريم بخش مگسيؒ جي شخصيت جي اوجهل ۽ متفرق پهلوئن کي اجاگر ڪيو ويو.
٢. حضرت مفتي صاحب جي ديني ۽ علمي خدمتن کي منظر عام تي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي وئي.
٣. حضرت مفتي صاحب جي ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل ڪتابن جي نشاندهي ڪئي وئي.
۴. حضرت مفتي صاحب جي ڪتابن جو اڻ ذريو ۽ بي لاگ اڀياس ڪيو ويو.

تحقيق جا فائدا (Benefits of the research)

مفتي صاحب جي زندگي شريعت مطهره جي روشني ۾ گذري. سنت مطابق عمل ڪندو رهيو. سندس سوانح، ديني ۽ علمي خدمتن کي تحريري صورت ۾ محفوظ ڪري اڄ جي دور ۽ ايندڙ نسل لاءِ آرسي طور مقالي جي صورت ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. هن تحقيق مان اهو فائدو ٿيو آهي ته جيڪو احوال اڳ ترتيب ۾ نه هو. اهو هڪ هنڌ يڪجا ٿيو.

اڳ ۾ ٿيل ڪم جو جائزو (Literature Review)

١.جوڳيئڙا جهان ۾

هي ڪتاب مفتي صاحب جي وڏي فرزند محمد امين صاحب جي تصنيف آهي. هي ڪتاب دادو ضلعي جي مشهور ديني ۽ مذهبي شخصيتن جي سوانح ۽ خدمات تي مشتمل آهي. هن ڪتاب ۾"مفتي ڪريم بخش مگسي" جي عنوان تحت مفتي صاحب تي مصنف هڪ مضمون تحرير ڪيو آهي. هي مضمون محمد موسىٰ پٽو صاحب جو لکيل آهي. جيڪو رسالي بيداري ۾ ڇپيو هو. هن مضمون جي شروع ۾ محمد امين صاحب پنهنجي والد صاحب جو مختصر احوال ڏنو آهي. محمد امين صاحب محمد موسىٰ پٽو صاحب جو لکيل مضمون ئي شامل ڪيو آهي. هن مضمون ۾ مفتي صاحب جي سوانح ۽ خدمات تي سنو لکيو ويو آهي. هي مواد مفتي صاحب جي باري ۾ سني ڄاڻ ڏئي ٿو ۽ ڪافي اهميت جوڳو آهي.

٢. موهيا ڪنهن نه مال

هي ڪتاب ميهڙ شهر جي اديب ۽ محقق عالم ڏيرا خاندان جي علمي شخصيت مولانا حبيب الله ڏيرو المعروف حبيب حضوري صاحب جي تصنيف آهي. هي ڪتاب ميهڙ شهر جي مشهور سياسي ۽ سماجي

شخصيت سيد علي اڪبر شاھ صاحب جي خدمتن ۽ سوانح تي مشتمل آھي. ھن ڪتاب ۾ ھڪ مضمون ” اجا ڪي آھين ڪل جڳ ۾ ڪاپڙي“ جي عنوان تحت صفحي نمبر 180 کان 184 تائين مفتي صاحب بابت لکيو آھي. ھن مضمون جي شروع ۾ مفتي صاحب جي پيدائش ۽ تعليم جي باري لکيو ويو آھي. ان کان بعد سندس سماجي، سياسي ۽ تدريسي خدمتن بابت وضاحت ڪئي وئي آھي. سندس تصوف سان لڳاءُ ڪردار، اذڪار ۽ سندس معمولات بابت لکيو ويو آھي. ان کان پوءِ سندس بيعت ۽ سندس تصنيفات جي باري ۾ لکيو ويو آھي. ان کان پوءِ سندس ڪردار ۽ اخلاق جي باري ۾ وضاحت ڪئي اٿائين. آخر ۾ مفتي صاحب جي اولاد جي باري ۾ بہ مختصر تعارف لکيو ويو آھي. مولانا حبيب الله صاحب جو ھي ساڳيو مضمون ساڳئي عنوان سان ماھوار صراط الھدیٰ جي خصوصي نمبر، سلسلو نمبر 33، ڊسمبر 2006 ۾ بہ موجود آھي.

٣.ماھوار صراط الھدیٰ ، سلسلو نمبر33، خصوصي نمبر، ذي الحج 1427، ڊسمبر 2006

پروفيسر مولانا غلام عباس قادري صاحب جي سرپرستيءَ ۾ اداره علوم اسلامي گلشن اقبال ڪراچيءَ منجهان نڪرندڙ ماھوار صراط الھدیٰ رسالي جو خصوصي نمبر سلسلو نمبر33 ذوالحج 1427ھ ڊسمبر 2007ع وارو سمورو رسالو مفتي ڪريم بخش صاحب تي مختلف ماڻهن طرفان لکيل مختلف مضمونن تي مشتمل آھي. ھي رسالو ننڍي تختي تي مشتمل آھي. ھن رسالي جي شروعات ۾ فھرست کان بعد مولانا غلام عباس قادري طرفان ”رباني عالم دين، سلف جي علم ۽ اخلاق جو امين حضرت علامہ مفتي ڪريم بخش “ جي عنوان تحت مفتي صاحب جي باري ۾ پنھنجا تاثرات صفحي نمبر1 تي لکيل آھن. سندس تاثرات ھڪ صفحي تي مشتمل آھن. ان کان بعد رسالي جي

صفحي نمبر 4 تي مفتي صاحب وڏي فرزند محمد امين طرفان ”حضرت قبلہ والد جن کي جيئن ڏٺو مون“ جي عنوان تحت پنهنجي والد محترم جي باري ۾ پنهنجا تاثرات ۽ پنهنجي والد صاحب جي ڪردار بابت صفحي نمبر 7 تائين هڪ مضمون لکيل ڇپيل آهي. آخر ۾ پروفيسر علامہ غلام عباس قادري صاحب ۽ جن ماڻهن جا مضمون هن رسالي ۾ ڇپيل آهن تن جو شڪريو ادا ڪيو آهي. هي مضمون رسالي جي چار صفحن تي مشتمل آهي. صفحي نمبر 8 تي مفتي حافظ محمد عيسىٰ چنو صاحب جو لکيل مضمون ”مشفق مهربان استاد مفتي ڪريم بخش مگسي رح“ جي عنوان سان ڇپيل آهي. مفتي عيسىٰ صاحب هن مضمون ۾ مفتي ڪريم بخش صاحب سان سندس تعلق ڪيئن شروع ٿيو. ان کان بعد مفتي صاحب جي باري ۾ هڪ واقعو سعودي عرب جو ۽ ان کان بعد سندس باري ۾ پنهنجا تاثرات لکيا آهن. سندس جو لکيل هي مضمون ٻن صفحن تي مشتمل آهي. ان کان بعد صفحي نمبر 10 کان 13 تائين چئن صفحن تي مشتمل مولانا حبيب الله ڏيرو جو مضمون ”اجا ڪي آهين ڪل جڳ ۾ ڪاپڙي“ جي عنوان سان لکيل آهي. حضوري صاحب هن مضمون ۾ مفتي صاحب جي مختصر سوانح لکي آهي. هن مضمون ۾ مفتي صاحب جي تحصيل علم ۽ تدريسي خدمت ۽ مفتي صاحب جي بيعت بابت لکيو آهي. آخر ۾ مفتي صاحب جي پٽن جي باري ۾ مختصر لکيو آهي. ان کان پوءِ رسالي جي صفحي نمبر 14 کان 15 تائين ڊاڪٽر محمد اشرف سمون طرفان مفتي صاحب جي باري ۾ سندس تاثرات ”يادگارِ سلف مرحوم مفتي ڪريم بخش مگسي رح“ جي عنوان تحت لکيل آهن. ان کان بعد وري صفحي نمبر 16 کان 17 تائين ٻن صفحن تي مشتمل ”مولانا مفتي ڪريم بخش مگسي رح“ جي عنوان سان غلام عباس طرفان لکيل مضمون شامل ڪيو ويو آهي. هي مضمون بہ مفتي صاحب بابت سندس تاثرات ئي آهن. صفحي نمبر 18 تي محمد اسماعيل ڪوسو طرفان لکيل سندس

تاثرات"حجة الاسلام مولانا ڪريم بخش مگسيؒ" جي عنوان سان لکيل آهن. صفحي نمبر 19 کان 20 تائين " مولانا ڪريم بخش مگسيؒ " جي عنوان تحت علي گل چانڊيو جا تاثرات لکيل آهن. "سنڌ جو برک عالم سائين مفتي ڪريم بخش مگسويؒ " جي عنوان هيٺ حافظ بدرالدين آڳرو جا تاثرات صفحي نمبر 21 کان 23 تائين ٽن صفحن تي مشتمل تاثرات لکيل آهن. ان کان بعد الحاج شاهنواز"مسافر" طرفان مفتي صاحب جي مختصر سوانح ۽ خدمتون نظم جي صورت ۾ لکيل آهن. سنڌس هن شاعري کي "علامہ مفتي ڪريم بخش مگسي (منظوم سوانح عمري)" جي عنوان تحت لکيو ويو آهي.ان کان پوءِ ميھڙ شهر جي مشهور سگهڙ شاعر محبوب علي محبوب ڏيپر جي شاعري جيڪا مفتي صاحب تي لکي اٿس" سو سائين ڪريم بخش مگسي يار" جي عنوان هيٺ رسالي جي صفحي 27 کان 28 تائين ٻن صفحن تي ڏنل آهي. ان کان بعد علي گل "گل" چانڊيو جي شاعري مفتي صاحب بابت "راحمين رب جون مجو سيِ رضائون" جي عنوان تحت صفحي نمبر 29 تي ڏنل آهي. ان کان بعد "سائين وڏي جي ڪجھ شاگردن جو مختصر تعارف" جي عنوان هيٺ مولانا امام الدين نوناري، مولانا غلام سرور خضري، مولانا محڪم الدين سيال، مولانا فتح محمد بروهي، مولانا ڊاڪٽر عبدالرسول قادري، مولانا محمد اقبال سولنگي، حافظ محمد طاهر سولنگي، حافظ مولانا عبدالجبار گهانگهرو، مولانا سيد جمن شاهہ مولانا نور محمد ڏاهري، مولانا ثناء الله انصاري، مولانا عبدالجبار ميراڻي، مولانا عبدالقادر بروهي، مولانا ڏٽي بخش لغاري، مولانا محمد نواز مهيسر، مولانا حبيب الله ڏيرو، مولانا سڪندر علي ڪوسو، حافظ نور احمد جتوئي، حافظ مولانا تاج محمد گاڏهي، مولانا محمود الحسن سوڍر، مولانا غلام قادر ڏيپر، مولانا علي حسن پنهور، مولانا گل حسن ابڙو،مولانا حامد الله آڳرو،مولانا عبدالوهاب جتوئي، حافظ محمد تيوڙو، مولانا خدابخش بروهي ۽ مولانا مولابخش بروهي جي مختصر سوانح ۽

تعارف صفحي نمبر 30 کان 38 تائين لکيل آهي. صفحي نمبر 39 کان 70 تائين مفتي صاحب جي وفات تي پير فخرالدين جان چشموي، محمد عبدالغفار جاناني غفاري نقشبندي، محمد طاهر بخشي نقشبندي، خليل احمد الاشرفي الازهري ويهڙ شريف، حماداللہ خياري شريف، عبدالرحيم سڪندري، محمد ادريس ڏاهري، مولانا غلام عباس قادري، نالي منو ، ڊاڪٽر عبدالرسول قادري، ڊاڪٽر محمد اشرف سمو، مولانا تاج محمد، ڪريم علي جتوئي، غلام نبي سومرو، قاضي شفيق احمد مهيسر، محمد سعيد طاهري، حافظ بدرالدين آگرو، قاري رسول بخش ابڙو، اسحاق شيخ، ڊاڪٽر منير احمد شيخ، حافظ محمد امين جمالي، مولانا حبيب اللہ سومرو، غلام قادر ڏيپر، فتح محمد، مختيار علي، حافظ مدد علي چانڊيو، عبدالحليم، حاڪم علي، مولانا عبدالرحمٰن چانڊيو، مولانا عبدالواحد چانڊيو، قاري محمد يحيٰ، مولانا علي حسن پنهور، مولانا غلام عمر، محمد امين الدين خليلي نقشبندي، عبدالمجيد سوڍر، حامداللہ آگرو، مولانا غلام مصطفیٰ چانڊيو،مولانا محمد هاشم جتوئي، خليل احمد چنو، خير محمد ڏيرو، غلام مصطفیٰ شاھ، عبدالحليم، محمد رانجهن سڪندري، مولانا جوهر بروهي، رفيق احمد جتوئي، محمد اسلم چانڊيو، علي اڪبر عباسي، اسداللہ جتوئي، ڪاشف علي چانڊيو، عزيزالرحمان ڪلهوڙو، سليم مگسي، شهداد علي شيخ، محمد صابر عطاري، محمد رفيق عطاري، محمد راشد مگسي، عبدالباري مگسي، روشن ٻگهيو، هيرا لال، تولا رام، ڪيلاش موهن لال، شهمير اعوانؒ، ڊاڪٽر محمد خان شيخ، اڪبر ڪوڪر، نياز احمد پٽي، غلام مصطفیٰ آٿم، ڊاڪٽر انصاف علي مگسي، ڊاڪٽر علي اصغر جتوئي، عبدالرؤف لاڪير، سعد اللہ سومرو، صديق اڪبر مگسي، سيد الطاف حسين شاھ، عبدالوهاب جتوئي، عزيز مگسي، محمد علي سومرو ۽ محمد دائم مگسي جا تاثرات لکيل آهن.آخر ۾ انهن مختلف سنڌي ۽ اردو اخبارن جون ڪٽنگس ڏنل آهن جن ۾ مفتي صاحب جي وفات جي خبر لڳي

هئي. رسالي جي پنين پاسي ڪريميہ لائبريري ۽ مدرسہ اڪبريہ عربيہ دارالقرآن جامع مسجد ميهڙ جون تصويرون ڏنل آهن.

۴. ماهوار صِراط الهدىٰ ، ڊسمبر 2007ع ذي القعدہ ذي الحج 1428هہ سلسلو نمبر 44

هن رسالي ۾ حافظ بدرالدين آڳرو جو مضمون ” سنڌ جو برک عالم دين علامہ مفتي ڪريم بخش مگسي “ جي نالي سان هڪ مضمون ڇپيل آهي. هن مضمون ۾ حافظ صاحب مفتي صاحب جي علمي زندگيءَ بابت ڪجهہ تفصيل سان لکيو آهي. سندس علمي حيثيت ۽ تدريسي خدمتن بابت ڪجهہ لکي وري مفتي صاحب جو ڪتابن سان چاهہ ۽ سندس لائبريري بابت لکيو آهي. آخر ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي شعر تي پنهنجو هي مضمون ختم ڪيو آهي. هي مضمون رسالي جي صفحي نمبر 14 ۽ 15 ٻن صفحن تي مشتمل آهي.

۵. ماهوار صِراط الهدىٰ ، جنوري 2008ع محرم الحرام 1429هہ سلسلو نمبر 45

هن رسالي ۾ حافظ بدرالدين آڳرو جو مضمون ” علامہ مفتي ڪريم بخش مگسي جي پهرين عرس جو اکين ڏٺو احوال“ جي نالي سان هڪ مضمون ڇپيل آهي. هي بزرگ مفتي صاحب جو پراڻو شاگرد آهي. درگاهہ سيدي موساڻي جي جامع مسجد ۾ اوقاف کاتي سنڌ طرفان پيش امام ۽ خطيب مقرر آهي. هن مفتي صاحب جي پهرين عرس ”ورسي“ جي باري ۾ پنهنجو اکين ڏٺو احوال پيش ڪيو آهي. هن لکيو آهي تہ پروگرام ٽن نشستن ۾ ترتيب ڏنو ويو. ميهڙ شهر جي مرڪزي عيدگاهہ کي خوبصورتيءَ سان سينگاريو ويو. پهرين نشست 10 بجي صبح جو شروع ٿي. ان ۾ انجمن طلباءِ ڪريميہ جي تعاون سان مفتي صاحب جي مزار تي قرآن خواني، منقبت ۽ دعا جو ورد ڪيو ويو. هن پهرين نشست جي صدارت ۽ خصوصي خطاب حسيني جماعت جي

پيشوا سائين سيد غلام حسين شاهه صاحب قمبر واري ڪيو. سائين جن مفتي صاحب جي خدمتن ۽ سندس علمي مرتبي بابت بيان ڪيو. پهرين نشست شام جو 5 بجي تائين هلندي رهي. ان کان بعد لنگر تقسيم ڪيو ويو. سانجهيءَ جي نماز کان پوءِ ٻي نشست جو آغاز ٿيو. اها نشست ذڪر جي صورت ۾ ٿي. ان نشست جي سنڌ جي مشهور درگاهه لوڙهائي جي گادي نشين پير شهاب الدين لوڙهائي صاحب صدارت ڪئي. ان ۾ پير صاحب اجتماعي ذڪر ڪرائي ماڻهن تي وجد طاري ڪري ڇڏيو. ان نشست ۾ ذڪر جون پنج تسبيحون ٿي گذريون. ان کان بعد ٽين ۽ آخري نشست ۾ تلاوت ڪلام پاڪ، نعت، فارغ التحصيل ٿيڻ وارن عالمن ۽ حافظن جي دستار فضيلت ٿي. ان کان بعد سنڌ جي مشهور عالمن جن ۾ پير آغا عبدالرؤف جان چشموي، پير منظور احمد مشوري، پير حبيب الرحمان باقراڻي، پير سيد محمد عاشق علي شاهه خيرپور ميرس، علامه محمد امين خليلي خطيب درگاهه مخدوم بلال، علامه حسين ابڙو، علامه مولوي محمد امين مگسي، علامه محمد عيسیٰ چنو ميهڙ، مولانا حامدالله آگرو خطيب درگاهه سيدي موساڻي، مولانا خليل احمد چنو نصيرآباد، مولانا پير ڪرم الله الٰهي المعروف دلبر سائين ۽ مولانا احمد علي ڏيپر جي شرڪت رهي. ان مجلس ۾ مفتي عبدالرحيم سڪندري، مولانا ادريس ڏاهري ۽ پير ڪرم الله الٰهي صاحب خطاب ڪيو. اهڙي طرح اهو پروگرام ٽن نشستن ۾ منعقد ڪيو ويو. اهو سمورو پروگرام ڪيبل سسٽم جي ذريعي ميهڙ تعلقي جي اڪثر علائقن ۽ ميهڙ شهر ۾ لائيو نشر ڪيو ويو. جنهن ڪري گهرن ۾ موجود مرد توڙي عورتن ان پروگرام ۾ لائيو نشريات جي ڪري شرڪت ڪئي. هي مضمون رسالي جي صفحي نمبر 38 کان صفحي نمبر 40 تائين سوا ٽن صفحن تي مشتمل آهي.

٦.ماهوار صِراط الهدىٰ ، جنوري 2009ع محرم الحرام 1430هه جلد نمبر 3، شمارو نمبر8

هن رسالي ۾ حافظ بدرالدين آگرو جو مضمون ” سنڌ جي برک عالم دين علامه مفتي ڪريم بخش مگسي جي ٻئي (2) عرس مبارڪ ۽ ورسي جي پروگرام جو اکين ڏٺو احوال“ جي نالي سان هڪ مضمون ڇپيل آهي. هن مضمون ۾ لکيو ويو آهي ته مفتي صاحب جي هن ورسيءَ جي پروگرام کي به ٽن نشستن ۾ منعقد ڪيو ويو. هن پروگرام ۾ هڪ عالم ۽ ٽن حافظن جي دستاربندي ٿي. هن پروگرام جي پهرين نشست ۾ مفتي صاحب جي مزار مبارڪ تي گلن جي چادر چاڙهي وئي. ان سان گڏ منقبتون، نعتون ۽ غزل پڙهيا ويا. جن ۾ سنڌ جي مشهور نعت خوانن ۽ غزلين حصو ورتو. ٻين نشست ۾ تلاوت ڪلام پاڪ کان بعد نعتن جو سلسلو شروع ٿيو. ان کان پوءِ مولوي ادريس ڏاهري صاحب خطاب ڪيو. ٽين نشست عشاء جي نماز کان بعد شروع ٿي. ان نشست جي شروعات به ڪلام پاڪ جي تلاوت ۽ نعتن سان ٿي. ان کان بعد خصوصي خطاب آغا عبدالرؤف جان چشموي صاحب ڪيو. ان کان بعد پير ڪرم الله الٰهي صاحب به بيان ڪيو. بيانن کان بعد دستاربندي جو سلسلو شروع ڪيو ويو. اهڙي طرح دستاربندي ڪرائڻ کان بعد هي پروگرام پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهتو. هي مضمون رسالي جي صفحي نمبر 12 کان صفحي نمبر 13 تائين ٻن صفحن تي مشتمل آهي.

٧. ماهوار صِراط الهدىٰ ، آڪٽوبر 2017ع محرم الحرام 1439هه سلسلو نمبر 134

هي رسالو پروفيسر ڊاڪٽر مولانا غلام عباس قادري صاحب جي سرپرستيءَ ۾ اداره علوم اسلامي گلشن اقبال ڪراچي مان ڇپائي پڌرو ڪيو ويندڙ ماهانه رسالو آهي. هن رسالي جو انچارج حافظ محمد سعيد قادري آهي. هن رسالي ۾ ڊاڪٽر عبدالرسول قادري جو مضمون ڪريميه

لائبريري ميهڙ جي نالي سان هڪ مضمون لکيو ويو آهي. هن مضمون ۾ مفتي صاحب جو مختصر تعارف پيش ڪيو ويو آهي. مفتي صاحب جي پيدائش، سندس استاد، سندس تعليم حاصل ڪرڻ، تدريس جي خدمت ۽ سندس تصوف جي باري ۾ مختصر تعارف لکڻ سان گڏ سندس لائبريري جي باري ۾ لکيو ويو آهي. هن مضمون ۾ مفتي صاحب جي لائبريري ۾ موجود قلمي مخطوطن جي ا_ب وار فهرست ڏنل آهي. هي مضمون رسالي جي صفحي نمبر 45 کان صفحي نمبر 47 تائين ٽن صفحن تي ڏنل آهي.

٨. ميهڙ جو آواز، 30 نومبر2008 مطابق 1 ذوالحج 1429ھ

هي مضمون مفتي صاحب جي سوانح حيات تي مبني هڪ پمفليٽ جي صورت ۾ مفتي صاحب جي ٻي ورسي جي موقعي تي ڇپائي عوام ۾ تقسيم ڪيو ويو. هن مضمون جو نالو"ناميارِي عالم دين، محقق علامہ مفتي ڪريم بخش مگسي جي ٻين ورسي جي موقعي تي خاص اشاعت" جي عنوان سان لکيو ويو. هن پمفليٽ کي ڇئن صفحن تي لکيو ويو آهي. هن پمفليٽ جي پهرين صفحي تي حافظ بدرالدين آڳرو جو مضمون "علامہ مفتي ڪريم بخش مگسي جو سوانحي خاڪو" جي عنوان سان مفتي صاحب جي زندگي، تعليم حاصل ڪرڻ، تدريسي خدمتن، سندس تصنيفات، سندس سماجي خدمتن، سندس لائبريري ۽ سندس وفات جو ذڪر ٿيل آهي. هن پمفليٽ جي ٻئين ۽ ٽئين صفحي تي مختلف ماڻهن جا تاثرات " علامہ مفتي ڪريم بخش مگسي جي وفات تي تاثرات" جي عنوان سان لکيل آهن. انهن تاثراتن ۾ آغا فخرالدين چشموي (شڪارپور ۽ ڪوئٽہ)، سيد غلام حسين شاھ قمبر وارا سائين، عبدالغفار جاناني غفاري رحمت پور شريف، پير ڪرم اللهٰ الٰهي المعروف پير دلبر سائين ماتلي وارا، حافظ منظور احمد مشوري درگاھ مشوري شريف، محمد طاهر نقشبندي المعروف سڄڻ

سائين الهه آباد شريف ڪنڊيارو، عبدالوحيد جان سرهندي ٽنڊو سائينداد، پير حماد الله خياري شريف نواب شاهه، پير خليل احمد الاشرفي الازهري ويهڙ شريف، مولوي محمد ادريس ڏاهري شاهپور جهانيان، سيد محمد شاهه بن سيد علي اڪبر شاهه، مفتي عبدالرحيم سڪندري شاهپور چاڪر، غلام عباس قادري ماهوار صراط الهدىٰ ڪراچي، مفتي محمد مهيسر پپري مهيسر ميهڙ، ڊاڪٽر عبدالرسول قادري دڙي مگسي سڪرنڊ، عبدالقيوم المعروف جوهر بروهي فريدآباد، ڊاڪٽر محمد خان شيخ ميهڙ، شيخ اسحاق دانش ڪراچي ۽ مولوي محمد امين مگسي صاحب جا تاثرات لکيل آهن. هن پمفليٽ جي چوٿين صفحي تي مفتي صاحب جي ڇئن فرزندن جا نالا ۽ تصويرون ڏنل آهن. ان سان گڏ ميهڙ جي جامع مسجد اڪبري جي تصوير به ڏنل آهي. مفتي صاحب جي 28 شاگردن جا نالا لکيل آهن. ان ئي صفحي تي ميهڙ جي سگهڙ شاعر جي لکيل منقبت جيڪا مفتي صاحب جي باري ۾ چيل آهي "برک عالم دين علامه مفتي ڪريم بخش مگسي جي ياد ۾" جي عنوان سان لکيل آهي.

٩.هفتيوار سچ جو آواز ميهڙ/ دادو باک ڦٽي پبليڪيشن ميهڙ خاص ايڊيشن

هي رسالو ميهڙ جي باک ڦٽي پبليڪيشن طرفان طاهر پريس حيدرآباد مان ڇپائي پڌرو ڪيو. هن رسالي جو هي خاص شمارو مفتي ڪريم بخش جي سوانح، تعارف ۽ خدمتن تي مشتمل آهي. هن رسالي جي ٽائيٽل پيج تي مفتي صاحب جي هڪ وڏي تصوير، سندس ڇئن فرزندن جون تصويرون ۽ هن رسالي کي ترتيب ڏيندڙ مفتي صاحب جي شاگرد ميهڙ جي مشهور ليکڪ ۽ اديب مولانا حبيب الله ڏيرو عرف حبيب حضوري جي تصوير به ڏنل آهي. ٽائيٽل پيج جي اندرين پاسي ميهڙ جي جامع مسجد اڪبري، مفتي صاحب، سندس استاد مولانا عبدالڪريم مگسي، ميهڙ جي جامع مسجد جي باني سيد علي اڪبر شاهه

۽ مفتي صاحب جي چئني پٽن جون تصويرون ڏنل آهن. رسالي جي شروع ۾ خاص ايڊيشن ”جن جاڳايو جهان کي“ عنوان ڏئي مفتي صاحب جي هڪ وڏي تصوير ۽ ان تصوير جي هيٺان حضرت قبلہ مفتي ڪريم بخش مگسي لکيل آهي. رسالي جي ٻئي صفحي تي ستاءُ جي نالي سان رسالي جي مواد جي فهرست ڏني وئي آهي. صفحي نمبر 3 تي ميھڙ جي محقق ۽ اديب پاويل جوڻيجو طرفان ” عظيم عالم دين سائين مفتي ڪريم بخش مگسي“ جي عنوان هيٺ مفتي صاحب جي سوانح، تعليم جي حاصلات، سندس تحريري، علمي، ادبي ۽ سماجي خدمتن، سندس ڪتابن سان چاھ ۽ سندس لائبريري بابت هڪ مضمون لکيل آهي. صفحي نمبر 4 تي ”پلا پونۂ نہ وسرن“ جي عنوان هيٺ مفتي صاحب جو سوانحي خاڪو سندس تصوير سان گڏ لکيل آهي. ان کان پوءِ صفحي نمبر 5 تي سندس وڏي فرزند محمد امين مگسي، ٻيو نمبر فرزند حافظ احمد ذهين مگسي ۽ صفحي نمبر 6 تي معين الدين مگسي ۽ غلام مصطفیٰ عرف محمد مبين مگسي جي سوانح ۽ تعارف سندن تصويرن سان گڏ ڏنل آهن. صفحي نمبر 7 تي ”حضرت قبلہ والد جن کي جيئن مون ڏٺو“ جي عنوان هيٺ محمد امين مگسي صاحب جي لکيل مفتي صاحب جي سوانح، سندس خدمتن ۽ ساڻس گڏ گذاريل وقت جي يادن کي مضمون جي شڪل ۾ لکيو آهي. هي مضمون رسالي جي ٻن صفحن تي مشتمل آهي. صفحي نمبر 9 تي ” مشفق مهربان استاد مفتي ڪريم بخش مگسي“ جي عنوان هيٺ مفتي صاحب جي شاگرد مفتي محمد عيسیٰ چني جو لکيل مضمون شامل ڪيو ويو آهي. هن مضمون ۾ مفتي صاحب وٽ اچڻ ۽ سندس شفقت حاصل ڪرڻ سان گڏ ساڻس گڏ گذاريل لمحن کي قلمبند ڪيو ويو آهي. ان کان بعد مولانا حبيب الله حبيب حضوري جو لکيل مضمون ”اجا ڪي آهين ڪل جڳ ۾ ڪاپڙي“ جي عنوان هيٺ لکيل آهي. هي مضمون بہ مفتي صاحب جي باري ۾ ڪافي معلومات فراهم ڪري ٿو.هي مضمون رسالي جي ٻن صفحن تي مشتمل آهي. صفحي نمبر 12 تي علي گل

چانڊيو جو لکيل مضمون "مولانا ڪريم بخش مگسي" جي عنوان تحت شامل ڪيو ويو آهي. هي مضمون مفتي صاحب بابت سندس تاثرن تي مشتمل آهي. ان ئي صفحي تي حافظ بدرالدين آڳري جو لکيل مضمون "سنڌ جو برک عالم دين علامہ سائين مفتي ڪريم بخش مگسوي" جي عنوان هيٺ شامل ڪيو ويو آهي. هي مضمون رسالي جي ڏيڍ صفحي تي مشتمل آهي. صفحي نمبر 14 کان 19 تائين مفتي صاحب جي شاگردن جو تعارف "شاگردن جو تعارف" جي عنوان هيٺ پيش ڪيو ويو آهي. انهن ۾ مولانا فتح محمد بروهي، مولانا محمد نواز مهيسر، مولانا تاج محمد گاڏهي، مولانا محمود الحسن سوڍر، مولانا غلام قادر ڏيپر، مولانا خدابخش بروهي، مولانا پنهل ملاح (سماڪ)، حافظ محمد بخشل ڪنير، ڊاڪٽر حافظ زين العابدين سوڍر، مولانا امام الدين نوناري، مولانا غلام سرور خضري، مولانا محڪم الدين سيال. مولانا ڊاڪٽر عبدالرسول قادري، مولانا اقبال احمد سولنگي، حافظ محمد طاهر سولنگي، حافظ مولانا عبدالجبار گهانگهرو، مولانا نورمحمد ڏاهري نوراني، مولانا ثناءُ الله انصاري، مولانا عبدالقادر بروهي، مولانا سڪندر علي ڪوسو، مولوي عبدالحڪيم چانڊيو، حافظ نوراحمد جتوئي، مولانا علي حسن پنهور حسيني، مولانا گل حسن ابڙو، مولانا حامد الله آڳرو، مولانا عبدالوهاب جتوئي، مولانا حاجي مولا بخش بروهي، حافظ الهندو تيوٽو، مولانا سڪندر علي ٻرڙو، حافظ گل محمد بروهي، مولانا حافظ بدرالدين ولد مولانا حامد الله آڳرو، مولانا نثار احمد مگسي، مولانا سيد غلام مصطفیٰ شاهہ مولانا مفتي حافظ محمد عيسیٰ چنو، مولانا محمد عرف نالي منو ابڙو، مولانا علي گل چانڊيو، حافظ سرور ملاٽو ۽ مولانا حزب الله آڳرو شامل آهن. صفحي نمبر 20 تي "سند الفراغ جو متن" جو عنوان قائم ڪري مفتي صاحب جي طرفان ڏني ويندڙ سند جو متن لکيو ويوآهي. صفحي نمبر 21 تي "اسناد الاساتذه (استادي سلسلو)" جي عنوان هيٺ مفتي صاحب جي استادن جي سلسلي جي سند کي شامل ڪيو ويو آهي.

صفحي نمبر 22 کان 26 تائين پير خواجا فخرالدين چشموي ڪوئٽه، عبدالوحيد سرهندي ٽنڊو سائينداد حيدرآباد، محمد عبدالغفار جاناني غفاري نقشبندي درگاهه عاليه رحمت پور شريف، محمد طاهر المعروف سچڻ سائين، خليل احمد الاشرفي الازهري ويهڙ شريف، حماد الله درگاهه خياري شريف نواب شاهه، محمد ادريس ڏاهري، ڊاڪٽر عبدالرسول قادري دڙي مگسي سڪرنڊ، ڪريم علي جتوئي سابق ناظم ضلع دادو، غلام نبي سومرو شاهه پنجو، ڊاڪٽر طلعت مهيسر سابق ايم اين اي ميهڙ، قاضي شفيق احمد مهيسر سابق ايم پي اي ميهڙ، سيد فقير محمد شاهه گلشير عرف بشير احمد سوڍر ميهڙ، علي حسن پنهور حسيني ميهڙ، محمد امين الدين خليلي خطيب درگاهه مخدوم بلال، سليم مگسي، عبدالباري مگسي سوڀو خان مگسي، روشن ٻگهيو ميهڙ سول جج، هيرا لال ميهڙ، تولا رام ڪلاڪ مرچنٽ ميهڙ، ڪيلاش موهن لال راڌڻ، سيد الطاف حسين شاهه يوسي ناظم ميهڙ، سيد محمد شاهه بن سيد علي اڪبر شاهه ميهڙ، ابن الحسن خليل احمد چنو حسيني نصيرآباد، خيرمحمد ڏيرو ميهڙ، غلام مصطفىٰ شاهه ٽرڙي محبت، رفيق احمد جتوئي پٽيجي، عزيز الرحمان ڪلهوڙو مختيارڪار ميهڙ، ڊاڪٽر محمد خان شيخ ميهڙ ۽ آخوند عبدالرؤف لاڪير جا مفتي صاحب جي وفات تي رقم ڪيل تاثرات لکيل آهن. صفحي نمبر 27 تي " سائين مولانا مفتي ڪريم بخش مگسي تي ٿيل شاعري" جو عنوان قائم ڪري مفتي صاحب بابت ٿيل شاعري ڪي لکيو ويو آهي. صفحي نمبر 28 تي جلسه دستاربندي جي اشتهار جي تصوير ڏني وئي آهي. صفحي نمبر 29 تي " ڪجهه نامور شاگردن جو مختصر تعارف" جي عنوان سان مفتي صاحب جي 54 شاگردن جا نالا انهن جي علائقن جي نالن سميت لکيا ويا آهن. صفحي نمبر 30 تي مولانا حبيب الله ڏيرو صاحب کي مفتي صاحب طرفان ڏنل سندن جون تصويرون ڏنل آهن. صفحي نمبر 31 تي مفتي صاحب جي قلمي ڪتاب ڪشڪول ڪريمي جي 6 صفحن جون تصويرون ڏنل آهن. صفحي نمبر

32 تي مفتي صاحب ۽ سندس شاگردن جون مختلف تصويرون ڏنل آهن ۽ مفتي صاحب جي ورسي تي ڇپرايل ٻن اشتهارن جون بہ تصويرون ڏنل آهن. رسالي جي بيڪ ڪور تي اندرين پاسي تي مفتي صاحب جون مختلف شاگردن سان گڏ تي تصويرون، مولانا حبيب الله ڏيري جي تصوير ۽ مفتي صاحب جي 10 همعصرن جون تصويرون ڏنل آهن. رسالي جي بيڪ ڪور تي ڪريم بخش جتوئي، ڊاڪٽر طلعت مهيسر، قاضي شفيق احمد مهيسر، تولارام، ڪيلاش موهن لال ۽ هيرا لال جا تاثرات "تاثرات" جي عنوان سان لکيل آهن.

١٠. ٻلا ٻونءِ نہ وسرن

هي ڪتاب مفتي ڪريم بخش صاحب جي خدمتن ۽ ڪردار جي باري ۾ تازو جولاءِ 2019ع ۾ ميهڙ جي اديب ۽ ڏيرا خاندان جي علمي انسان مولانا حبيب الله ڏيرو المعروف حبيب حضوري صاحب لکي ڇپرايو آهي. هن ڪتاب ۾ مفتي صاحب جي عمل ۽ ڪردار تي سٺي روشني وڌي وئي آهي. هي ڪتاب ننڍي سائيز ۾ 208 صفحن تي مشتمل آهي. هن ڪتاب جا هيٺيان عنوان آهن.

مهاڳ (جيڪو مفتي صاحب جي وڏي فرزند محمد امين مگسي صاحب لکيو آهي)، ليکڪ جي باري ۾ همعصرن جا رايا (هي مفتي صاحب جي ٻئي نمبر فرزند حافظ احمد ذهين جي تحرير آهي)، ڪاڇي جي مهڪندڙ مٽي جي پيداوار سائين حبيب حضوري (هيءَ تحرير ليکڪ جي هم سبق دوست حافظ نور احمد جتوئي صاحب جي آهي)، ميهڙ جو مٽيادار ۽ محبتي ماڻهو (هيءَ تحرير صوفي جي ايم پٺي جي آهي)، ديس جو راهي (هيءَ تحرير حافظ الهندو تيوٽو صاحب جي آهي)، پنهنجي پاران، پيدائش، خانداني پس منظر، تعليم و تربيت، استاد جي تربيت جو شاگرد تي اثر، خانداني تربيت جو رنگ، تفصيلي حال احوال ڏيڻ وٺڻ، ننڍڙن ٻارڙن سان گڏجي کائيندا هئا، روحاني سفر، تقوىٰ ۽

پرهيزگاري جو ڪمال، درسگاهه جو احترام، آذان جو ٻڌي اٿي ويهندا هئا، مسجد ۾ ويهندي سڪون محسوس ڪندا هئا، عبرت ۽ ڪاوش اخبار پڙهندا هئا، عالم ۽ مفتي هجن ته مولانا ڪريم بخش مگسي جهڙا، ديني خدمتن جي مڃتا طور ڪين ايوارڊ ڏنا ويا، باراني نماز پڙهايائون ته مينهن وسي پيو، بعد هٿن پيرن جي چمڻ جي عرض، فتوائون، فتوائون ۽ تحريرون گڏ ڪونه ڪيائون، علمي ڪمال، عربي ٽيچر ٿيڻ کان جهليندا هئا، عالم جو ڪم آهي ته شريعت جي پنيان هلي، پنهنجي پاءُ جي تدفين ۾ دير ڪانه ڪيائون، آءُ هت خود مريد ٿي ويو آهيان، حضرت جن جو نالو ئي سند لاءِ ڪافي هو، رمضان شريف جو چنڊ ڏسڻ، حضور ﷺ جي عاشق سان پيار، دستاربندين جا غزل، سند الفراغ جو متن، اسناد الاساتذه (استادي سلسلو)، اخلاق ۽ ڪردار، دستاربندي وقت شاگرد کي الف ب پڙهائيندا هئا، ماڻهن سان انهن جي سمجهه آهر ڳالهايو، سائي جو مجرب نسخو، حافظ عبدالله ملاح کي دعائون، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ۽ حضرت سائين، علامه شاهه احمد نوراني ۽ حضرت مگسي، اخلاق حسنه جو عملي مظاهرو، ڪنهن کي مايوس نه ڪندا هئا، ڪامريڊ جو جنازو ۽ مولوين جو انڪار، پنجاب ۾ سنڌ جي ثقافت جو پرم رکيائون، شاگردن کي اولاد وانگر سمجهندا هئا، ڪنهن به شاگرد کي مدرسي مان نيڪالي ڪونه ڏيندا هئا، شاگردن تي پيار جا نالا رکڻ، پاڪائي، نماز ۽ مدرسي جو فڪر، مون کي وٺي هلو منهنجو ڪم رلي ويو، مدرسا قيامت تائين طالبن سان پريل هجن، نعت جي صدقي معاف ڪري ڇڏڻ، فارسي جا بيت ۽ شاگردن جا سريلا آواز، شاگردن کي سلام ڇئجو، تهجد نماز جي دعا، شاگردن کي اگهر حلوو، مدرسي ۾ پڙهائي جو جائزو وٺڻ، اسان زندگيون سنوارڻ وارا آهيون، استاد کان مليل درس، ولر کيو وتن، درس نظامي جا حافظ، علمي خيانت برداشت نه ڪرڻ، مهمان نوازي، مهمان کي سنو ڪارائڻ، علالت دوران به مهمان جو فڪر، مهمان جي خدمت، سني جماعتن سان سهڪار، ميانه روي، عالمن جي وفات تي

ڏکارو ٿيڻ، مفتي محمود جي جلسي جي اجازت، ڳنڍيين سارو ڏينهن، درگاھ جي درگاھ، ڪتابن سان عشق، لائبريري ۽ ڪتب خانا ڏسڻ، حرمين شريفين مان ڪتاب آنداڻون، ڪتاب نہ ڏنائون تہ چڻ ڪجھ بہ نہ ڏنائون، خريد ڪيل ڪتاب تي هيءَ دعا لکندا هئا، ڪتابن ۾ ساھ، خود داري، زڪوات ڪاميٽي ۽ استقامت، ايماني غيرت، حجة الاسلام و المسلمين جو خطاب، آمريڪا مرده باد جا نعرا، اسلامي ملڪن لاءِ دعا، قناعت پسندي، توڪل جا بيڙائي پار، خوش مزاجي، پريڪٽيڪل ڪري ڏيکاريندا هئا، پند و وعظ، دوران تقرير ذڪر جاري رکڻ، تدريس جا ماهر، ملائڪ صفت انسان ۽ سندس جنازي نماز، ٻين مدرسن ۾ پڙهائڻ جي آڇ، مدرسي جي تصديق، مون کي خط لکڻو پوندو، وصيت ۽ نصيحت، معمولات، تصنيفات، ڪشڪول، مدرسي جا استاد، مدرسي ۾ عربي پڙهائيندڙ استادن جا نالا، شعبہ حفظ القرآن جا استاد، شعبہ ناظره قرآن جا استاد، تراويح جي نماز، وصال مبارڪ، لباس ۽ حليو مبارڪ، اولاد، صاحبزاده سائين محمد امين مگسي صاحب، صاحبزاده سائين مفتي حافظ احمد ذهين مگسي صاحب، صاحبزاده خواجہ معين الدين مگسي صاحب، صاحبزاده غلام مصطفىٰ عرف حمود مبين مگسي، شاگردن جي تعارف ۽ ڪجھ نامور شاگردن جو مختصر تعارف شامل آهن. انهن کان بعد مفتي صاحب جي 58 شاگردن جو مختصر تعارف ۽ سوانح لکي آهي. آخر ۾ مفتي صاحب جي 90 شاگردن جي نالن جي لسٽ شامل ڪئي اٿس.

١١.قرب ڪريمي

هي ڪتاب مفتي صاحب جي شاگرد ڊاڪٽر عبدالرسول مگسي صاحب مفتي صاحب جي سوانح، خدمات، ڪردار ۽ اوصاف بابت بهترين تصنيف ڪيو آهي. سندس هي ڪتاب آڪٽوبر 2018ع ۾ ڇپرائي پڌرو ڪيو

ويو. هي ڪتاب مفتي صاحب بابت ڪافي معلومات فراهم ڪري ٿو. هن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر صاحب هيٺيان عنوان قائم ڪري تصنيف ڪيو آهي.

انتساب استاد سائين يار محمد جويي صاحب جي نالي، پيش لفظ:عبدالرسول قادري، دعا جا لفظ: محمد امين مگسي ۽ حافظ احمد ذهين باب پهريون: خانداني پس منظر ۽ مگسين جي سنڌ ۾ آمد، نسب نامو، شجرو، والدين، شادي ۽ اولاد، نالو، جم ۽ لقب، باب ٻيو: تعليم، تربيت ۽ استاد، (الف) قرآن شريف، سنڌي، فارسي ۽ عربي پڙهڻ، دستاربندي، درس تدريس (علم پڙهائڻ)، استاد سڳورا، خليفو مولوي غلام مصطفیٰ مگسي (سندن والد بزرگ)، مولوي غلام رسول مري، مولوي محمد عرف ماهي فقير مري، مولوي شفيع محمد چنو ڪاراٽي وارو، مولوي خان محمد آڳرو، سيد امير محمد شاهه اميناٽي وارو، مولانا عبدالڪريم مگسي، (ب) درس نظامي جو باني (درس سيالڪوٽي، درس نظامي)، مولانا عبدالحڪيم سيالڪوٽي، مولانا نظام الدين سُهالوي، درس نظامي ۾ شامل فن وارا ڪتاب، حضرت استاد سائين فارسي ۽ عربي جا هي 83 درسي ڪتاب پڙهيا، باب ٽيون: روحاني رهنمائي، بيعت ۽ خلافت، مريدي سلسلو، پير عبدالغفار ”مٺا سائين“ درگاهه رحمت پور لاڙڪاڻو، خواجه عبدالحي جان چشموي ڪوئٽه، شڪارپور، پير عبدالغفار قادري مدني مدينه منوره، باب چوٿون: سماجي ۽ سياسي خدمت، انجمن حمايت الاسلام، ڪانگريس، امن سڀا ۽ مسلم ليگ، بي ڊي جو ميمبر چونڊجڻ، سماجي خدمت، ڳوٺ سڌار جو نائب صدر چونڊجڻ، جمعيت العلماء جو ميهڙ ۾ سرپرست چونڊجڻ، سُني ڪانفرنس ۾ شرڪت، زڪواة ڪاميٽي دادو ضلعي طرفان ميهڙ جو ميمبر مقرر ٿيڻ، باب پنجون: پلي پار تان پيرو (زيارت حرمين شريفين)، پهريون حج 1952ع، ٻيو حج 1953ع ۾، ٽيون حج 1982ع ۾، پلي پار جا واقعا، قلم تازو: چوٿون ڀيرو 1999ع ۾ عمره لاءِ پلي پار وڃڻ، باب ڇهون: شادي خانه آبادي، اولاد ۽ پونير، ٻه شاديون، ڇهه فرزند ۽ نَوَ نياٽيون، مولوي محمد امين بادشاه اعلیٰ

مگسي، مولوي حافظ احمد ذهين اعلىٰ جان مگسي، خواجہ محمد امين اتقىٰ مگسي معروف ”خواجہ“، محمود مبين مصطفىٰ جان مگسي معروف ”غلام مصطفىٰ“، باب ستون: مدرسہ خير جاري ميهڙ، مدرسہ دارالقرآن جامع مسجد علي اڪبر شاھ ميهڙ، سيد علي اڪبر شاھ ڪان پوءِ مدرسي جو انتظام، مدرسي دارالقرآن ميهڙ جا استاد، قرآن شريف جا ناظره پڙهائڻ وارا استاد، حفظ قرآن پڙهائڻ وارا استاد، فارسي جا استاد، عربي پڙهائيندڙ استاد، باب اٺون: بيماري، وصيت، وفات ۽ مدفن، بيماري، وصيت، وفات، مدفن، آخري آرام گاھ ۽ ڪتبو، مزار جو نقشو، وفات تي منظوم شاعري (شاھ نواز ”مسافر“)، وفات تي منظوم شاعري (محبوب علي ”محبوب“ ڏيپر)، وفات تي منظوم شاعري (علي گل ”گل“ چانڊيو)، باب نائون: رهڻي ڪهڻي(جنهن جي هر هڪ ادا، سنت مصطفىٰ)، صورت ۽ سيرت، شريعت، طريقت جي پابندي ۽ عشق رسول ﷺ، درس تدريس، پڙهڻ پڙهائڻ جو طريقہ ڪار، شب و روز (ٽائيم ٽيبل)، فتاوىٰ نويسي ۽ فيصلا، مراقبو ۽ تهجد، مرشدن، سيدن، بزرگن عالمن جو ادب احترام، ڪتابن ۽ مطالعي جو شوق ۽ لائبريرين جو ديدار، ملڻ جلڻ، شاگردن سان ورتاءُ، شاگردن سان پيار، خوش طبعي، مهمان نوازي، سير سفر، ورد وظيفا ۽ تعويذ، پيري مُريدي، باب ڏهون: علمي خدمتون، الف: ڇپيل ڪتاب، فيض الڪريم في اصول حديث الرحيم، مسائل ضروري، مواعظ ڪريميہ، ميهڙ جون ديني درسگاهون، ب: اڻ ڇپيل ڪتاب، ج: ڪريميہ لائبريري ۽ قلمي ڪتاب، باب يارهون: همعصر_سهيوڳي، هن عنوان تحت 46 عالمن، بزرگن ۽ اديبن جون مختصر سوانحون ۽ خدمتون لکيون اٿس، باب ٻارهين ۾ مفتي صاحب جي ڪجھ شاگردن جو تعارف ۽ سوانحون ۽ باقي شاگردن جا نالا لکيا اٿس. هي ڪتاب مفتي صاحب بابت ڪافي اهم مواد فراهم ڪري ٿو.

موضوع منتخب ڪرڻ جو سبب (Reason for the selection of the Topic)

مفتي صاحب هڪ بهترين مدرس جي حيثيت ۾ دين متين جي خدمت ڪندو رهيو. ڪافي دوستن جي زباني سندس تعريف ٻڌندو رهيس. سندس شخصيت هڪ مثالي شخصيت آهي. پاڻ استاد العلماء جي حيثيت رکي ٿو. ان ڪري اهڙي الله واري جي زندگي ۽ خدمتن کي منظر عام تي آڻڻ سان مثالي زندگي جو هڪ نمونو سامهون ايندو ۽ منهنجي لاءِ به آخرت جو ذخيرو ٿي پوندو. ان ڳالھ کي ذهن ۾ رکي هي تحقيقي مقالو لکيم.

مفروضو (Hypothesis)

مفتي ڪريم بخش مگسي صاحب هڪ علمي ۽ مذهبي شخصيت آهي، سندس تعليمات ۽ خدمت جو معاشري تي هڪ سنو اثر آهي.

تحقيق جو طريقي ڪار (Research Methodology)

پنهنجي نگران جي مشوري سان اهو طريقي ڪار طئي ٿيو تہ مفتي صاحب تي اڳ ۾ ٿيل ڪم جي ڳولها ڪري اهو سمورو مواد گڏ ڪجي. ان مواد جي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيئي لائبريرين جا دورا ڪري اهو مواد سهيڙجي. ان کان علاوه مفتي صاحب جي شاگردن، اولاد، واسطي وارن ۽ اهل علم ماڻهن کان بہ معلومات گڏ ڪجي. ماڻهن کان مفتي صاحب جن جي باري تاثرات وٺي چند چاڻ کان بعد هن مقالي ۾ شامل ڪجي.ان سان گڏ انٽرنيٽ جي جديد سهولتن مان پڻ فائدو حاصل ڪجي.

راقم پنهنجي شفيق استاد جي رهنمائي ۾ مٿيان سڀ طريقا استعمال ڪري مواد جو تجزياتي تحقيق جو طريقي ڪار اختيار ڪيو. جنهن ۾ بنيادي توڙي ثانوي ماخذ ڪتب آندا ويا ۽ هن مقالي جي تياري لاءِ مفتي صاحب جي ذاتي ڪتابن کان علاوه ٻين ڪتابن منجهان بہ استفادو ڪيو ويو.

هن تحقيقي ڪم جي لاءِ مختلف ڪتابن،رسالن ۽ تحقيقي جنرلن مان بہ معلومات حاصل ڪئي وئي. سائين جن جي ذاتي لائبريري ۾ موجود قلمي نسخن مان بہ استفادو ڪيو ويو. مفتي صاحب جي وارثن ۽ ٻين ماڻهن جن وٽ مفتي صاحب جا ملفوظات يا تحريرون موجود هيون انهن مان بہ معلومات حاصل ڪئي وئي. هن ساري مواد جي تحقيق جي اصولن مطابق ڇنڊڇاڻ ڪرڻ ڪان بعد ان کي تحقيقي مقالي جو حصو بڻايو ويو آهي.

تحقيق جا معاشري تي اثر (Impact of the Research on Society)

١. مفتي صاحب جي علمي ڪارنامن، تدريسي ۽ تصنيفي خدمت جي منظر عام تي اچڻ سان معاشري ۾ علمي سرگرمين ۾ اضافو ٿيندو.
٢. مفتي صاحب تدريس جي شعبي ۾ تمام گهڻي خدمت ڪئي آهي. سندس ديني ۽ علمي خدمتن تي تحقيق سان معاشرو سندس روحاني فيض سان سرشار ٿيندو ۽ هڪ مثالي زندگي جو نمونو سامهون اچي ويندو.
٣. مفتي صاحب جي خدمتن کي وائکو ڪرڻ سان عوام جو ديني تعليم طرف رجحان وڌندو.
٤. مفتي صاحب جي خدمت کي سامهون رکي ماڻهو دنيا ۽ آخرت جي ڪامياب زندگي گذارڻ جي ڪوشش ڪندا.

حوالا

---

١. عادل، محمد الياس، تحريک پاکستان،ص٢٥لاهور،آرآرپرنٹرز٢٠١٣.

٢. عباسي، سليم انور، ملڪن ۽ قومن جي انسائيڪلوپيڊيا، ص ١٢٣، ڪراچي، سنڌيڪا اڪيڊمي٢٠٠٧.

٣. عادل، محمد الياس، تحريک پاکستان،ص٢٦،لاهور،آرآرپرنٹرز٢٠١٣.

٤. محسن سنڌ، چاپو ٿيون، مورائي، خليق، محسن سنڌ، چاپو ٿيون، ص٦٧، ٦٦ ، شڪارپور، مهراڻ اڪيڊمي ٢٠٠٩.

٥. ايضاً ص ٦٨ ، ٦٧.

حضرت مفتي ڪريم بخش مگسي رح جي زندگيءَ جو احوال

مفتي صاحب جو خانداني پس منظر

سنڌ هر دور ۾ وقت جي جوڌن جوانن سان سرسبز رهي آهي. سنڌ جي مٽي ڏاڍو مان حاصل ڪيو آهي. سنڌ جي هر هڪ حصي پنهنجو پاڻ ملهايو آهي. ميهڙ تعلقو به اهڙي نعمتن سان سرشار رهيو آهي. ڪجھ روايتن موجب ميهڙ ڪلهوڙن جي دور ۾ آباد ٿيو.1 ميهڙ تعلقي ۾ مدفون بزرگ شاھ پنجو سلطان ۽ شاھ گودڙيو به ڪلهوڙن جا مريد ۽ خليفا هئا.2

سنڌ ۾ رهندڙ اڪثر مگسي ڪلهوڙن جا مريد رهيا آهن. مفتي ڪريم بخش صاحب جو ڏاڏو حيات فقير مگسي صاحب اُچ پنجاب مان سنڌ اندر آيو. هن خاندان جا وڏا رياست جهل مگسي بلوچستان جي ”هيسباڻي مگسي“ قبيلي جا ماڻهو هئا. ڪن سببن ڪري اهي جهل مگسي ڪي ڇڏي اُچ شريف ۾ وڃي رهيا. اتان وري سري ۾ رهيا. حيات فقير مگسي پان سيد آباد جي پرسان اچي شيخ دلاور نينئي جو مريد ٿيو. تنهن کان بعد وڃي پيروزشاھ ۾ گهر اڏي وينو. اتي ئي هميشہ رهڻ جو ارادو ڪيو. اتي حجم، موچي، ڪٽي ۽ واڻيا به اچي آباد ٿيا. 1300 هجري جي پوري ٿيڻ وقت اهو ڳوٺ درياء ۾ ٻڏي ويو. پوءِ سڀ اتان لڏي هاٽوڪي بند جي ٻاهران اچي ڳوٺ اڏي وينا. ان ڳوٺ جو هن وقت نالو ”سوپو خان مگسي“ آهي.3 هي ڳوٺ شاھ پنجو ۽ سيدي موساڻي جي وچ تي ديھ مگسي، تپو ناري، يونين ڪائونسل مگسي، تعلقو ميهڙ ۾ ميهڙ شهر کان اوپر طرف 15 ڪلوميٽرن جي فاصلي تي موجود آهي. مگسي پنهنجي اباڻي وطن مگس جي ڪري مگسي سڏجن ٿا. مگس (Mags) ايراني بلوچستان ۾ دنڪ جي ويجهو هڪ مضبوط قلعو هو. سندن رياست جهل کان غيبي ديري تائين هئي. ٽالپرن جي دور ۾ سنڌ ۾ مگسين جي سرداري هئي.4 مگسين جو سرداري پاڙو پوتاڻي آهي.

مفتي صاحب جو سلسلہ نسب ڪجھ هن ريت آهي.

ڪريم بخش بن غلام مصطفیٰ بن بنده محمد بن حيات فقير بن بنده محمد بن محمد رحيم هسباڻي مگسي بلوچ.

پيدائش ۽ تعليم

ميهڙ تعلقي جي مشهور و معروف علمي ڳوٺ سوڀو خان مگسي ۾ هڪ عالم باعمل بزرگ مولانا غلام مصطفیٰ (ت:1935) المعروف علي مردان مگسي صاحب جي گهر ۾ سندس ٻي گهرواريءَ جي بطن مبارڪ منجهان 9 ذوالقعد 1344 هجري الموافق 26 مئي 1926ع بروز ڇنڇر هڪ معصوم ٻار جنم ورتو.5 مولانا غلام مصطفیٰ صاحب پاٽ شريف جي بزرگن منجهان ميان محمود پاٽائي (ت:1932) جن جو صحبت يافته ۽ مريد هو. پنهنجي مرشد ڪريم سان بي حد عقيدت ۽ احترام واري نسبت کي قائم رکندي، پنهنجي هن معصوم ٻالڪ جو نالو پنهنجي مرشد جي نالي پٺيان محمود رکيائين. پاڻ انهيءَ اميد سان پنهنجي پٽ جو اهو نالو رکيو ته منهنجي مرشد جي نالي جي برڪت سان منهنجو هي پٽ به دريگانه ۽ بي مثال موتي وانگر ٿيندو. مولانا غلام مصطفیٰ صاحب کي سندس ڀاڻيجي چيو ته ”ماما! هن ٻچي جو نالو ڪريم بخش رکو. ان شاء الله هي وڏو ٿي عالم فاضل ٿيندو.“ مولانا غلام مصطفیٰ صاحب کي اهو نالو پسند آيو. تنهن ڪري هن معصوم جو نالو ”ڪريم بخش“ ئي رکيو ويو.

مولانا غلام مصطفیٰ صاحب کي هن ٻار جي پيدائش کان نَوَ سالن بعد هڪ ٻيو پٽ پيدا ٿيو. ان جو نالو الاهي بخش رکيو ويو. لاڏ ۽ ڪوڏ منجهان کيس تاج محمد سڏيو ويندو هو. جنهن ڪري سندس اهوئي نالو تاج محمد مشهور ٿي ويو.

مولانا غلام مصطفیٰ صاحب جي پهرين گهر واري جيڪا ان ڳوٺ جي چڱي مڙس جناب سوڀو خان (جنهن جي نالي تي اهو ڳوٺ ٻڌل آهي) جي نياڻي هئي. ان گهرواري جي بطن منجهان کيس هڪ پٽ غلام محمد ۽ ٻن نياڻين جو اولاد ٿيو. مگر اهي ٽئي ٻار ننڍ پڻ ۾ ئي وفات ڪري ويا. ٻي گهر واري رحيم داد مگسي (ڳوٺ انب مگسي، ميهڙ) جي

نياڻي جي بطن مبارڪ منجهان ٻه فرزندن جو اولاد ٿيو. مولانا ڪريم بخش وڏو ۽ تاج محمد ننڍو هو. ڪريم بخش ٻچپن کان ئي سنهي جسامت جو مالڪ هئڻ ڪري اڪثر بيمار رهندو هو. سندس طبيعت ۾ شرم ۽ حياء جو مادو تمام گهڻي مقدار ۾ موجود هو. ايتري قدر جو ننڍپڻ ۾ پاڻ جڏهن پنهنجي امڙ سان گڏجي پنهنجي ناناڻي ڳوٺ انب مگسي گهمڻ ويندو هو ته لڄوڙي طبيعت جي ڪري ماني ٻه ڍؤ تي نه کائيندو هو ۽ بک تي سمهي رهندو هو. اهڙي طبيعت جي ڪري پاڻ ڪافي تڪليفون ٻه برداشت ڪيائين.

هر ٻار ٻچپن ۾ راند روند رهندو آهي. پوءِ ڪو ٻار ڪنهن راند ۾ وڌيڪ دلچسپي وٺندو آهي ته ڪو وري ڪنهن ٻي راند ۾. هي ننڍڙو ڪريم بخش ٻه ڳوٺ جي ٻارڙن سان راند رهندو هو. سندس پسنديده راند جي باري ۾ پاڻ پنهنجي قلمي سوانح ۾ لکي ٿو: ننڍا ٻار وٺي هڪ جاءِ تي گڏ ڪري انهن کي باقائدي اسڪولي تعليم ڏيڻ، انهن جي حاضري پرڻ، انهن جو امتحان وٺڻ، انعام ڏيڻ يا وري ننڍين ڪانين جا ٻار ناهي، انهن کي تصور سان ماڻهو سمجهي پڙهائڻ، ڪڏهن وري چوڏاري سِرن سان ننڍي مسجد تيار ڪري، محراب ناهي، ڪانين وارا ٻار ويهاري انهن کي ديني ڪتاب پڙهائڻ، انهن جي دستاربندي ڪرائڻ، پنهنجي مدرسي جي وڏن طالبن کان سندن ڪتابن جا نالا پڇي پڪا ڪندو هوس، پوءِ ڪي پنا ردي هٿ لڳندا هئا ته انهن کي ٿوپو ڏئي ڪتاب ناهي، انهن تي نالا عربي ڪتابن وارا لکي ڇڏيندو هوس. پوءِ ڪنهن هنڌ سني جاءِ تي سِرن جي پناهه ڏئي مدرسو تيار ڪندو هوس. جتي ويهي پڙهائيندو هئس.

هن ٻار جي دلچسپي درس و تدريس ۽ تعليم و تعلم ۾ ئي هوندي هئي. سندس هر چاهت ۽ محنت جو مرڪز ۽ محور ئي درس و تدريس هوندو هو. ڪيس پڙهائڻ جو حد کان وڌيڪ شوق هوندو هو. سندس ٻچپن، ٻچپن جا دوست ۽ جن ماڻهن ڪيس ٻچپن ۾ ڏٺو، اهي ئي

هن ڳالھ جا گواھ آهن تہ کيس تدريس سان ڪيترو لڳاءُ هوندو هو. سندس اهو شوق زندگيءَ جي آخري ايام ۾ بہ ڏٺو ويو. مرض الموت ۾ بہ ڪنهن نہ ڪنهن ڪتاب جي مطالعي ۾ مستغرق ۽ ڪنهن نہ ڪنهن ماڻهوءَ سان علمي بحث هلندو هو. سندس ساري زندگي درس و تدريس سان پرپور رهي. سندس بچپن جو هي سپنو ساڀيان رهيو.

مولانا غلام مصطفيٰ صاحب جي ڪوشش سان مدرسہ دارالفيوض ڳوٺ سوڀو خان مگسي ۾ مولانا عبدالڪريم مگسي صاحب(1884_1972) فيروزشاهي استاد مقرر ٿيو. هن مدرسي ۾ وڏا وڏا مسافر طالب العلم رهندا هئا. جيڪي فارسي ۽ عربي جي تعليم حاصل ڪندا هئا. مولانا عبدالڪريم مگسي صاحب جن جي چوڻ موجب ڪريم بخش اتي پڙهڻ شروع ڪيو. مولانا غلام مصطفيٰ صاحب پنهنجي هن فرزند کي قرآن مجيد پڙهائڻ شروع ڪيو. پاڻ پنهنجي فرزند کي ابتدائي قائدو پڙهائي پورو ڪيو. جڏهن قرآن مجيد پڙهائڻ شروع ڪيائين تہ پائو سيپاري تائين مس پهتو تہ پنهنجن ٻنهي پٽن کي يتيم ٻڏائي داعي اجل جي سڏ تي لبيڪ چئي پنهنجي رب جي طرف روانو ٿيو. ڪريم بخش جي والد صاحب جي وڇوڙي کيس شديد صدمو رسايو. هنن ٻنهي ڀائرن جي پرورش ۽ پالنا جو سارو ذمو سندن والده ماجده پنهنجن نازڪ ڪلهن تي ڪنيو. ڪريم بخش ديني تعليم سان گڏ دنياوي تعليم بہ حاصل ڪندو رهيو. مدرسہ دارالفيوض سوڀو خان مگسي ۾ مدرسي جي وڏي طالب مولانا غلام رسول مري نوشهرو فيروز واري وٽ رهيل قرآن مجيد ۽ فارسي جا شروعاتي ڪتاب گلستان تائين پڙهيو. علم الصرف ۾ ميزان الصرف مولانا غلام رسول جي ڀاءُ مولانا محمد عرف ماهي فقير مري وٽ پڙهيو. بوستان، يوسف زليخا ۽ سڪندر نامو (فارسي جا ڪتاب) مولانا عبدالڪريم مگسي صاحب وٽ پڙهيو.

مولانا غلام مصطفيٰ صاحب پنهنجي هن فرزند کي 1931ع ۾ ملا مڪتب اسڪول مگسي ۾ سنڌي استاد علي بخش ڪوسو سنڌي ٻتڙا

وارو وٽ سنڌي پڙهڻ لاءِ ويهاريو. 1932ع ۾ استاد رسول بخش ٻگهيو وٽ سنڌي ٻاراڻو ڪتاب پڙهڻ شروع ڪيو. ٿورڙي ئي وقت ۾ ٻگهيو صاحب بدلي ٿي ويو. سندس ڪان بعد عنايت الله قريشي بوبڪن وارو بدلي ٿي آيو. وٽس بہ ڪجھ پڙهيو، پر جلد ئي قريشي صاحب بہ بدلي ٿي ويو. هن ڪان بعد استاد محمد صالح پيٽي گاجي کهاوڙ وارو بدلي ٿي آيو. پوءِ ڪريم بخش صاحب وٽس پڙهڻ شروع ڪيو. 1934ع ۾ ٻاراڻو ڪتاب پورو ڪري پهريون درجو شروع ڪيو. اسڪول جي تعليم سان گڏ مولانا غلام مصطفىٰ صاحب پنهنجي هن فرزند کي قرآن مجيد جي ابتدائي تعليم پاڻ ڏيندو رهيو. هن ڳوٺ ۾ سنڌي اسڪول بہ مدرسي سان متصل هو. ڪريم بخش صاحب پنهنجي والد صاحب وٽ ابتدائي قائدو پورو ڪري قرآن مجيد جي پهرين ايمي (چوٿائي سيپارو) پڙهي مڪمل ڪيو تہ 1935ع ۾ سندس والد صاحب کيس داغ مفارقت ڏئي هميشہ لاءِ داعي اجل کي لبيڪ چيو. والد صاحب جو وڇوڙو هنن معصوم ٻارن تي جبل ٿي ڪريو. پاڻ ٻچپن ۾ ئي يتيم ٿي ويا. سندن پرورش سندن والده محترمہ ۽ سندن چاچن پنهون، محمد حسن ۽ چٽل مگسي ڪئي. جنهن ڪري ٻئي ڀائر بہ پنهنجن چاچن جي عزت ۽ احترام پنهنجي پيءُ وانگر ڪندا هئا.

ڪريم بخش صاحب 1936ع ۾ استاد عبدالمجيد مگسي صاحب وٽ ٻيو درجو پاس ڪري ٽيون درجو استاد علي مراد قريشي بوبڪن واري وٽ پڙهيو. 1937ع ۾ استاد محمد قاسم دايو پاٽ شريف وارو وٽ چوٿون درجو پڙهيو. پنجون، ڇهون ۽ ستون استاد عبدالنبي چنو پيروزشاهہ واري وٽ پڙهيو. چني صاحب جي بدلي ٿي وڃڻ ڪان بعد استاد شمس الدين ملاح آيو. هن استاد وٽ پڙهائي ۾ سندس دل نہ لڳي. سنڌي تعليم تان سندس دل کڄي پئي. جنهن ڪري پاڻ سنڌي فائينل پاس نہ ڪري سگهيو. سنڌي پڙهڻ تان دل ٽٽڻ ڪان بعد ڪريم بخش صاحب کي فارسي ۽ عربي پڙهڻ جو گهڻو شوق پيدا ٿيو.

1937ع ۾ مولانا عبدالڪريم مگسي صاحب کيس غلام رسول مري جي جاءِ تي قرآن مجيد جو استاد مقرر ڪيو. اتي پاڻ مولانا عبدالڪريم صاحب وٽ پڙهڻ لڳو ۽ گڏوگڏ پڙهائڻ به لڳو. انهيءَ مدرسي دارالفيوض سوڀو خان مگسي ۾ مولانا عبدالڪريم صاحب جن وٽ ان وقت جي مروج درس نظامي جي تعليم مڪمل ڪيائين.6 مولانا مگسي صاحب جن وٽ طب جو ڪتاب "ميزان الطب" به پڙهيو. جنهن ڪري کيس طب ۾ به سٺي مهارت حاصل هئي. ماڻهن کي سستا نسخا لکي ڏيندو هو. سندس قلمي ڪتاب "فوائد ڪريمي" بيمارين جي باري ۾ ناياب نسخن تي مشتمل آهي.

مولانا ڪريم بخش صاحب مڪمل درس نظامي مولانا عبدالڪريم مگسي صاحب جن وٽ پڙهيو ۽ تخصص في الفقه به سندن وٽ ئي پڙهيو پر ان دوران ڪجهه عربي جا ڪتاب ۽ سبق ٻين عالمن سڳورن وٽ به پڙهيو. جن ۾ مولانا سيد امير محمد شاهه صاحب (سابق مُدرس مدرسه عين العلوم اميناڻي شريف نزد دادو) ۽ مولانا خان محمد آڳرو صاحب ڳوٺ فيض محمد آڳرو شامل آهن.

مولانا ڪريم بخش صاحب سنڌي تعليم پوري ڪري 1937ع کان 1945ع تائين نَوَن سالن ۾ درس نظامي مڪمل ڪئي. سندس دستاربندي ۾ دير ٿي. جنهن ڪري سندس دستاربندي سن 1947ع ۾ ٿي. ساڻس گڏ ٻين ٻن شاگردن مولانا يارمحمد جويو (ڳوٺ قائم شاهه آڳرو) ۽ مولانا سليمان مگسي (جهل مگسي، بلوچستان) جي به دستاربندي ٿي.

شادي ۽ اولاد

مفتي صاحب پهرين شادي ڪئي. جنهن منجهان کيس چار نياڻيون پيدا ٿيون. پٽ جي نعمت جي حصول لاءِ ٻي شادي ڪيائين. جنهن منجهان کيس ٽي نياڻيون ۽ چار پٽن جو اولاد ٿيو. 1. محمد امين 30 اپريل 1962ع ۾ پيدا ٿيو. جيڪو هن وقت پي آءِ اي ڪراچيءَ ۾

آفيسر آهي.2. حافظ احمد ذهين بين آڪٽوبر 1975ع ۾ پيدا ٿيو. جيڪو هن وقت مفتي صاحب جن کان بعد مدرسہ عربيہ اڪبريہ دارالقرآن ميهڙ جو مهتمم ۽ جامع مسجد اڪبري ميهڙ جو امام و خطيب آهي. 3. محمد معين 7 فيبروري 1976ع ۾ پيدا ٿيو. جيڪو هن وقت هاءِ ڪورٽ ۾ وڪيل آهي. 4. حمود مبين 22 اپريل 1982ع ۾ پيدا ٿيو. جيڪو هن وقت سب انجنيئر آهي. سڀ ئي صالح، پرهيزگار ۽ بااخلاق اهل علم ۽ سني ڪردار جا مالڪ آهن. مفتي صاحب پاڻ فارسي شعر ۾ چئني پٽن جا نالا ترتيبوار هن ريت آندا آهن.

حذ ادادمارالپکن دیں.
مس ا. ہیں، ذ. معص، مس..

وفات ۽ تدفين

مفتي صاحب بچپن کان ئي نحيف البدن هو. سندس طبيعت نازڪ هوندي هئي. پنجاهہ سالن کان بعد ڪيس بڪين ۾ پٿري جو عارضو لاحق ٿيو. سندس بڪين جو آپريشن حيدرآباد جي گل سينٽر ۾ ڪيو ويو. آپريشن ڪري بڪين منجهان پٿريون تہ ڪڍيون ويون پر ان ڪري سندس بڪين تي اثر ٿيو ۽ بڪيون ڪمزور ٿي پيون.

ان کان بعد بظاهر تندرستي ۽ همٿ واري زندگي گذاريائين. سندس حوصلہ هميشہ بلند رهيا. هميشہ پنهنجي منزل ماڻڻ لاءِ هر وقت ڪوشش ڪندو رهيو. پنهنجي معمولات تي استقامت سان ڪاربند رهيو. هلڪي ڦلڪي بيماري وغيره ڪي نظر انداز ڪري ڇڏيندو هو. مفتي صاحب وفات کان سال کن اڳ سخت بيمار ٿي پيو. سندس بڪيون فيل ٿي ويون. جنهن ڪري ڪيس پي آءِ اي پاران ڪراچيءَ جي پلاسٽڪ سرجري اينڊ جرنل اسپتال ۾ داخل ڪرايو ويو. اتي سندس علاج پي آءِ اي طرفان سندس وڏي فرزند محمد امين مگسي صاحب جي ملازمت جي ڪري پينل تي ٿيندو رهيو. اتي بڪين جي صفائي ۽ علاج ٿيندو

رهيو. ان شديد علالت واري وقت ۾ به ڪيس مدرسي ۾ طالبن جي هر وقت تانگ رهندي هئي. سندس وس ۾ هجي هان ته اڏامي وڃي مدرسي ۾ تدريس ڪري ها. سندس اهو فڪر موت تائين برابر رهيو.

مفتي صاحب جو علاج پلاسٽڪ سرجري اينڊ جنرل اسپتال ڪراچي ۾ هلندڙ هو. اهو سندس مرض الموت ثابت ٿيو. پاڻ 8 ذوالقعد 1427هجري الموافق 29 نومبر 2006ع اربع ڏينهن سانجهي نماز ڪان بعد چهين وڳي تي الله تعالىٰ جي سڏ تي لبيڪ چئي دم ڏٽي حوالي ڪيو. ڪراچيءَ مان سندس مڙهه ايمبولنس ذريعي سندس اباڻي ڳوٺ سوڀو خان مگسي ۾ آندو ويو. ٻئي ڏينهن خميس تي ظهر نماز ڪان بعد سندس جنازي نماز پڙهي وئي. سندس جنازي نماز جي امامت سندس مرشد آغا فخرالدين جان چشموي جن ڪئي. سنڌ جا وڏا مشهور عالم سڳورا، مشائخ، فاضل، حفاظ، سياستدان، سماجي ورڪر، سندس شاگرد ۽ پوري تر جا ماڻهو سندس جنازي نماز ۾ شريڪ ٿيا. اهو منظر دلسوز ۽ روح پرور هو. هزارين چاهيندڙ سندس آخري ديدار لاءِ ديوانه وار روئندا آيا. هزارين آبديده اکين سان ڪيس پنهنجي استاد حضرت مولانا عبدالڪريم مگسي صاحب جن جي پير ۾ مٽي حوالي ڪيو ويو. سندس قبر تي جيڪو ڪتبو لڳايو ويو آهي اهو هن طرح آهي.

بسم الله الرحمٰن الرحيم
ياالله　　　　يا رسول الله
موت العالِم موت العالَم
حضرت علامه مفتي ڪريم بخش مگسي
نقشبندي چشموي رحمة الله عليه
وصال مبارڪ 8 ذوالقعد 1427ھ
مطابق 29 نومبر 2006ع
انا لله و انا اليه راجعون

مفتي صاحب جي وفات کان بعد هڪ عقيدتمند ڊاڪٽر ڏٽي بخش ٽيبو ڳوٺ ٽيٻا ميهڙ جيڪو سائين جن جو نهايت معتقد هو سندس قبر مٿان هڪ پڪو چوڪنڊي نموني ڪمرو تعمير ڪرايو.

وصيت

مفتي صاحب پنهنجي قلمي سوانح ۾ پنهنجي اولاد ۽ احباب لاءِ وصيت لکي ڇڏي هئي.

"اي منهنجا پيارا اولاد جسماني ۽ روحاني! خدا واسطي اوهان کي اخدم جي طرف کان وصيت آهي ته جنهن به وقت ڪا مشڪل اچي ته تدريس (سبق پڙهائڻ) تي شوق ڪندا. ان شاء الله تعالىٰ سڀ مشڪلاتون دور ٿي وينديون.

منهنجا پيارا اولاد ۽ احباب! پهرين وصيت اها آهي ته الله تعالىٰ سان شريڪ ڪنهن کي به نه ڪجو. ٻي وصيت ته حضرت رسول الله ﷺ سان ٻي ڪنهن کي به شان ۾ برابر نه ڄاڻندا. حضرت (نبي) سائين ﷺ سيني کان اعلىٰ آهن. هن سان مَٿ ذات ۾ نه صفت ۾ نه ڪو ٿيو آ نه ٿيندو. چئن خليفن جو شان سيني امتين کان زياده آهي."

مفتي صاحب جي وفات جن اخبارن ڇپي

روزاني شام حيدرآباد، جمع، 1 ڊسمبر 2006، **جلد** 8، شمارو 91

روزاني پاڪ ڪراچي، ڇنڇر، 2 ڊسمبر 2006، **جلد** 10، شمارو 151

روزانه ڪاوش حيدرآباد، خميس، 30 نومبر 2006، **جلد** 17، شمارو 117

روزانہ ایکسپریس سکھر، جمعرات،30نومبر2006،جلد1،شمارہ4

روزنامہ جنگ کراچی، پیر4دسمبر2006

روزاني آس حيدرآباد، جمعو 1 ڊسمبر 2006، شمارو 110

روزنامہ نوائے وقت کراچی جمعۃ المبارک،1دسمبر2006،جلد28،شمارہ53

روزاني عوامي آواز ڪراچي، جمعو 1 ڊسمبر 2006، (سال 17) شمارو 332

روزنامہ امت کراچی جمعۃ المبارک، 1دسمبر2006، جلد11، شمارہ107
نئون سج ڪراچي، جمعو، 1 ڊسمبر 2006، جلد 11، شمارو 244
روزنامہ جراءت جمعۃ المبارک، 1دسمبر2006، جلد11، شمارہ نمبر313

مفتي صاحب جي ياد ۾ ميهڙ ۾ تعزيتي ميڙاڪو ٿيو. ان ميڙاڪي جي خبر هنن اخبارن ۾ ڇپي.

روزانه ڪاوش حيدرآباد، سومر 18 ڊسمبر 2006، جلد 17، شمارو 135
نئون سج ڪراچي، سومر 18 ڊسمبر 2006، جلد 11، شمارو 261
روزاني شام حيدرآباد، سومر 14 ڊسمبر 2006، جلد 8، شمارو 104
روزاني شام حيدرآباد، سومر 18 ڊسمبر 2006، جلد 8، شمارو 108

مفتي صاحب جي چاليهي جي خبر هنن اخبارن ۾ ڇپي.

روزانه ڪاوش حيدرآباد، جمع 12 جنوري 2007

مفتي صاحب جي پهرين ورسي ڏاڍي ادب ۽ احترام سان ملهائي وئي. ان جي خبر هيٺين اخبارن ۾ ڇپي.

روزاني سنڌ حيدرآباد، اربع، 5 ڊسمبر 2007، جلد13، شمارو 30
روزنامہ امت کراچی، بدھ، 5دسمبر2007، جلد13، شمارہ112
روزاني خبرون حيدرآباد، اربع، 5 ڊسمبر 2007، جلد4، شمارو 83
روزاني سوڀ ڪراچي، اربع، 5 ڊسمبر 2007، جلد 3، شمارو 334
روزاني تعمير سنڌ ڪراچي، اربع، 5 ڊسمبر 2007، شمارو 308
روزاني شام حيدرآباد، سومر 3 ڊسمبر 2007، جلد 9، شمارو 92
روزاني سنڌ حيدرآباد، اربع، 5 ڊسمبر 2007، جلد 13، شمارو 30

مفتي صاحب جي ياد ۾ هڪ نعت خواني جو پروگرام ميهڙ گهنٽاگهر چوڪ وٽ منعقد ڪيو ويو. ان جي خبر هنن اخبارن ۾ ڇپي.

روزاني شام حيدرآباد، خميس 3 اپريل 2008، جلد 9، شمارو 2006
روزانه ڪاوش حيدرآباد، خميس 3 اپريل 2008، جلد 18، شمارو 239.

مفتي صاحب کي ديار حبيب جي ديدار جي هر وقت تانگ هوندي هئي. الله تعالىٰ جي طرفان هر صاحب استطاعت مسلمان مرد توڙي عورت تي حياتيءَ ۾ هڪ ڀيرو حج ڪرڻ فرض آهي. فرمان باري تعالىٰ آهي تہ :

وَاَذِّنۡ فِى النَّاسِ بِالۡحَجِّ يَاۡتُوۡكَ رِجَالًا وَّعَلٰى كُلِّ ضَامِرٍ يَّاۡتِيۡنَ مِنۡ كُلِّ فَجٍّ عَمِيۡقٍ .7

ترجمو: ۽ ماڻهن ۾ حج جو عام اعلان ڪر تہ توهان وٽ اهي ماڻهو پيادل ۽ هر ڏٻري ڏاچيءَ تي (چڙهي) پري پري جي رستن کان اچي پهچندا.

مفتي صاحب ٽي حج ادا ڪيا. ٻہ حج بحري جهاز ۾ سفر ڪري ۽ هڪ دفعو هوائي جهاز ۾ سفر ڪري حج ادا ڪيائين. پهريون حج 1952ع ۾ ٻيو حج 1953ع ۾ ۽ ٽيون حج 1982ع ۾ ڪيائين. ان کان بعد 1999ع ۾ عمري جي سعادت بہ حاصل ڪيائين.

حوالا

---

1. سوينئر 2015 هاءِ اسڪول ون ميهڙ، ص 17، حيدرآباد، ساحل پرنٽر2015.
2. مگسي، عبدالله خان، پروفيسر، سنڌ جي تاريخ جو جديد مطالعو، ص 118، 121، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي 1994
3. مگسي، ڪريم بخش، مفتي، تواريخ مصطفائي، قلمي، ص2،1، (آتم ڪهاڻي مفتي ڪريم بخش مگسي.)
4. ٻرڙو، غلام حيدر، ڊاڪٽر، سنڌ جون چند ذاتيون، ص 12، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد 1981
5. قادري،عبدالرسول،ڊاڪٽر،قرب ڪريمي، ص 14، ميهڙ،مدرسہ عربيہ اڪبريہ دارالقرآن جامع مسجد سيد علي اڪبر شاھ 2018.
6. ماهوار صِراط الهدىٰ ، ص 45، آڪٽبر 2017،محرم الحرام 1439ھ، سلسلو نمبر 134
7. سورة الحج22، آيت27

حضرت مفتي ڪريم بخش مگسيؒ جون تصنيفات

ڇپيل تصنيفات

١. فيض الڪريم في اصول حديث الرحيم ﷺ

مفتي صاحب هي ڪتاب سولي سنڌي زبان ۾ لکيو آهي. هي ڪتاب ننڍي (ڊيمي) سائيز ۾ بيانوي (92) صفحن تي مشتمل آهي. هي ڪتاب سندس فرزند حافظ احمد ذهين صاحب 2012ع ۾ مدرسه عربيه اڪبريه دارالقرآن جامع مسجد ميهڙ طرفان ڇپرائي پڌرو ڪيو. هن ڪتاب جو موضوع اصول حديث آهي. هن ڪتاب جو تعارف ڪجهه هن ريت آهي.

هن ڪتاب جي فهرست صفحي نمبر 3 کان 6 تائين لکي وئي آهي. فهرست کان بعد صفحي نمبر 7 کان صفحي 9 تائين حافظ احمد ذهين صاحب پيش لفظ لکيو آهي. صفحي 10 تي هن ڪتاب جي پراڻي ڇپائي جي پهرين صفحي (ٽائيٽل پيج) جو عڪس ڏنل آهي. صفحي 11 کان 23 تائين مفتي صاحب جي مختصر سوانح ۽ مفتي صاحب بابت مختلف عالمن سڳورن جا تاثرات لکيل آهن. ڪتاب جي صفحي 25 تي مولانا عبدالڪريم مگسي صاحب جي تقريظ لکيل آهي. صفحي 26 تي مولانا غلام مجدد سرهندي صاحب جي تقريظ لکيل آهي. صفحي 27 تي "مصنف پاران" جي عنوان سان مفتي صاحب طرفان اهل مدارس کي هن ڪتاب پڙهائڻ ۽ ياد ڪرائڻ لاءِ اپيل لکيل آهي. ڪتاب جي صفحي 28 کان اصول حديث جي موضوع تي لکڻ جي شروعات ڪئي وئي آهي. هن ڪتاب ۾ شامل عنوان هن طرح آهن.

اصول حديث جي تعريف، اصول حديث جو موضوع، حديث جي تعريف، علم حديث جو حڪم، علم حديث جي فضيلت، حديث جي تقسيم، خبر متواتر، خبر متواتر لفظي، خبر متواتر معنوي، خبر واحد، خبر واحد جي تقسيم، حديث مرفوع، حديث موقوف، حديث مقطوع،

حديث قدسي، خبر واحد جي ٻي تقسيم، حديث مشهور، حديث عزيز، حديث غريب، خبر واحد جي ٽين تقسيم، صحيح لذاته،حسن لذاته، ضعيف، صحيح لغيره، حسن لغيره، حسن لذاته ۽ حسن لغيره جي رتبي ۾ فرق، موضوع، متروڪ، شاذ، محفوظ، منڪر، معروف، معلل، مضطرب، مقلوب، مصحف، مدرج، خبر واحد جي چوٿين تقسيم، متصل، مسند، منقطع، معلق، معضل، مرسل، مدلس، خبر واحد جي پنجين تقسيم، معنن، مؤنن، مسلسل، بيان صيغ اداءِ، حدثني ۽ اخبرني ۾ فرق، معارض حديث جا قسم، محڪم، مختلف الحديث، ناسخ ۽ منسوخ، موافق حديث جا قسم، متابِع، متابَع، شاهد، حديث جي ڪتابن جو بيان، پهرين تقسيم، ٻي تقسيم، جرح ۽ تعديل جو بيان، الفاظِ تعديل، الفاظِ جرح، تقسيم جرح ۽ تعديل، قبوليت ۽ علم قبوليت جرح ۽ تعديل، شرط قبوليت جرح ۽ تعديل، جرح ۽ تعديل ۾ تعارض، ضروري معلومات (هن عنوان هيٺ سند، متن، اسناد، راوي (مسنِد)، حافظ الحديث، حجة في الحديث، حاڪم في الحديث، صحابي، تعدادِ صحابہ، افضل صحابہ ڪرام، مڪثرين صحابہ، تابعي، افضل تابعي ۽ حوالي لاءِ مستعمل اصطلاحات جي مختصر وضاحت ڏنل آهي ۽ صحاح ستہ جي مصنفن جو تعارف شامل آهن. آخر ۾ ساڻي ۽ سونهان جي عنوان تحت ڪتابيات ڏنل آهي. ڪتاب جي پنين پاسي تي مفتي صاحب جي ڪتاب مواعظ ڪريميہ جي تصوير ڏنل آهي ۽ مفتي صاحب جي ڪتابن جي فهرست ڏنل آهي.

ڪتاب تي تنقيدي تبصرو

هي ڪتاب اصول حديث جي موضوع تي لکيل آهي. هن ڪتاب جي اندر صرف اصول حديث تي مشتمل عنوان هئڻ گهرجن ها. هن ڪتاب ۾ مفتي صاحب جي سوانح تيرهن صفحن تي لکي وئي آهي. هن ڪتاب ۾ سوانح لکڻ جي گنجائش نہ هئي. سوانح لکڻ سان هن ڪتاب جي ضخامت ۾ اضافو ٿئي ٿو. ان کان علاوه هن ڪتاب جي بعد ۾

مفتي صاحب جي فرزند حافظ احمد ذهين طرفان ڪجھ ترتيب ڏني وئي آهي. ڪتابي حوالن جي تخريج بہ بعد ۾ ڪئي وئي آهي. عبارتن تي اعراب بہ بعد ۾ لڳايا ويا آهن. مشڪل عبارت ڪي بہ بعد ۾ حاشيو لڳائي آسان ڪيو ويوآهي. هر تعريف جو حڪم بہ بعد ۾ بيان ڪيو ويو. هن ڪتاب ۾ ڪجھ تعريفات جو اضافو پڻ ڪيو ويو. مفتي صاحب جو اصل لکيل ڪتاب ٿورڙن صفحن تي مشمل هو ۽ صرف مضمون مطابق ان ۾ مواد شامل هو. بعد ۾ ڪتاب جي ضخامت ۾ اضافو ڪيو ويو.

٢. مواعظ ڪريميہ

هي ڪتاب مفتي صاحب جي تيرهن واعظن تي مشتمل آهي. مفتي صاحب جيڪي مختلف وقتن تي مختلف جاين تي تقريرون ڪيون انهن کي رڪارڊ ڪري رکيو ويو. بعد ۾ انهن بيانن کي قلمبند ڪري ڪتابي صورت ۾ آندو ويو. هي ڪتاب مفتي صاحب جي بيانن جو مجوموعو آهي. هن ڪتاب نندي سائيز ۾ ڇپيل آهي. هي ڪتاب 300 صفحن تي مشتمل آهي. هن ڪتاب کي مختلف عنوان ڏئي ۽ تخريج ڪري شايع ڪرايو ويو. هن ڪتاب جي شروعات ۾ فهرست لڳل آهي. هيءَ فهرست صفحي هڪ کان صفحي تيرهين تائين لکيل آهي. هن ڪتاب جا عنوان بعد ۾ ڏنا ويا آهن. انهن مطابق هن ڪتاب ۾ هيٺيان مضمون ۽ عنوان شامل آهن.

فهرست کان بعد ”پنهنجي پاران“ جي عنوان تحت مفتي صاحب جي سوانح لکيل آهي. جيڪا ڪتاب جي ٻارهن صفحن تي مشتمل آهي. ان کان بعد ”ڪجھ هن ڪتاب جي باري ۾“ جو عنوان ڏئي ڪتاب جي باري ۾ ٻڌايو ويو آهي. ان کان بعد مفتي صاحب جي هر بيان کي الڳ عنوان ڏئي انهن جا ذيلي عنوان قائم ڪري لکيو ويو آهي. مفتي صاحب جا هي بيان ذيلي عنوانن سان قائم ڪيا ويا آهن.

١. اطاعت ۽ عشق رسول

هن بيان جا ذيلي عنوان هن ريت آهن. جمع جي ڏينهن صلوٰة، انبياء حيات آهن، جمعي جي ڏينهن ساجهر اچڻ جو ثواب، 80 سالن جا گناهہ معاف، مان صلواة مبارڪ ٻڌان ٿو، سرڪار ﷺ جي محبت، صديق اڪبر ڊال ٿي ويو، ابو سلمہ جو عشق، حضرت بلال رضي الله عنه تي مصيبتون، بلال رضي الله عنه جي محبت، ايمان ڪامل، جنت ۾ ديدار، نابين صحابي ۽ نماز، صديقن سان گڏ، ڏوڪي جو عذاب، سوال جو جواب قرآن مان، عورت جو آواز، ساهہ جي رڳن ڪان بہ ويجهو، خنزير جي رت ۾ هٿ ۽ گناهن جو اصل.

٢. محمد ﷺ جي نالي ۽ اسلام جي برڪت

هن بيان جا ذيلي عنوان هن ريت آهن. حديبيہ وارو صلح، چپن ڪي چميون، گنهگار ۽ چمي، آئيني ۾ ڏسڻ، ٻارهن مهينن جو حساب،زخمي اک، دسترخوان باهہ ۾، چئن ڪمن ۾ دير نہ ڪريو، ٽن ڳالهين جي تلقين، ستن سالن جو ٻار ۽ نماز جو حڪم، شهيد جي مثان قرض، پيءُ ماءُ زندهہ ٿي وجن تہ بہ، پيءُ ماءُ ۽ ڏاڏي جو وصال، عبدالمطلب جي وصيت، سرڪار ﷺ جن جو واپار لاءِ سفر، تعريف مضاربت، شام ڏانهن سفر، الله عزوجل تي توڪل، خاتون جنت جگر جو ٽڪرو، خاتون جنت جو ڏاج، حرام آواز، ايمان جي ڪنجي، ستل بزرگ، ڏاڙهون ۽ طلب، حق مهر ۾ درود شريف.

٣. نبوي نور ۽ امت تي مهربان نبي

هن بيان جا ذيلي عنوان هن ريت آهن. انجير جو پن، مان ابراهيم عليه السلام جي دعا آهيان، ابراهيم عليه السلام جي دعا، تعبير ڪعبہ، نهارڻ بہ عبادت آ، پهرين نظر، شير خدا ڏانهن نهارڻ بہ عبادت آ، مان بشارت آهيان، جڳ جهان کي پيدا نہ ڪيان هان، دنيا ۾ اچڻ سان ئي دعا، پير مبارڪ سُڄي ويا، قوم نوح عليه السلام جي مٿان عذاب، غار ۾ عبادت، جڳ جهان کي پيدا نہ ڪيان هان، امتي

جهنم ۾ نہ رهندو، عورتن کي سورة يوسف نہ پڙهايو، ملائڪ اعرابي جي شڪل ۾، خنزير جي رت ۾ هٿ ۽ ساھ جي رڳن ڪان بہ ويجهو.

۴. **علم ۽ عالمن ۽ قرآن پڙهڻ جي فضيلت**

هن بيان جا ذيلي عنوان هن ريت آهن. هر شيءِ جو بيان، عجيب سوال، سوَن جي تعداد ۾ حافظ، مصر جو پڙهيل، علماءَ نبين عليهم السلام جا وارث آهن، الله عزوجل ڪان عُلماءَ ئي ڊڄندا آهن، رزق جو ضامن الله آهي، ياسين شريف جي اجازت ۽ سيد جو حفظ پڪو ٿي ويو.

۵. **علم جو شان**

٦. **علماء جو شان**

هنن بيان جا ذيلي عنوان هن ريت آهن. سڀ ڪان پلو انسان، عالم جو شان، ست فائدا، علم ملڪيت ڪان افضل آهي ۽ ست شيون پاڻ ۾ برابر نہ آهن.

۷. **رمضان جي برڪت**

هن بيان جا ذيلي عنوان هن ريت آهن. رمضان جي برڪت، دوزخ ڪان ڍال، ڪانوَ جي عمر جيترو دوزخ ڪان پري، باب الريان، روزو ۽ قرآن شفاعت ڪندا، 10 هزار ملائڪن جي آمد، جنت عاشق هوندي آهي، سونو تاج، حافظ شفاعت ڪندو، جنت ۾ قرآن پڙهندا وجو، جهنم جي باھ نہ ساڙيندي، قرآن اُٺ جي مثال آهي، مسجد مان ڪک ڪڍڻ جو ثواب، حفظ ڀُلائڻ جو عذاب، فطرو مسلمان جي مٿان واجب آهي، فطري ۾ بہ حڪمتون ۽ ڇوڪري جي عيد.

۸. **ميلاد مصطفیٰ ﷺ**

هن بيان جا ذيلي عنوان هن ريت آهن. صلوٰة مبارڪ پڙهو، توهان فرقا نہ ٿيو، قرآن، الله عزوجل جو رَسو آهي، قرآن جنت ۾ داخل ڪندو، ملائڪ لهي آيا هئا، بہ شيون قيامت ۾ دانهون ڪنديون، مٿان اصحابياڻي جو شيشو ڀڃين وِجهين، سوني سِر، نبي ڪريم ﷺ جن جو نور، سيدنا آدم عليه السلام جي وصيت، انجير جو شان، حضرت

عبدالله رضي الله عنه جو خواب، امان آمنہ رضي الله عنها کي مبارڪ، شام جون ماڙيون ۽ نور ئي نور هُيو.

٩. فضائل قرآن

هن بيان جا ذيلي عنوان هن ريت آهن. صلوٰة مبارڪ، مان ان کي سجاڳان ٿو، پلي ۾ پلي عبادت، پنهنجي زالن جو پاسو ڇڏيو، الله عزوجل قرآن پڙهيو، قرآن سفارش ڪندو، ملائڪن جي مبارڪ، علماء شفاعت ڪندا، ملائڪن جي امت کي مبارڪ، الله عزوجل سان ڪلام ڪرڻ جي خواهش، لالچ ئي علم کي نيندي، ظاهرين جماعت، قيامت ۾ امان ۾، قبرستان وارن جي شفاعت، بادشاهه جو علاج، شهوت سان چمي جو عذاب، متان قيامت ۾ حساب ورتو وڃي، صدقو مصيبتن کي دفع ڪندو آهي، ابو هريره رضي الله عنه جي ماءُ، الله عزوجل جو قرب ٻانهي سان، يا سارية الجبل، باهه کان ڇوٽڪارو، جنت جي باغن مان هڪ باغ، دعا رد نہ ٿيندي، نيل درياهه ۽ نوجوان ڇوڪري، حافظو مضبوط ٿي ويو، اصحابي جي مشڪل، مسلمان سان نہ ڳالهائڻ جي نحوست، ڇڻ تہ خون ڪيائين، پاڪيءَ سان ايمان کي ڪٽيندو آهي، بي نمازي کان نفرت، شڪل ڪِولين جهڙي هوندي،توهان مان پلو پرهيزگار آهي، جهنم جو لغام، نيڪ ٻانهن کي بہ عذاب ڏيو، هر گناهه جي جڙ نشو آهي، الله تعاليٰ جي لعنت، اصحابي تارن جي مثل آهن، سرڪار ﷺ جو آخري خطبو، مُباحلو، سرڪار ﷺ تشريف فرما ٿيا، ڪابہ تڪليف نہ ايندي، قرآن ۽ اهل بيت، جهان پيدا نہ فرمايان هان، مسجدن ۾ نماز پڙهڻ جو، سفيد لباس پسند آهي، شفقت سان نهارڻ بہ عبادت، بسم الله شريف جو تفسير، عجيب نقطو، جماعت جي اصلاح، خلافت فقط ٽيهہ سال، مان حسين مان آهيان، پنجويهہ حج، اهل بيت ٻيڙي جي مثل، اهل بيت قرآن کان ڌار نہ آهي، عورت تي لعنت، پٿرن سلام پڙهيو، چاليهہ سال صبح جي نماز، امام اعظم جي تقويٰ ۽ دعا عبادت جو مغز.

١٠. فضائل رمضان ۽ سنڌ جي فتح

هن بيان جا ذيلي عنوان هن ريت آهن. قيمتي لعل، چنڊ چيرجي پيو، ابوجهل ۽ شينهن، عرش ڏڪي ويندو آهي، هزار سال کان پوءِ زنده، رمضان مهيني کي سينگاريو، ستر فرض جيترو ثواب، روزي کولائڻ جو ثواب، نوڪرن کي ڪم گهٽ ڏيو، احسان ياد ڪري دعا گهرو، يهودي جو ساڙ، هٿ سُڪي ويو ۽ زمين ڳهي وئي.

١١. ڪامياب سچن مؤمنن جون نشانيون

محمد ﷺ جو امتي ڪرين هان، يتيم جي مٿي تي هٿ گهمائڻ، دل کي نرم ڪرڻ جو نسخو، ڏھ سال خدمت، هڪ سؤ ويھ ماڻهو، ڇوڪري زنده ٿي وئي، نبي ﷺ مشڪل ٽاري ڇڏي، حاجي الله عزوجل جي ذمي آهي، مؤمنن جي پهرين وصف، ڪافِر ۽ مسلمان ۾ فرق، نماز جي حالت ۾ تير ڪڍيو ويو، نماز ۾ شهادت، پينگهو جبرائيل عليه السلام لوڏيندو هو، سجدي جي لذت، مؤمن جي ٻي وصف، زبان جو زخم، جنت جا باغ ۽ ميوا، چاليھ سالن جي عبادت ختم، سينن سان لٽڪيل ماڻهو، حرام کائڻ جو عذاب، مؤمنن جي ٽين وصف، قاتل، مقتول جهنمي، رب جي نظر، دل جي مٿان ڪٽ، دل جي صفائي جو رندو، ڪنٽرول ڪرڻ وارا ٻانها، سؤ ڪوڙا، ايمان نڪري ويندو آهي، مخلوق کي لٽڻ، ظالم بي ايمان آهي، بي ايمان زاني، امت مان خارج، جنت جو ڇٽ، ٻار ڇٽيو، حد کان وڌندڙ، واعدي جا پڪا، مرشد جي تلقين، نماز جي مٿان نگهباني، جنت جا وارث ۽ رب ساهه جي رڳ کان به ويجهو آهي.

١٢. اطاعت رسول ۽ صديق جي صداقت

هن بيان جا ذيلي عنوان هن ريت آهن. پٽرن سلام پڙهيو، عبدالمطلب جي وصيت، نبي ﷺ سان صديق ۽ بلال جي ازلي دوستي، هوڙ وانگر چنبڙو، صديق رضي الله عنه تي پٽرن جو وسڪارو، جاهليت وارو موت، اڍائي سال خلافت، بيماري جي حالت ۾ ياد، صديق اڪبر جي ورهاست، جنت کان محروم، صديق اڪبر رضي الله عنه جو ڪفن، صديق اڪبر رضي الله عنہ جي انوکي وصيت، اڄ طعام مٺيل آهي، صديق اڪبر رضي الله عنه جي درد ڀري ياد، خلفاءِ راشدين جي پيروي ۽ ستارن جيتريون نيڪيون.

١٣. فضائل اهل بيت ۽ شهادت حسين

هن بيان جا ذيلي عنوان هن ريت آهن. امتي ڪي سچاٽان ٿو، مصطفیٰ ﷺ جو نور، جهان پيدا نہ فرمايان هان، خاتون جنت جي جنازي جو پردو، گهر نور سان مُنور ٿي ويو، ٻہ شيون، بغير حساب جي جنت، ڦوڪ، ڦوڪ، ٿي ڏينهن بک تي افطاري، گناهہ معاف ٿي وڃن ٿا، گلا زنا کان بہ سخت آهي، هزاز نفل، اکين ۾ سيهو ڀريو ويندو، محشر ۾ بدبوءِ، نبي ﷺ جي وصيت، جانورن جي گوءِ رکرائڻ منع آهي، خنزير جي رت ۾ هٿ، توبہ جا دروازا بند ٿي ويندا، توبہ ڪرڻ سان گناهن کان پاڪ، ٿانوَ ڌوئي ۽ ڍڪي رکو، ٿي مصيبتون، ڪڙو بسم الله پڙهي بند ڪريو، نانِي جي فتویٰ ۽ ساٿي ۽ سونهان.

ڪتاب تي تنقيدي تبصرو

هن ڪتاب ۾ ذيلي عنوان ضرورت کان وڌيڪ ڏنا ويا آهن. هن ڪتاب جي ڇپائي ۾ اکرن جي (فونٽ) سائيز بہ ضرورت کان وڏي رکيل آهي. جنهن ڪري هر صفحي تي مواد ٿورو آيو آهي. هن ڪتاب جي تخريج بہ بعد ۾ ڪئي وئي آهي. هن ڪتاب تي سن اشاعت وغيره بہ لکيل نہ آهي. هن ڪتاب ۾ ڪافي ڳالهين جو تڪرار آهي. ان تڪرار کي حذف ڪيو وڃي ها تہ ڪتاب جي ضخامت ۾ بہ ڪافي گهٽتائي اچي وڃي ها.

٣. مسائل ضروري

هي رسالو ڪتابچي جي صورت ۾ مفتي صاحب لکيو. جيڪو ڪتابي صورت ۾ ڇپرايو ويو. هن ڪتاب جي ٽائيٽل تي بسم الله الرحمٰن الرحيم مسائل ضروري مصنف حضرت مولانا ڪريم بخش عفي الله ڊسٽرڪٽ خطيب دادو رفيق احمد سومرو پنيور لکيل آهي. هي رسالو اٺ (8) صفحن تي مشتمل آهي. هن رسالي جي شروعات ۾ ”نڪاح پڙهڻ جو آسان شرعي طريقو“ جو عنوان قائم ڪري نڪاح جو طريقو لکيو ويو آهي. ان کان بعد ايمان جون دعائون لکيون ويون آهن. ان کان بعد نڪاح جو خطبو لکي نڪاح جو طريقو مڪمل سمجهايو ويو آهي. ان کان پوءِ ”اسقاط جو طريقو“ جو عنوان قائم ڪري ميت جي اسقاط ڪرڻ جو طريقو لکيو ويو آهي. ان کان بعد ”قرآن پاڪ بخشڻ جو طريقو ميت جو“ قائم ڪري ان جي وضاحت ڪئي وئي آهي. ان کان بعد ”دعاءِ ختم شريف جي“ جو عنوان قائم ڪري ختمو بخشڻ جو طريقو لکيو ويو آهي. ان کان پوءِ ”زنده ماڻهو کي قرآن پاڪ بخشڻ جو طريقو“ جو عنوان قائم ڪري ان جي پوري وضاحت نقشي سان ڪئي وئي آهي. آخر ۾ رسالي جي آخري صفحي تي ”ڪفن جو احوال“ جو عنوان قائم ڪري ڪفن جي تفصيل لکي وئي آهي ته ڪيترو ڪپڙو ۽ ڪهڙي استعمال لاءِ گهربل آهي. صفحي جي آخر ۾ ڇپائيندڙ النصير پرنٽرس ڪراچي ۽ پرنٽرس جو فون نمبر لکيل آهي.

ڪتاب تي تنقيدي تبصرو

هي ڪتاب رسالي جي صورت ۾ ڇپرايو ويو آهي. هن ڪتاب تي اشاعت جو سال، تعداد وغيره لکيل نه آهي. ان کان علاوه هن ڪتاب ۾ مفتي صاحب پنهنجي علائقي ۾ مروج رواج کي لکيو آهي. هن مسئلن ۾ بين ڪافي مسلڪن جو اختلاف آهي. اگر هن ڪتاب ۾ انهن مسئلن جي وضاحت ۾ شريعت جي معتبر ڪتابن جون عبارتون ۽ حوالا ڏنا وڃن ها ته جيئن مفتي صاحب جي ڳالهين جا ثبوت ملي وڃن ها.

۴. ميهڙ جون ديني درسگاهون

هي ڪتاب مفتي ڪريم بخش صاحب جي تصنيف آهي. مفتي صاحب تعلقي ميهڙ جي ديني شخصيات ۽ مدرسن جي تاريخ محفوظ ڪرڻ جي سلسلي ۾ قلمي محنت ڪئي. ان سلسلي ۾ پاڻ ميهڙ جي هڪ سؤ مدرسن جي باري ۾ معلومات گڏ ڪري ڪتاب جي صورت ۾ مرتب ڪيو. ان ڪتاب جو مقدمو سنڌي زبان جي عظيم محقق ۽ عالم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب ڪان لکرايائين. مفتي صاحب هن ڪتاب ڪي ڇپرائڻ جي ڪوشش ڪئي مگر ڪن مصروفيتن جي ڪري ڇپرائي نہ سگھيو. ڊاڪٽر نبي بخش صاحب بہ پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪتاب جي باري ۾ پڇندو رهيو، پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو تہ هي ڪتاب نہ ڊاڪٽر صاحب جي زندگيءَ ۾ ڇپجي سگھيو ۽ نہ وري مفتي صاحب جي زندگيءَ ۾ ئي ڇپجي سگھيو. مفتي صاحب هن ڪتاب جو مواد ڏاڍو سنڀالي رکيو ۽ ڪيس هن ڪتاب ڇپرائڻ جو ڏاڍو شوق بہ هو، مگر تقدير اڳيان انسان بي وس هوندو آهي. وري ڏک جي ڳالھ اها ٿي جو مفتي صاحب جي وفات ڪان بعد سندس فرزند محمد امين صاحب اهو مسودو ڪٺي ڪتاب ڇپرائڻ جي ڪوشش ڪئي. ڇپائي جي سلسلي ۾ ڪتاب جو مسودو حيدرآباد ۾ ڪمپوزنگ جي لاءِ ڏنو. اتفاق سان ان ڪمپوزر ڪان ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي لکيل مواد سان گڏ ڪتاب جو ڪافي مواد بہ گم ٿي ويو. ان جي ڪافي ڳولها ڪئي وئي مگر بي سود رهي. آخرڪار بقايا مواد ڪٺي عربيہ پبليڪيشن ڪراچيءَ ۾ ڪمپوزنگ ۽ ڇپائي لاءِ ڏنو ويو. هن ڪتاب جو مهاڳ مفتي صاحب جي فرزند محمد امين صاحب لکيو آهي. هن ڪتاب جو تعارف ڪجھ هن ريت آهي.

هن ڪتاب جي ٽائيٽل تي ”مدرسہ اڪبريہ دارالقرآن جامع مسجد ميهڙ“ جي پراڻي عمارت جي تصوير ۽ ڪتاب جو نالو ”ميهڙ جون ديني درسگاهون“ ڏنل آهي. اصل ۾ مفتي صاحب هن ڪتاب جو نالو ”ميهڙ جا

هڪ سؤ مدرسا“ رکيو هو، پر مفتي صاحب جي لکيل مواد جي ڪجهه ورقن جي گم ٿيڻ جي ڪري ڪجهه مدرسن جو احوال بہ گم ٿي ويو. ان ڪري هڪ سؤ جو تعداد برقرار نہ رهيو. جنهن ڪري هن ڪتاب جو نالو تبديل ڪري ”ميهڙ جون ديني درسگاهون“ رکيو ويو.

ڪتاب جي شروع ۾ ڪتاب جي فهرست ڏنل آهي. هن ڪتاب ۾ ايڪانوي مدرسن جو احوال لکيل آهي. فهرست کان بعد مولانا عبدالڪريم مگسي صاحب، مفتي محمد مهيسر صاحب، مفتي يار محمد صاحب ۽ حافظ احمد ذهين مگسي جون تصويرون ”ميهڙ جا مشهور علماء“ جي عنوان هيٺ ڏنل آهن. ان صفحي جي ٻئي پاسي حضرت خواجہ ميان غلام صديق سلسلہ شهداد ڪوٽيءَ جي بزرگ جي درگاهه جي تصوير ۽ مفتي ڪريم بخش صاحب جي تصوير جيڪا پاڻ ٻن شاگردن جنهن منجهه هڪ سندس وڏو فرزند محمد امين مگسي صاحب بہ آهي ڪي درس ڏيڻ جي آهي. اهي ٻئي تصويرون ڏنل آهن. ان کان بعد ڪتاب جو مهاڳ لکيل آهي، جيڪو محمد امين صاحب جي تحرير آهي. ان کان بعد ”مصنف پاران بہ اکر“ جي عنوان هيٺ مفتي صاحب جو هي ڪتاب لکڻ جو مقصد ۽ مدرسن جي اهميت تي لکيل مواد مفتي صاحب جي قلم مان نڪتل لکيل آهي. ڪتاب جي صفحي 22 کان مدرسن جو تعارف شروع ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ ڪل 91 مدرسن جو ذڪر ٿيل آهي. انهن ۾ مدرسہ پيروز شاهه (فيروزشاهه)، ناري وارو مدرسو، اگهاماٽي وارو مدرسو، آندل تنيو وارو مدرسو، علي مراد هيسباٽي وارو مدرسو، مدرسہ دارالفيوض سوڀو خان مگسي، مدرسہ فقيرپور شريف، مدرسہ غلام جانوري، مدرسہ ڪوهہ مولانا محمد ابراهيم سولنگي، مدرسہ ڳوٺ وگهيا، مدرسہ راڏڻ وليج، مدرسہ نيرهہ شريف، مدرسہ ڪرڙ ڪوسو، مدرسہ منو ماڇي، مدرسہ ٽرڙي محبت، مدرسہ رحيم جهتيال، مدرسہ رانجهو جهتيال، مدرسہ درگاهه ٻٽ سرائي، مدرسہ ڳوٺ پيري، مدرسہ مسو جلباڻي، مدرسہ دائود ڪانڌڙا، مدرسہ بوٿرو، مدرسہ پناڻ جو ڳوٺ،

مدرسہ ڳوٺ سهول، مدرسہ عربيہ اڪبريہ جامع مسجد ميهڙ، مدرسہ خادم القرآن ميهڙ، مدرسة البنات ميهڙ، مدرسہ ورند جا پاڻ، مدرسہ گاهي مهيسر، مدرسہ سيد جو ڳوٺ، مدرسہ بانگو تيوٽو، مدرسہ رهڙو شريف، مدرسہ لونگ تنيو، مدرسہ ڪولاچي، مدرسہ پوراچو، مدرسہ دائود مهيسر، مدرسہ گنبو تنيو، مدرسہ رحمو تنيو، مدرسہ ڀانهو لاڪير، مدرسہ عبدو، مدرسہ روٽي _ الهڏنو جانوري، مدرسہ سيد پور، مدرسہ قائم جتوئي، مدرسہ فريدآباد، مدرسہ گاهي خان سيلرا، مدرسہ مرزا واهہ، مدرسہ وليو ڪوسو، مدرسہ سينٽل مهيسر، مدرسہ گهاڙي، مدرسہ اميد ديرو، مدرسہ ڳوٺ گهارو، مدرسہ قاضي عارف مهيسر، مدرسہ اشرف سوڍر، مدرسہ قاضي عبدالرحمٰن، مدرسہ صفر لاڪير، مدرسہ ڳوٺ منگواڻي، مدرسہ علي مراد جتوئي، مدرسہ ڪنڊيور، مدرسہ بالي شاهہ، مدرسہ ڪوٺي ڪوڪر، مدرسہ پٺيجي،مدرسہ پنيور، مدرسہ ڳوٺ ٽيڀا، مدرسہ ٻيٺو جتوئي، مدرسہ ناري وارا ڪانڌڙا، مدرسہ ڳوٺ ترڪ، مدرسہ سوجهرو ڳورڙ، مدرسہ وڏيرڪو واهڻ مريد لاڪير، مدرسہ ماٽڪاٽي، مدرسہ ڳوٺ ٻليدائي، مدرسہ صادق ماڇي، مدرسہ ڳوٺ سانول ڪرٽيا، مدرسہ ڳاڙهي، مدرسہ ڪنڊو ماڇي، مدرسہ مارو جو ٿل، مدرسہ گرڪڻ، مدرسہ مونجي، مدرسہ ڳوٺ ٻپيرا، مدرسہ مسجدي سوڍاري، مدرسہ پير بخش سوڍر، مدرسہ پير گونگو، مدرسہ ڪمانگر، مدرسہ ٻاڙيا پنهور، مدرسہ منجڻ، مدرسہ کهري، مدرسہ لتڻ، مدرسہ ڪنر، مدرسہ مير محمد رند، مدرسہ ڳوٺ وارياسو، مدرسہ مٽين عاليوال ۽ مدرسہ عبدالله شاهہ گودڙيو جي مَدرسن ۽ مُدرسن جو احوال شامل آهي. هي ڪتاب 2015ع ۾ عربيہ پبليڪيشن ڪراچيءَ مان مدرسہ عربيہ اڪبريہ دارالقرآن جامع مسجد ميهڙ ضلع دادو جي طرفان ڇپرايو ويو آهي. هي ڪتاب ننڍي سائيز جي 183 صفحن تي مشتمل آهي. ڪتاب جي پٺين پاسي مفتي صاحب جي مختصر تعارف سندس تصوير سان گڏ محترم حبيب حضوري صاحب طرفان لکيل ڇپيل آهي.

ڪتاب تي تنقيدي تبصرو

جيئن تہ هي ڪتاب اوائلي دؤر ۾ موجود مدرسن جي خدمتن ۽ احوال تي مبني آهي. هن ڪتاب ۾ ڪافي ڳالهيون رطب ۽ يابس شامل ڪيون ويون آهن. هن ڪتاب ۾ جن 91 مدرسن جو احوال آهي، اهي 91 ئي مدرسا نہ هئا بلڪ اگر ڪنهن ڳوٺ جو ڪو حافظ يا عالم سڳورو هو ۽ هو پنهنجي ڳوٺ جي مسجد ۾ ڳوٺ جي ٻارڙن ڪي قرآن مجيد پڙهائيندو هو تہ مفتي صاحب ان ڪي بہ مدرسي جو نالو ڏئي مدرسن ۾ شمار ڪيو آهي. ان سان گڏ اها ڳالهہ بہ قابل غور آهي تہ ڪافي اهڙن مدرسن ڪي بہ لکيو ويو آهي جيڪي مدرسا نہ آهن بلڪ ڪنهن عالم سڳوري يا حافظ قرآن جا اصل ڳوٺ آهن. انهن ڪي بہ مدرسو شمار ڪيو آهي، حالانڪ انهن ڳوٺن ۾ ڪنهن بہ مدرسي جو ڪو وجود ئي نہ هو، بلڪ اها ڳالهہ تہ عام آهي تہ هرهڪ ڳوٺ جي مسجد ۾ ڳوٺ جي ننڍڙن ٻارڙن ڪي ڪو ڳوٺ وارو يا مولوي صاحب قرآن مجيد ناظره پڙهائيندو آهي. هاڻي ان مسجد ڪي مدرسو تہ نہ ٿو چئي سگهجي. اگر ان مسجد ڪي مدرسو چيو وڃي تہ تقريباً ميهڙ تعلقي جي هر هڪ ڳوٺ ۾ اهو سلسلو جاري هو ۽ آهي، پوءِ ان حساب سان تہ مدرسن جو تعداد 91 نہ بلڪ سوَ ن يا هزارن تائين پهچندو. ٻي ڳالهہ تہ هن ڪتاب اندر مدرسن جي قائم ٿيڻ جا سال بہ نہ لکيا ويا آهن. ان ڪان علاوه اتي پڙهائيندڙ استادن جي پيدائش يا وفات جا سن بہ موجود نہ آهن. ان ڪان علاوه اتان جي ڪن شاگردن جو ذڪر بہ نہ ڪيو ويو آهي. جنهن ڪري اتان جي شاگردن جو بہ ڪو پتو نہ ٿو پئجي سگهي.

انڻ ڇپيل تصنيفات

١. ڪشڪول ڪريمي

مفتي صاحب جيڪو ڪجهه مطالعو ڪندو هو يا ڪا سٺي ڳالهه ٻڌندو هو ته ان جون اهم ڳالهيون هڪ وڏي رجسٽر ۾ نوٽ ڪندو رهندو هو. ڪنهن اخبار، رسالي يا ڪتاب يا قلمي نسخي ۾ ڪا چڱي ڳالهه نظر آئي، ڪنهن بيماريءَ جو ڪو نسخو، ڪو تعويذ يا ڪو وظيفو، ڪا دعا يا نقش ڏسندو هو ته اهو به ان رجسٽر ۾ محفوظ ڪري ڇڏيندو هو. اهڙي طرح فارسي، عربي، اردو يا سنڌي جو ڪو شعر يا غزل يا ڪا عبارت ڪيس وڻندي هئي ته اها به ان رجسٽر ۾ لکي ڇڏيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن اخبار يا رسالي ۾ ڪا اهميت واري تصوير يا خبر هوندي هئي ته اها به ڪٽنگ ڪري ڪشڪول ۾ چپسان ڪري ڇڏيندو هو. ڪشڪول ڪريمي ۾ مواد جو تفصيل ڪجهه هن ريت آهي. صفحي نمبر1 تي مولانا رومي جو فارسي جو هڪ شعر ۽ ان جو اردو ۾ ترجمو لکيل آهي. ان کان بعد هڪ فارسي جو ٻيو شعر به لکيل آهي. صفحي نمبر2 تي گهوٽ جڏهن شادي جي پهرين رات ڪنوار جي ڪمري ۾ داخل ٿئي ته ان جو طريقو ۽ دعا لکيل آهي ۽ جماع کان اڳ ۽ بعد جون دعائون لکيل آهن. صفحي نمبر3 تي حضرت سهڻا سائين ڪنڊياروي جي ثنا ۾ منقبت لکيل آهي. صفحي نمبر 4 تي ڪشڪول ڪريمي ۾ موجود نسخن ۽ تعويذن جي فهرست لکيل آهي. صفحي نمبر5 تي رسول الله ﷺ جن جي خط جو متن لکيل آهي، جيڪو پاڻ ڪريمن ﷺ جن مديني جي پرسان رهندڙ قبيلن ڏانهن لکيو هو. صفحي نمبر6 تي الصلوٰة السلام عليک يا رسول الله ۽ الله اڪبر جا به اسٽيڪر لڳل آهن. صفحي نمبر7 تي مولانا شاهه احمد نوراني تي مشتاق سهيل طرفان لکيل مضمون جيڪو ڪنهن سنڌي اخبار ۾ ڇپيو هو جي ڪٽنگ لڳل آهي. صفحو نمبر8 بلڪل خالي ڇڏيل آهي. ان کان پوءِ صفحي نمبر9 تي

استخاره درگاهه خياروي شريف جو طريقو لکيل آهي. صفحو نمبر 13،12،11،10 ۽ 14 بلڪل خالي ڇڏيل آهن. صفحي نمبر 15 تي نقش قرآن لکيل آهي. صفحي نمبر 16 تي فال نامو لکيل آهي. صفحي 17 تي ڪجهه ائڊريسون لکيل آهن. صفحي نمبر 18 تي رسول الله ﷺ جن کان منقول مطالعي کان اڳ جي دعا ۽ ان جو تفصيل لکيل آهي. صفحي نمبر 19 تي ايڊريس لکيل آهي. صفحي نمبر 20 تي ناري واهه تي ڳوٺ لغاري جي هڪ گهر ۾ عبدالرحيم گرهوڙي جي تبرڪات هئڻ جي باري ۾ يادگيري لکيل آهي. صفحي نمبر 21 ۽ 22 تي افاده از خدمت حضرت چشموي مدظل عالي لکيل آهي. صفحي نمبر 23 تي هڪ تعويذ جو نقش ۽ ان جي متعلق فارسي ۾ لکيل آهي. صفحي نمبر 24 تي حضور اڪرم ﷺ جن کان منقول دعا ”هٰذه الوظيفة لکل الحاجات“ جي عنوان سان لکي آهي. صفحي نمبر 25 تي هڪ تعويذ ۽ ان متعلق فارسي ۾ لکيل آهي. صفحي نمبر26 تي ٻه هڪ تعويذ ۽ ان جي متعلق تفصيل فارسي ۾ لکيل آهي. صفحي نمبر27 تي فارسي جي عبارت ۽ حضرت مولانا محمد عمر جان چشموي جي وفات جي تاريخ لکيل آهي. صفحي 28 ۽ 29 تي فارسي جا ڪجهه شعر لکيل آهن. صفحي 30 تي تعويذ ۽ ان جي وضاحت فارسي ۾ لکيل آهي. صفحي نمبر 31 کان 34 تائين عربي ۾ حرمت نڪاح ۽ نڪاح بغير اذن الولي جي وضاحت لکيل آهي. صفحي 35 تي سنڌيءَ ۾ هڪ غزل لکيل آهي. صفحي نمبر 36 تي فارسيءَ ۾ غزل لکيل آهي. صفحي نمبر37 تي خضاب جو نسخو ۽ ان جي تفصيل سنڌيءَ ۾ لکيل آهي. صفحي نمبر 38 تي ڪجهه تعويذ ۽ هڪ اردو اخبار جي ڪٽنگ جنهن ۾ برطانيه جي ماڊل گرل ٽماره جي ڏنل انٽرويو جنهن ۾ هن ڏاڙهي واري مرد سان شادي ڪرڻ جي خواهش جو اظهار ڪيو آهي لڳل آهي. صفحي نمبر 39 تي هڪ نسخو ۽ ان جو استعمال سنڌي زبان ۾ لکيل آهي. صفحو نمبر 40 خالي ڇڏيل آهي. صفحي نمبر 41 ۽ 42 تي نسخا لکيل آهن. صفحي نمبر 43 تي فارسيءَ

۾ ڪجھ گفتگو لکيل آهي. صفحي نمبر 44 ۽ 45 تي فارسيءَ ۾ هڪ نسخو لکيل آهي. صفحي نمبر 46 تي فارسي جي هڪ عبارت ۽ هڪ ايڊريس لکيل آهي. صفحي نمبر 47 تي هڪ تعويذ ۽ ان جي وضاحت فارسي ۾ لکيل آهي. صفحي نمبر 48 تي فارسيءَ جو هڪ شعر ۽ فارسي جي عبارت لکيل آهي. صفحي نمبر 49، 50،۽ 51 تي هڪ استفتا آهي ۽ ان جو جواب لکيل آهي. صفحي نمبر 52 تي ڪجھ بيمارين جا نسخا سنڌيءَ ۾ لکيل آهن.صفحي 53 کان 55 تائين هڪ ٻي استفتا ۽ ان جو جواب سنڌيءَ ۾ لکيل آهي. صفحي نمبر 56 کان 60 تائين مولود ۽ غزل سنڌيءَ ۾ لکيل آهن. صفحي نمبر 61 تي هڪ نسخو ۽ مولانا رومي جو فارسيءَ ۾ شعر لکيل آهي. صفحي نمبر 62 ۽ 63 تي فارسي ۾ غزل لکيل آهي. صفحي نمبر 64 ۽ 65 تي نسخا لکيل آهن. صفحي نمبر 66 ۽ 67 تي حضرت بايزيد بسطامي جي عربي زبان ۾ دعا لکيل آهي. صفحي نمبر 68 تي حضور اڪرم ﷺ جن جي حديث مبارڪ عربي ۾ لکيل آهي. صفحي نمبر 69 تي اردو ۾ غزل لکيل آهي. صفحي نمبر 70 تي هڪ تعويذ لکيل آهي. صفحي نمبر 71 تي فارسيءَ ۾ دعا لکيل آهي. صفحي نمبر 72 تي فارسي جا شعر ۽ عربي ۾ دعا لکيل آهي. صفحي نمبر 73 تي فارسي جا شعر ۽ سنڌي اخبار جي ڪٽنگ جنهن ۾ قاري محمد ڏيرو صاحب جي وفات جي خبر لڳل آهي چپسان ٽيل آهي. صفحي نمبر 74 تي مولانا دين محمد اديب فيروزشاهي تي ڇپيل هڪ مضمون جي ڪٽنگ لڳل آهي. صفحي نمبر 75۽ 76 تي هڪ غزل لکيل آهي. صفحي نمبر 77 ۽78 تي فارسيءَ جا شعر لکيل آهن. صفحي نمبر 79 تي سيد نجي الله شاه راشدي جي سوانح تي مشتمل اردو مضمون جي ڪٽنگ لڳل آهي. صفحي نمبر 80 تي هڪ تعويذ لکيل آهي. صفحي نمبر 81 تي فارسي جا شعر لکيل آهن. صفحي نمبر 82 تي روزنامه سفير اخبار ۾ لڳل خبر جي ڪٽنگ لڳل آهي. صفحي نمبر83 تي هڪ نسخو لکيل آهي. صفحي نمبر 84 تي هڪ درود

۽ عربي ۾ هڪ رباعي لکيل آهي. صفحي نمبر 85 تي هڪ دعا لکيل آهي. صفحي نمبر 86 تي آمريڪي جوتہ ساز ڪمپني جي توهين جي لڳل خبر جي ڪٽنگ ۽ خواجہ محمد عمر جان چشموي جي وفات تي لکيل هڪ مرثيو لکيل آهي. صفحي نمبر 87 تي سنڌيءَ زبان ۾ هڪ غزل لکيل آهي. صفحي نمبر 88 کان 93 تائين تعويذ لکيل آهن. صفحي نمبر 94 تي فارسي جا شعر لکيل آهن. صفحي نمبر 95 تي قبر جي مرمت جي باري ۾ عربي عبارت لکيل آهي. صفحي نمبر 96 تي هڪ عربي شعر لکيل اهي. صفحو نمبر 97 بلڪل خالي ڇڏيو ويو آهي. صفحي نمبر 100 تي مفتي صاحب جي استادن جي سند ۽ ميهڙ شهر ۾ جماعت اهلسنت پاران عظمت مصطفیٰ ڪانفرنس ملهائڻ جي خبر جي ڪٽنگ لڳل آهي. صفحي نمبر 101 کان 103 تائين تي مفتي صاحب جي استادن جو شجرو لکيل آهي. صفحي نمبر 103 تي ميهڙ ۾ عالمن ۽ حافظن جي دستاربندي جي تقريب تي گذري جي خبر جي ڪٽنگ لڳل آهي. صفحي نمبر 104 تي سنڌيءَ ۾ مولود شريف لکيل آهي. صفحي نمبر 105 تي فارسي ۾ مولود لکيل آهي. صفحي نمبر 106 تي ڪراچيءَ جي هڪ عورت ميهڙ ۾ اسلام قبول ڪيو جي خبر جي ڪٽنگ ۽ سيدي موساڻي جي سالياني عرس مبارڪ ملهائڻ جي پروگرام جي خبر جي ڪٽنگ لڳل آهي. صفحي نمبر 107 کان 113 تائين مختلف تعويذ لکيل آهن. صفحي نمبر 114 کان 116 تائين فارسيءَ جا شعر لکيل آهن. صفحي نمبر 117 کان 122 تائين تي مرقبي جو طريقو فارسي ۾ لکيل آهي. صفحي نمبر 123 تي هڪ نسخو ۽ مولانا گل محمد شهداد ڪوٽي تي لکيل مضمون جي ڪٽنگ لڳل آهي. صفحي نمبر 124 کان 126 تائين نسخا لکيل آهن. صفحي نمبر 127 تي ذڪر جي باري ۾ عربي عبارت لکيل آهي. صفحي نمبر 128 کان 130 تائين سنڌيءَ ۾ غزل لکيل آهن. صفحي نمبر 133 تي هڪ استفتا ۽ ان جو جواب فارسي ۾ لکيل آهي. 134 تي فارسي ۾ شعر لکيل آهن. صفحي نمبر 135 ۽ 136 تي تعويذ

لکيل آهن. صفحي نمبر 137کان 139 تائين تي مفتي صاحب طرفان ذکر جي اجازت فارسي ۾ لکيل آهي. صفحي نمبر 140 تي عربي ۾ حديث مبارڪ لکيل آهي. صفحي نمبر 141 تي سنڌيءَ ۾ غزل لکيل آهي. صفحي نمبر 141 کان 146 تائين فارسي جون عبارتون ۽ نسخا ۽ تعويذ لکيل آهن. صفحي نمبر 147 کان 149 تائين فارسي جا شعر لکيل آهن. صفحي نمبر 150 تي مختيار احمد سرهندي جي بيان مسلمانن ۾ امن ۽ ڀائيچاري جي فضا قائم ڪئي وڃي جي خبر جي ڪٽنگ لڳل آهي. صفحي نمبر 151 کان 161 تائين تي فارسي جا شعر لکيل اهن. 162 تي هڪ تعويذ لکيل آهي. 163 تي فارسي جا شعر لکيل آهن. 164 تي هڪ نسخو لکيل آهي. صفحي نمبر 165 ۽ 166 تي فارسي جا شعر ۽ عربي ۾ هڪ دعا لکيل آهي. صفحي نمبر 167 تي مولانا عطاء الله فيروز شاهي جي تاريخ وفات ۽ هڪ نسخو لکيل آهي. صفحي نمبر 168 تي ڪجھ ياداشت لکيل آهن. صفحي نمبر 169 تي طلاق جي باري ۾ ردالمختار جي عربيءَ ۾ عبارت لکيل آهي. صفحي نمبر 170 تي هڪ نسخو ۽ دعا لکيل آهي. صفحي نمبر 171 کان 173 تائين هڪ استفتا ۽ ان جو جواب سنڌيءَ ۾ لکيل آهي. صفحي نمبر 174 تي مولانا حبيب الله ڏيرو جو مولانا عبدالڪريم مگسي صاحب تي لکيل مضمون جي ڪٽنگ لڳل آهي. صفحي نمبر 175 تي رهڙي شريف جي ڪجھ عالمن جون تاريخ وفات لکيل آهن. صفحي نمبر 176 کان 180 تائين تي سنڌي ۾ هڪ غزل لکيل آهي. صفحي نمبر 181 تي فارسي جا شعر لکيل آهن. صفحي نمبر 182 کان 184 تائين تي احاديث مبارڪ عربي ۾ لکيل آهن. صفحي نمبر 185 کان 189 تائين تي مختلف تعويذ لکيل آهن. صفحي نمبر 190 تي هڪ نسخو لکيل آهي. صفحي نمبر 191 تي سنڌي ۾ غزل لکيل آهي. صفحي نمبر 192 تي ٻه نسخا ۽ ٻه اخبار جون ڪٽنگ لڳل آهن. صفحي نمبر 193 تي هڪ نسخو ۽ فارسي جون عبارتون لکيل آهن. 194 تي عربي ۾ احاديث مبارڪ لکيل آهن. 195 تي هڪ نسخو ۽ فارسي جي

هڪ رباعي لکيل آهي. صفحي نمبر 196 تي هڪ حديث عربي ۾ هڪ شعر سنڌي ۽ هڪ شعر فارسي ۾ لکيل آهي. صفحي نمبر 197 تي هڪ نسخو لکيل آهي. صفحي نمبر 198 تي سنڌي، اردو ۽ فارسي جا شعر لکيل آهن. صفحي نمبر 199 تي تعويذ لکيل آهي. صفحي نمبر 200 تي هڪ سنڌي غزل ۽ هڪ ايڊريس لکيل آهي. صفحي نمبر 201 تي فارسي شعر لکيل آهن. صفحي نمبر 202 تي مولانا عطاء الله فيروزشاهي جي شاگردن جا نالا لکيل آهن. صفحي نمبر 203 تي فارسي جا شعر لکيل آهن. صفحي نمبر 204 تي مفتي صاحب جي فرزند حمود مبين مصطفیٰ جو مولانا عبدالڪريم مگسي صاحب جي وفات تي لکيل مرثيو لکيل آهي. صفحي نمبر 205 تي مولانا الاهي بخش ايري صاحب جو لکيل غزل لکيل آهي. صفحي نمبر 206 تي درالمختار جي عربيءَ ۾ عبارت لکيل آهي. صفحو نمبر 207 ۽ 208 خالي ڇڏيل آهن. 209 تي فارسي جا شعر لکيل آهن. 211 تي پٽريءَ لاءِ دعا لکيل اهي. صفحي نمبر 212 ۽ 213 تي ايڊريسون ۽ فون نمبر لکيل آهي. صفحي نمبر 214 تي خارش لاءِ دوا جا نالا ۽ اردو جو شعر لکيل آهي. صفحي نمبر 215 تي ملان ۽ سياست هڪ مضمون جي ڪٽنگ لڳل آهي. صفحي نمبر 217 ۽ 218 تي ڪجهه شعر لکيل آهن. صفحي نمبر 218 تي هڪ تعويذ لکيل آهي. صفحي نمبر 219 تي هڪ وظيفو لکيل آهي. صفحي نمبر 220 تي هڪ نسخو لکيل آهي. صفحي نمبر 221 تي فارسي جا شعر ۽ ان جو سنڌيءَ ۾ ترجمو لکيل آهي. صفحو نمبر 222 ۽223 خالي ڇڏيل آهن. صفحي نمبر 224 کان 227 تائين مفتي صاحب جي هٿ تي اسلام قبول ڪرڻ وارن ٻن هندن جي خبر جون ڪٽنگس لڳل آهن. صفحو نمبر 229 ۽ 230 خالي ڇڏيل آهن. صفحي نمبر 231 ۽ 234 تي هڪ هڪ نسخو لکيل آهي.

٢. تواريخ مصطفائي

مفتي صاحب پنهنجي خودنوشته آتم ڪهاڻي پنهنجن هٿن سان لکي آهي. هن ۾ پاڻ پنهنجي زندگيءَ جا واقعات، يادداشتون ۽ ڪارگذاريون لکيون آهن. تواريخ مصطفائي جي آخر ۾ فوائد ڪريمي جي نالي سان جدا مواد لکيل آهي. هن حصي ۾ تصوف جا لطائف، حضور انور ﷺ جن جي زيارت بابت وظيفا، ورد وظائف، طبي نسخا، عربي، اردو ۽ سنڌي عبارتون ۽ شعر ۽ پنهنجي اولاد جي ڄمڻ جو تاريخون لکيون اٿائين.

حضرت مفتي ڪريم بخش مگسي رح جون ديني ۽ علمي خدمتون

تدريسي خدمتون

مفتي ڪريم بخش صاحب جڏهن ڪان هوش سنڀاليو تڏهن ڪان ئي ڪيس پڙهائڻ جو تمام گهڻو شوق هوندو هو. بچپن ۾ ئي سندس ٻاراڻي راند روند تدريس ڪرڻ ئي هوندي هئي. پڙهائڻ جو سندس سپنو هوندو هو. الله تعالىٰ ڪيس سندس سپني جي تعبير عطا فرمائي. پاڻ پنهنجي پوري زندگي پڙهڻ ۽ پڙهائڻ ۾ مصروف رهيو. ڪيس جنون جي حد تائين پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جو شوق هوندو هو. سندس زندگيءَ جو مقصد ئي تعليم و تعلم رهيو. پاڻ ڪي تدريس لاءِ ارپي چڪو هو.1 پنهنجي هر محنت ۽ ساري زندگي تعليم لاءِ وقف ڪري چڪو هو. ڪيس مرض الموت ۾ به مدرسي ۽ طالبن جو فڪر برابر دامن گير رهيو. پاڻ جڏهن ڪراچيءَ جي پلاسٽڪ سرجري اسپتال ۾ آخري علاج لاءِ داخل هو ته ميهڙ مان طبيعت پڇڻ لاءِ آيل هر ايندڙ ويندڙ ماڻهوءَ کي چوندو هو ته ” آءٌ نيڪ آهيان. مون کي ميهڙ وٺي هلو. مدرسي جا طالب الائي ڪيئن هوندا؟ پڙهائي رهجي ويندي.“ ان منجهان مدرسي ۽ طالبن سان سندس لڳاء جو اندازو ڪري سگهجي ٿو. پاڻ هر وقت ڪنهن ڪتاب جي مطالعي يا ڪنهن طالب کي پڙهائيندي ئي نظر ايندو هو. ايئن ڪٿي چئجي ته پاڻ سراپا تعليم و تعلم جو مجسمو هو. سندس اٿڻ ويهڻ، گهمڻ ڦرڻ، ڪائڻ پيئڻ ۽ سمهڻ جاڳڻ سڀ جو سڀ تدريس ئي رهيو.2 پاڻ 1937ع کان 2006ع تائين ستر (70) سالن جي لڳ ڀڳ جو عرصو تدريس ڪندي ئي گذاريو. سندس علم جي شمع تي پروانه پري پري ڪان ديوانه وار اچي مڙندا هئا، جيڪي علم جي نور منجهان پنهنجي نصيب جو حصو وٺي پنهنجن پنهنجن علائقن ڏانهن واپس يا ٻين علائقن ڏانهن وڃي اتي علمي جوت کي جاري رکيو. هن بزرگ جي تدريسي خدمتن

جي ڪري سندس فيض عام جام ٿيو. علم جا اڃايل سندس وٽ اچي پنهنجي اڃ اجهائيندا رهيا. هن بزرگ وٽان هزارن جي تعداد ۾ علم جا عشاق علم حاصل ڪري چڪا آهن. سندس زندگي سراپا تدريس رهي. سندس شاگردن منجهان ڪيترائي شاگرد مختلف شعبن ۾ آفيسر آهن. ڪيترائي مُدرس آهن جيڪي پرائمري اسڪولن، مڊل ۽ هاءِ اسڪولن، ڪاليج ۽ يونيورسٽين ۽ مدرسن منجهه تدريسي خدمتون ڪري چڪا آهن ۽ ڪيترائي تدريسي خدمتن تي مامور آهن. مفتي صاحب جي شاگردن منجهان ڪيترائي محقق پيدا ٿيا، جن تحقيق جي ميدان ۾ پاڻ ملهايو آهي. مفتي صاحب جي تدريسي خدمتن جي نتيجي ۾ سنڌ ۽ بلوچستان جا هزارين ماڻهو حافظ ۽ عالم فاضل آهن.

مفتي ڪريم بخش صاحب مدرسہ دارالفيوض سوڀو خان مگسي ۾ ڇٽيهه (36) سال رهيو. اتي ئي تعليم حاصل ڪري اتي ئي تدريس جي خدمت ۾ مصروف رهيو. اتي تدريس سان گڏ سياسي ۽ سماجي خدمتن ۾ بہ حصو وٺندو رهيو. اهو سمورو عرصو پنهنجي استاد محترم حضرت مولانا عبدالڪريم مگسي صاحب جي نظر هيٺ رهيو. مفتي صاحب کي ٻاهر ڪنهن مدرسي ۾ ڪم ڪرڻ جي خواهش ٿي تہ اتي وڏيڪ خدمت جو موقعو نصيب ٿيندو. جنهن ڪري درگاهہ پرچوندي شريف ۾ پڙهائڻ لاءِ ڪوشش ڪيائين پر ڪيس اتي پڙهائڻ جو موقعو نہ مليو. ميهڙ شهر ۾ خواجہ مسجد ۾ قاري احمد ڏيرو پڙهائيندو هو. قاري احمد صاحب خوش الحان ۽ سني آواز وارو قاري هو پر هن ڪان مدرسي جو مهتمم ۽ مسجد جي ڪاميٽي جا ميمبر ناراض ٿي پيا. جنهن ڪري ڪيس مدرسي منجهان رخصت ڪيائون. مسجد جي جماعت جي ماڻهن اهو چوڻ شروع ڪيو تہ مسجد ۽ مدرسي جي منتظمين حضرات ديني تعليم بند ڪرائي ڇڏي. الله تعالىٰ ڪانئن ضرور پڇاڻو ڪندو. ان تي مسجد ۽ مدرسي جا خدمتگار ڏاڍا پريشان ٿيا. انهن پهريان مفتي محمد مهيسر صاحب پيري واري کي ميهڙ هلي پڙهائڻ جي درخواست ڪئي. ان تي مفتي صاحب کين چيو تہ مان

ڳوٺ جي پڙهائي ۽ مدرسو ڇڏي ڪونہ سگهندس. توهان منهنجي استاد مولانا عبدالڪريم مگسي صاحب جن وٽ ڳوٺ سوڀو خان مگسي ۾ وڃو. اهو اوهان کي ڪو ڀلو عالم ڏيندو. سندن وٽ مدرسي ۾ سندن شاگرد مولوي ڪريم بخش مگسي بہ پڙهائيندو آهي. هن کي بہ شهر ۾ خدمت ڪرڻ جو شوق آهي. ان ڪري سائين وڏي تي زور بار وجهو تہ اوهان جو ڪم ٿي ويندو. اهو ٻڌي اهي مولانا عبدالڪريم مگسي صاحب جن وٽ آيا ۽ کين عرض ڪيو تہ سائين ماڻهن جي مهڻن ساڙي ڇڏيو آهي. مدرسو خالي آهي. اوهان پاڻ هلي اتي پڙهايو. اسان هر طرح خدمت ڪنداسون. اهو ٻڌي مولانا عبدالڪريم صاحب جن جواب ڏنو تہ اسان هاڻي پيرمرد آهيون. هي جوان مڙس مولوي (ڪريم بخش مگسي) اوهان کي ميهڙ مدرسي لاءِ ڏيون ٿا. جماعت وارا ان ڳالھ تي راضي ٿيا. چيائون تہ اسان وڃي مدرسي جو انتظام نيڪ ڪري اوهان کي اطلاع موڪلينداسين. ايئن چئي موڪلائي ميهڙ موٽيا. ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ هنن ماڻهو موڪليو. 1961ع يا 1962ع ۾ مفتي ڪريم بخش صاحب ميهڙ ۾ پڙهائڻ آيو. ساڻس مدرسہ دارالفيوض سوڀو خان مگسي جا ٽي وڏا شاگرد بہ گڏ آيا. 1. محڪم الدين سيال، 2. غلام سرور چنڊ ۽ 3.عبدالله جويو. جيڪي بعد ۾ سائين وٽان پڙهي عالم فاضل ٿيا. انهيءَ مدرسي ۾ اچي ڏاڍي چاھ ۽ شوق سان خدمت ڪرڻ شروع ڪئي. ان مدرسي جو نالو مدرسہ خير جاري ميهڙ هو. ان مدرسي ۾ آهستہ آهستہ ڪافي طالب اچڻ شروع ٿيا. جڏهن پنجويھ مسافر طالب داخل ٿيا تہ پڙهائي ڏاڍي سٺي نموني هلڻ لڳي.

مدرسہ عربيہ اڪبريہ دارالقرآن جامع مسجد ميهڙ

ميهڙ شهر جي مرڪزي جامع مسجد ۾ سيد علي اڪبر شاھ جو مدرسو دارالقرآن هلندڙ هو.3 هن مدرسي ۾ حضرت مولانا عبدالڪريم ڏيرو،4 حضرت مولانا درمحمد پنهور، حضرت مولانا قاري محمد ۽ حضرت مولانا تاج محمد سذايو (شاهل سذايو وارا) جهڙا وڏا بحرالعلوم

عالم ۽ قاري خدمت سرانجام ڏئي چڪا هئا. اتي ان وقت قرآن مجيد جي ناظره تعليم لاءِ مولانا پير محمد سهارڻ، حفظ جي شعبي ۾ حافظ نظر محمد جانوري ۽ عربي شعبي ۾ مولانا بشير احمد واڍو صاحب خدمت تي مامور هئا. پر ان وقت پڙهائيءَ ۾ اهو مزو نہ رهيو. مدرسي جو اهو عروج ختم ٿي چڪو هو. اهڙي صورتحال کي مدنظر رکندي ميهڙ جي ڪجھ دين جو درد رکڻ وارن ماڻهن سيد علي اڪبر شاھ صاحب کي مشورو ڏنو تہ خواجہ مسجد ۽ مدرسي واري مولوي صاحب ڪريم بخش مگسي صاحب کي هن مدرسي ۾ آڻجي تہ ڏاڍو سنو ٿيندو. ان ڳالھ کي ذهن ۾ رکي سيد صاحب مفتي صاحب سان خفيہ طريقي سان مليو ۽ کيس پنهنجي مدرسي ۾ پڙهائڻ جي پيش ڪش ڪئي ۽ اهو بہ ٻڌايو تہ اسان مدرسي جي بهبود ۽ ترقي لاءِ ڪجھ پيسا بہ رکي ڇڏيا آهن. اهو ٻڌي مفتي صاحب کيس چيو تہ سائين اخدم استاد وڏي (مولانا عبدالڪريم مگسي صاحب) جن جي حڪم تحت محترم محمد صديق شيخ صاحب وٽ آيل آهي. سو انهن ٻنهي حضرات جي اجازت کان سواءِ اوهان جي مسجد ۽ مدرسي ۾ اچڻ محال آهي. شاھ صاحب تمام گهڻي ڪوشش ڪئي پر مفتي صاحب جو ساڳيو ئي جواب رهيو. ان وچ ۾ مسجد شريف جو متولي ۽ مدرسي جو ان وقت مهتمم خواجہ بشير صاحب هو. اهو مفتي صاحب کي تنگ ڪرڻ لڳو ۽ کيس ڏاڍو پريشان ڪيائين. محترم محمد صديق شيخ صاحب کيس ڏاڍو سمجهايو پر هو مفتي صاحب کي پريشان ڪندو رهيو. انهيءَ پريشانيءَ جي خبر جڏهن سيد علي اڪبر شاھ صاحب کي پئي تہ اهو موقعو غنيمت سمجهي مفتي صاحب سان مليو ۽ ڏاڍي همدردي ظاهر ڪيائين. کيس هلڻ لاءِ ڏاڍو زور ڀريندو رهيو. آخرڪار مفتي صاحب ها ڪئي. پاڻ پنهنجي مرشد چشمي وارن سان ان سلسلي ۾ صلاح ۽ مشورو وٺڻ خاطر روانو ٿيو تہ پنيان سيد صاحب خواجہ مدرسي جا سڀ مسافر طالب پنهنجي مدرسي ۾ وٺي ويو ۽ کين چيائين تہ هاڻي مولوي صاحب هتي

پڙهائيندو. پوءِ مفتي صاحب ان جامع مسجد واري مدسي ۾ تدريس جي خدمت سان لڳي ويو. ديني ڪم ۾ آزمائشون به ايندڻيون آهن. مولانا بشير احمد واڍي صاحب مفتي صاحب جي مخالفت ڪرڻ شروع ڪئي. وڏن شاگردن کي چوندو هو ته اوهان مولوي صاحب کان وڏن ڪتابن جو امتحان وٺو. مدرسي ۾ طالبن گهٽي تعداد ۾ اچڻ شروع ڪيو. مولانا بشير صاحب ۽ حافظ نظر محمد جانوري صاحب جي پاڻ ۾ اڻ وڻت ٿي پئي. سيد علي اڪبر شاهه صاحب جي ننڍي ڀاءُ سيد علي اصغر شاهه صاحب انهن جي درميان ناهه ڪرائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر ناهه نه ٿي سگهيو. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو سيد علي اڪبر شاهه صاحب انهن ٻنهي استادن کي مدرسي منجهان ٻي دخل ڪري ڇڏيو. ان کان بعد مدرسي جو سڄو اهتمام سيد صاحب پاڻ سنڀاليو ۽ طالبن جو سڄو اهتمام مفتي صاحب جي حوالي ڪيو. آزاديءَ سان ڪم تمام سٺي نموني هلندو رهيو. مسافر طالب سؤ جي لڳ ڀڳ داخل ٿي چڪا هئا.

شاهه صاحب مدرسه دارالقرآن جو مڪمل نظام جنهن ۾ جامع مسجد جي امامت، جمعي جي تقرير ۽ خطبو، جماعت ۽ طالبن جا سڀ معاملا مفتي صاحب جي حوالي ڪيا.5 حافظ نظر محمد جانوري صاحب جي ڇڏي وڃڻ کان بعد حفظ قرآن جو شعبو به مفتي صاحب جي سپرد ٿيو. حافظن کي سبق ڏيڻ، انهن جو دور ٻڌڻ جو سڄو بار به مفتي صاحب تي هو. مفتي صاحب وٽ هن مدرسي ۾ سڀ کان پهريان حفظ مڪمل ڪرڻ وارا حافظ محمد تيوٽو نابين ۽ حافظ غلام رسول ترڪ هئا. پاڻ ڏاڍي جوش ۽ شوق سان مدرسي ۾ پنهنجو خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو.

صدر ايوب خان جي دؤر حڪومت هو. سندس حڪومت ۾ وڏيون درگاهون ۽ مسجدون اوقاف کاتي جي ماتحت ٿي ويون. ميهڙ جي جامع مسجد به اوقاف کاتي جي ماتحت ٿي ته مفتي صاحب به اوقاف کاتي پاران جامع مسجد جو پيش امام مقرر ٿيو. ڪجهه وقت کان بعد

پاڻ ضلعي دادو جو اوقاف کاتي طرفان ڊسٽرڪٽ (ضلعي) خطيب مقرر ٿيو. ان دوران پاڻ اوقاف کاتي طرفان اسلامي يونيورسٽي بهاول پور پنجاب ۾ ويو ۽ اتي ڪورس ڪري آيو.

مفتي صاحب جي محنت سان مدرسو ٿوري وقت ۾ عروج تي اچي ويو. مدرسي ۾ بهار اچي وئي. قال الله ۽ قال رسول ﷺ جون صدائون گونجڻ لڳيون. مفتي صاحب هن مدرسي ۾ اٺ سال رهيو ته مدرسي جو مهتمم جناب سيد علي اڪبر شاهه صاحب 22 جون 1969ع ۾ هن فاني دنيا مان رحلت ڪئي. سيد صاحب جي وفات کان اڳ سندس ننڍو ڀاءُ سيد علي اصغر شاهه صاحب به وفات ڪري چڪو هو. سيد علي اڪبر شاهه صاحب کي عمر جي پوئين حصي ۾ پٽ جو اولاد ٿيو. جنهن جو نالو محمد رکيائين. سيد صاحب جي هن معصوم ٻچڙي جي پرورش ۾ مفتي صاحب جو وڏو حصو آهي. پاڻ ساڻس بيحد محبت ڪندو هو. پنهنجن ٻچن وانگر پاليندو هو. ساڻس ايتري قدر محبت هوندي هئس جو ان معصوم نينگر کي فرض نماز جي وقت به پنهنجي پر ۾ مصلو وڇائي ويهاريندو هو تاڪ سندس چاهه دين سان وڌي ۽ ڪيس دين سان لڳاءُ پيدا ٿئي. ڪيس فارسي ۽ عربي جي تعليم ڏنائين. سندس هر طرح سان خيال رکندو هو. اڄ ڪلهه سيد محمد شاهه ابن سيد علي اڪبر شاهه صاحب ميهڙ ۾ وڏي عزت ۽ قدر جي نگاهه سان ڏٺو وڃي ٿو. پاڻ پنهنجي والد صاحب وانگر نهايت خدمتگار ۽ سماجي ڀلائي جي ڪمن ۾ اڳرائي ڪرڻ، هر بيوس ۽ لاچار جي مدد ڪرڻ لاءِ هر وقت ڪمر بسته رهڻ، ڀلائي جي ڪمن جي ٻين کي به ترغيب ڏيڻ، متقي، پرهيزگار، باعمل ۽ بااخلاق انسان، شريعت سان پيار ڪندڙ، علماء و صلحاء جي دل سان عزت ۽ تعظيم ڪرڻ، هر مذهبي ۽ ادبي پروگرام ۾ شرڪت ڪرڻ، مذهبي ۽ ادبي پروگرام منعقد ڪرائڻ وغيره سندس شيوه ۽ سڃاڻپ آهي. ڪيس پوري سنڌ پير آف ميهڙ جي لقب سان سڃاڻندي آهي. پاڻ پير ٿي ڪري ڪڏهن به ڪنهن تي اهو تاثر قائم نه ڪيو ته هو

ڪو پير آف ميهڙ آهي. بلڪ هر ملڻ واري سان دوستانہ ماحول ۾ اهڙو تہ رلي ملي ويندو آهي جو هر نئون ماڻهو بہ ايئن سمجهندو آهي تہ سندس سالن کان وٺي ساڻس ڪا ملاقات هجي. پاڻ ياروويس، مهمان نواز، دين جو خدمتگار، علماء جي عزت ڪرڻ وارو ۽ ٻين جو درد دل ۾ رکڻ وارو انسان آهي. مطلب تہ سندس اندر پنهنجي والد صاحب واريون خوبيون موجود آهن.

سيد علي اڪبر شاهہ صاحب ميهڙ ۽ ميهڙ وارن جو محسن، ڇپر ۽ ڇانوَ هوندو هو. سندس وڇوڙي ڪيترن ئي ماڻهن کي لاوارث بڻائي ڇڏيو. سندس ساروڻيون ساري ماڻهو اڄ بہ بي تحاشا لڙڪ وهائڻ تي مجبور ٿي ويندا آهن. سيد صاحب جي وڇوڙي مفتي صاحب کي بہ اڪيلو ڪري ڇڏيو. پاڻ سرڪار طرفان مسجد جو اوقاف کاتي طرفان امام مقرر هو. ان جي پگهار سرڪار کان ڪيس ملندي هئي. پر مدرسي جي خدمت بنا معاوضي رضا الٰهي خاطر ڪندو هو. البتہ مدرسي ۾ تدريس ڪرڻ وارن استادن جون پگهارون، طالبن جو خرچ، مدرسي جي خرچ جو انتظام الله تعالىٰ جي آسري ۽ جماعت جي تعاون سان ڪندو رهيو. سندس پوري زندگيءَ ۾ مدرسي جو ڪو سفير مقرر نہ ٿيو. پاڻ متوڪل علي الله هوندو هو. سيد صاحب جي وفات کان بعد اٽيهہ سالن جي لڳ ڀڳ جو عرصو مدرسي جي خدمت ڪندو رهيو. پنهنجي زير نگراني مدرسي لاءِ استاد بہ مقرر ڪندو رهيو. مدرسي ۾ قرآن مجيد جي ناظره تعليم جو شعبو، حفظ قرآن جو شعبو ۽ فارسي ۽ عربي جو شعبو قائم هوندو هو. پاڻ فجر نماز کان وٺي عشاء کان بعد بہ تدريس ۾ مشغول رهندو هو. مسافر طالبن جي تعداد گهٽي ٿيڻ ڪري هر شعبي لاءِ نائب استاد مقرر ڪندو هو تہ جيئن تعليم جو نظام بهتر نموني سان هلندو رهي ۽ گهڻا طالب مستفيد ٿي سگهن. پاڻ روزانو ويهن کان بہ وڌيڪ سبق پڙهائيندو هو. اڪيلو انسان روزانو ايترا سبق پڙهائيندو آهي ان تي ڪيترا ئي وڏا وڏا عالم سڳورا بہ حيران رهجي ويندا هئا.

سندس نگراني ۾ سيد صاحب جي موجودگيءَ ۾ بہ استاد مقرر ٿيندا رهيا ۽ سيد صاحب جي وڇوڙي کان بعد بہ مختلف وقتن ۾ مختلف استاد مقرر ٿيندا رهيا. انهن جو تفصيل هن ريت آهي.

ناظره قرآن مجيد پڙهائڻ وارا استاد

١. حافظ علي محمد مهيسر، ڳوٺ گاهي مهيسر، تعلقو ميهڙ
٢. مولانا فتح محمد بروهي، پارڪو، خضدار، بلوچستان
٣. حافظ غلام محمد بروهي، ٽندين، خضدار، بلوچستان
٤. حافظ نيڪ محمد بروهي، ٽندين، خضدار، بلوچستان

قرآن مجيد حفظ ڪرائڻ وارا استاد

١. حافظ علي محمد مهيسر، ڳوٺ گاهي مهيسر، تعلقو ميهڙ
٢. حافظ غلام رسول جانوري، ڳوٺ منگواڻي، تعلقو ميهڙ
٣. مولانا حافظ غلام مصطفىٰ شاهہ ڳوٺ سوجهرو ڳورڙ، ميهڙ
٤. حافظ عبدالهادي ابڙو، ڳوٺ بگي، لاڙڪاڻو
٥. حافظ نور احمد جتوئي، ڳوٺ گل محمد جتوئي حال ساڪن ميهڙ
٦. حافظ احمد ذهين مگسي، ڳوٺ سوڀو خان مگسي، ميهڙ (مفتي ڪريم بخش صاحب جن جو ٻيو نمبر فرزند)

فارسي جا استاد

١. مولانا خدا بخش بروهي، نزد بادهہ
٢. مولانا قاضي ڏٽي بخش لغاري، ڳوٺ روات خان لغاري، خيرپور ناٿن شاهہ
٣. مولانا حافظ محمد طاهر سولنگي، ڳوٺ خداداد پناڻ، ڏامراهہ ميهڙ
٤. مولانا مفتي محمد عيسىٰ چنو، ڳوٺ ابراهيم چنو،حال ساڪن ميهڙ

عربي شعبي جا استاد

١. مولانا قاضي ڏٽي بخش لغاري، ڳوٺ روات خان لغاري، خيرپور ناٿن شاهہ
٢. مولانا حافظ محمد طاهر سولنگي، ڳوٺ خداداد پناڻ، ڏامراهہ ميهڙ
٣. مولانا حبيب الله ڏيرو (حبيب حضوري) ميهڙ
٤. مولانا مفتي محمد عيسىٰ چنو، ڳوٺ ابراهيم چنو،حال ساڪن ميهڙ
٥. مولانا نثار احمد ڏهر، ڳوٺ عباس آباد، ميهڙ
٦. مولانا محڪم الدين سيال، ڳوٺ لڏوديرو، تعلقو ميهڙ6

هنن استادن ۾ تقريباً سڀ استاد مفتي صاحب جا شاگرد آهن. پاڻ مفتي صاحب وٽان تعليم حاصل ڪري پنهنجي استاد جي سرپرستيءَ ۾ دين جي خدمت ۽ استاد محترم جي تدريس ۾ معاونت ڪندا رهيا آهن. عظيم استاد جا هي عظيم شاگرد پنهنجي استاد لاءِ به صدقہ جاري بڻيا ۽ پنهنجي لاءِ به صدقہ جاري شروع ڪري ويا.

مفتي صاحب جي پڙهائڻ جو طريقو

مفتي صاحب مدرسہ اڪبريہ دارالقرآن جامع مسجد ميهڙ ۾ هر نئين پڙهڻ واري شاگرد کي "يسرناالقرآن" ابتدائي قائدو لازمي طور پڙهائيندو هو تہ جيئن قاعدو صحيح طرح پڙهڻ کان بعد قرآن مجيد پڙهڻ ۾ بہ آساني ٿئي. ان قاعدي پڙهائڻ کان پوءِ قرآن مجيد پڙهائڻ شروع ڪندو هو. درس نظامي جي شاگردن کي قرآن مجيد بہ پڙهائيندو هو تہ ان سان گڏ درس نظامي جا ڪتاب بہ شروع ڪرائيندو هو. درس نظامي جي شاگردن کي ترڪيبن سان صيغا سمجهائڻ سان ۽ صغرىٰ ۽ ڪبرىٰ ٺاهي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندو هو. جڏهن شاگرد قاعدو پورو ڪندو هو تہ پاڻ پنهنجي ڪيسي منجهان پيسہ ڏئي مٺائي گهرائيندو هو ۽ خوشي خوشي شاگردن ۾ ورهائيندو هو. وري ڪنهن شاگرد کي ڪو نئون ڪتاب شروع ڪرائيندو هو تہ ڪتاب شروع ڪرائڻ کان پهريان بہ مٺائي گهرائي ورهائيندو هو. پاڻ اڪثر ڪري هر نئون ڪتاب سومر يا اربع جي ڏينهن شروع ڪرائيندو هو. جڏهن ڪو شاگرد درس نظامي پورو ڪندو هو تہ سندس دستاربندي جو وڏو جلسو ڪرائيندو هو. ان جلسي ۾ شاگرد کي گهرائي پنهنجي سامهون ويهاري ا_ب_ت_ث کان ي تائين بلند آواز سان پڙهائيندو هو. ا_ب_ت پورو پڙهائي ڪيس عالمن سڳورن، خطيبن ۽ بزرگن کان پڳ کي وَرُ ڏياريندو هو ۽ آخر ۾ پاڻ وَرُ ڏئي مڪمل ڪندو هو. جڏهن ڪانئس ان باري ۾ پڇيو ويو تہ سائين عالم جو ڪورس مڪمل ڪرائي دستاربندي ڪرايو ٿا تہ ان وقت هڪ عالم کي ا_ب_ت جو سبق ڏيڻ جو راز سمجهہ ۾ نہ آيو. ان تي پاڻ

جواب ڏنائين تہ بابا اهو ان ڪري ڪندا آهيون تہ علم جي ڪري متان انهن ۾ تڪبر، وڏائي ۽ غرور اچي وڃي ۽ سندس ساري ڪمائي ۽ محنت برباد ٿي وڃي. متان ڪو سمجهي تہ آءٌ ڪو وڏو عالم ٿي ويو آهيان ۽ مون جهڙو علم ڪنهن وٽ بہ نہ آهي. ان ڪري دستاربنديءَ وقت ا_ب_ت_ث ڪان ي تائين پڙهائي ڪيس اهو احساس ڏياريندو آهيان تہ تون اجان ننڍڙو طالب علم آهين ۽ ا_ب_ت ٿو پڙهين. باقي علم تہ ڪٿڻ جو نہ آهي. ساري زندگي پيو پڙهبو ۽ طالب علم رهي ڪري پڙهبو. ان ۾ ئي سندس ڀلائي آهي.

پاڻ هر فارغ التحصيل شاگرد کي اڪيلي ۾ ويهاري دل جي درد منجهان فرمائيندو هو تہ پٽ هيءَ منهنجي نصيحت سمجهو يا وصيت سمجهو پر ٻيلي ان کي هينئن سان هنڊائي رکجو. موت تائين هيءَ ڳالهہ پنهنجي متان لازمي ڪري ڇڏيو. جنهن وقت توهان پاڻ کي عالم سمجهيو تہ ان وقت کان وٺي توهان جو عمل شروع ٿي ويندو. پوءِ عمل جي پڇا شروع ٿيندي، پر موت تائين طالب علم رهو. هميشہ پاڻ کي طالب علم سمجهجو. طالب علم جي فضيلت کان توهان واقف آهيو ۽ مون کي اميد آهي تہ طالب علم سان الله تعاليٰ نرميءَ وارو معاملو فرمائيندو.

مدرسہ دارالقرآن جامع مسجد ميهڙ ۾ معمولات

مفتي صاحب پنهنجي زندگيءَ جو اڪثر حصو ميهڙ شهر جي جامع مسجد واري مدرسي ۾ تدريس جي خدمت تي مامور رهيو. پاڻ پنهنجي پوري زندگي دين متين جي خدمت ۽ عوام جي فلاح ۽ بهبود لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيو. ميهڙ جي جامع مسجد جي مدرسي ۾ سندس معمولات هيئن هئا.

تهجد جي نماز مسجد ۾ پڙهندو هو. فجر جي آذان بہ پاڻ ڏيندو هو. آذان ڏئي طالبن کي اٿاريندو هو. طالبن کي اٿارڻ وقت ڪين ڪلمي شريف جو چوندو هو، جيئن سندن ڏينهن جي شروعات ڪلمي شريف سان ٿئي.

طالبن کي اٿاري پاڻ مسجد ۽ وراندي ۾ چڪر هڻندو هو. هلندي ڪجھ ورد بہ سندس زبان تي هوندو هو. پوءِ مدرسي جي ڪمري ۾ ويهي ڪتاب کولي مطالعو ڪندو هو. اتي ئي فجر جي سنت پڙهي فرض لاءِ مسجد ۾ ويندو هو. نماز جي امامت بہ پاڻ ڪندو هو. فجر جي نماز پڙهائي، مقتدين ۽ جماعت جي طرف منهن ڪري ويهندو هو. قرآن مجيد جو هڪ رڪوع پڙهي، ان جو ترجمو ڪري تفسير بيان ڪندو هو ۽ درس ڏيندو هو. درس جي اختتام تي دعا گهرندو هو. دعا کان بعد مراقبو ڪندو هو. سندس اقتدا ۾ پيا ماڻهو ۽ طالب بہ مراقبو ڪندا هئا. ڪين مراقبي ڪرڻ جو طريقو تقريباً روزانو ٻڌائيندو هو. مراقبو ڪرڻ کان بعد اشراق جي نماز پڙهي، نئون وضو ڪري تدريس ڪندو هو. تقريباً 12 بجي تائين تدريس ۾ مشغول رهڻ کان پوءِ طالبن کي ڇُٽي ڏيندو هو. طالبن جي ڇُٽيءَ کان پوءِ پاڻ ”عبرت اخبار“ پڙهندو هو. وري جڏهن ”ڪاوش اخبار“ شروع ٿي تہ اها پڙهندو هو. اخبار پڙهي ڪلاڪ ڏيڍ قيلولہ ڪندو هو. قيلولہ جي سنت تي عمل ڪرڻ کان پوءِ ظهر جي نماز پڙهائيندو هو. ظهر پڙهي تدريس لاءِ ويهندو هو. ماني بہ اتي ئي کائيندو هو. ماني کان اڳ ۽ پوءِ هٿ ضرور ڌوئندو هو. عصر جي نماز تائين پڙهائي جو سلسلو هلندو هو. عصر جي نماز پڙهائي طالبن کي گهمڻ جو فرمائيندو هو تہ ٻاهرين هوا کائي اچو. تہ جيئن تازا توانا ٿيو ۽ ذهن متجي. انهيءَ دوران پاڻ مصلي تي ئي وينو هوندو هو. ان وقت ملڻ وارن سان ملاقات ڪري ڪانئن حال احوال ونڻ يا ڪنهن ڪتاب جي مطالعي ۾ محو هوندو هو. مغرب جي نماز پڙهائي پاڻ لکڻ جو ڪم يا فتویٰ لکڻ جو ڪم ڪندو هو ۽ طالبن کي مطالعي ۽ تڪرار جو تاڪيد ڪندو هو. ان دوران طالب سندس سامهون ويهي سبقن کي دهرائيندا ۽ تڪرار ڪندا هئا. عشاء جي نماز پڙهائي ماني کائي تقريباً 10 بجي تائين تدريس جاري رکندو هو. پوءِ سيني طالبن کي آرام ڪرڻ جو تاڪيد ڪندو هو. ڪنهن بہ طالب کي گهڻو دير تائين جاڳڻ جي اجازت نہ

ڏيندو هو. طالبن جي سمهڻ کان بعد دروازو بند ڪرائي پوءِ پاڻ آرام لاءِ نڪرندو هو. اگر ڪو ٻاهريون مهمان ترسيل هوندو هو تہ ان سان رات دير تائين ڪچهري ۾ مشغول رهندو هو. پوءِ پاڻ آرام ڪندو هو. سندس اهو معمول آخر تائين رهيو. البتہ ڪڏهن ڪڏهن سفر جي ڪري سندس ان معمول ۾ ردوبدل ٿيندي رهي.

مفتي صاحب پوري زندگي تدريس سان جڙيل رهيو. هر وقت طالبن جي هجوم ۾ گهيريل رهندو هو. جيئن جيئن وقت گذرندو رهيو سندس ڪمال شفقت وڌندو رهيو. مفتي صاحب جڏهن ڪراڙپ جي عمر کي رسيو تہ نهايت رحمدل ۽ نرم دل ٿي پيو. انهيءَ عمر ۾ اڪثر پوڙها ماڻهو غصي وارا ۽ چڙچڙي طبيعت وارا ٿي پوندا آهن. سندس طبيعت ۾ ٻاراڻي نظر ايندي آهي. مفتي صاحب جي طبيعت ۾ بہ ٻاراڻي عيان نظر ايندي هئي. پر ٻاراڻي جي نوعيت ڪجھ هن طرح هوندي هئي جو جنهن وقت ڏسو وينو ننڍڙن طالبن سان ڪچهري پيو ڪندو هو. انهن کي چانهيون پيو پياريندو هو. انهن سان بلڪل دوستانہ ماحول ۾ رهڻ لڳو. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو شاگرد پنهنجي دل جون ڳالهيون، پنهنجي دل جا درد، پنهنجا ذاتي مسئلا جهڙوڪ: سائين ڪرايو ڪونهي، سائين دوا ڪپي، سائين ماني سان پڪوڙا کائڻ تي دل چوي ٿي، سائين ڪتاب ڪپن، سائين پين ڪپي، سائين، ڪپڙا ڪپن وغيره جهڙيون فرمائشون بہ بلاجهجهڪ پيا ڪندا هئا. مطلب شاگرد سندس لاءِ هڪ رانديڪي جي مثل ٿي پيا. جن سان وينو وندر ڪندو هو. سندس هٿ هر هر پيو پنهنجي ڪيسي ڏانهن وڌندو هو. ڪاوڙ ڪرڻ، خفا ٿيڻ، دڙڪو دهمان ڪرڻ ۽ هڪل هوڙ ڪرڻ جڻ ڪہ سائين جن کان وسري ويا هئا. طالب پنهنجا مطالبا پيش ڪندا رهندا هئا. سائين وينو سڻندو هو ۽ سندن مطالبہ پيو پورا ڪندو هو. ڏاڍو پيار، محبت ۽ پاٻوھ ڏسڻ ۾ ٿي آئي.

شاگردن سان پيار

مفتي صاحب شاگردن سان ڏاڍو پيار ڪندو هو. ڪين پنهنجو اولاد سمجهندو هو. استاد شاگرد جو روحاني پيءُ هوندو آهي. مفتي صاحب پنهنجي شاگردن کي پنهنجو اولاد سمجهي انهن جي سڪون، آرام ۽ فرمائشن جو بہ گهڻو خيال رکندو هو. شاگردن سان دوستانہ ماحول ۾ رهندو هو. شاگرد بہ ساڻس ادب و احترام جي دائري ۾ رهي ساڻس پنهنجي دل جا احوال اوريندا هئا. سائين جن وٽ اڪثر ڪري ٻهراڙيءَ جا شاگرد پڙهڻ لاءِ ايندا هئا. انهن منجهان ڪجهہ شاگردن جا نالا پيار منجهان مٿائي اسلامي طرز تي رکندو هو. شاگرد بہ انهن نالن کي دل سان قبول ڪندا هئا. انهن شاگردن منجهان ڪجهہ جا نالا هن ريت مٿائي رکيا.

اصل نالو	مفتي صاحب طرفان رکيل نالو
محمد سومر تيوٽو	عبدالرسول مگسي
عبدالڪريم بروهي	عبدالقديم بروهي
گل محمد بروهي	خليفة الله بروهي
عبدالله ملاح	واصل بالله ملاح
علي محمد بروهي	اهل الله بروهي
راهب علي سوڍر	نعمت الله سوڍر
ولي محمد بروهي	ولي الله بروهي
رمضان مگسي	نعمان مگسي
علي رضا چانديو	عزيز الله چانديو
گل حسن لاڪير	غيور احمد لاڪير
بچل ملاح	باقي بالله خضري
محب علي ڪوسو	محب نبي ڪوسو
نياز علي ڪوسو	خليفو ڪوسو
نياز علي ميمڻ	منٺار علي ميمڻ
گلشير سوڍر	بشير احمد سوڍر
نياز علي نوڙهو	عبدالشڪور نوڙهو
رجب آگرو	حزب الله آگرو 7

ان ڪان علاوه ڪن مشهور بزرگن جي نسبت شاگردن کي ان نالي سان سڏيندو هو. جيئن ڪاڇي جو هڪ شاگرد هو. سندس نالو محمد هو ۽ ذات جو ڏيرو هو. جنهن ڪري سنڌ جي عظيم قاري ۽ استاد العلماء والقراء حضرت قاري محمد صاحب جي نسبت سان ”قاري محمد“ سڏيندو هو. اهو شاگرد پنهنجن دوستن ۾ ان نالي سان ئي مشهور رهيو. قاري محمد جي ڀاءُ لياقت علي ڏيرو کي شاهه گودڙيو (فريد آباد کان ڪجهه اڳيان جبل جي طرف مشهور بزرگ شاهه گودڙيو جي درگاهه آهي) جي نسبت سان ”گودڙي“ جي نالي سان مشهور ڪري ڇڏيو. اهي اڄ به ان نالي سان ئي پنهنجن دوستن ۽ مدرسي وارن ۾ مشهور آهن. اهڙي طرح ٻيا به ڪيترائي نالي رکيائين.

شاگرد

١. مولانا شمس الدين چانڊيو نزد منياڻي
٢. مولانا عبدالرحمان بزنجو، بروهي، نال بلوچستان
٣. مولانا عبدالله جويو، ڳوٺ قائم شاهه آڳرو ميهڙ
٤. مولانا محڪم الدين سيال، لٽو ديرو، ميهڙ
٥. مولانا عبدالقديم بروهي، بلوچستان
٦. مولانا عبدالخالق نجار، بهاول پور رياست
٧. مولانا امام الدين نوناري، ڳوٺ ڏڏ، سڪرنڊ
٨. مولانا غلام سرور سومرو، ٽرڙي محبت ميهڙ
٩. مولانا خدابخش بروهي، نزد باڊهه
١٠. مولانا ڏاڏو محمود سومرو جوڻاڻي، وارهه
١١. حافظ مولانا عبدالجبار گهانگهرو، ڪولاچي، ميهڙ
١٢. مولانا قاضي ڏٽي بخش لغاري، خيرپور ناٿن شاهه
١٣. حافظ قاري علي محمد مهيسر، ڳوٺ گاهي مهيسر
١٤. پير پنهل ملاح (سماڪ)، ڳوٺ عثمان ڪلهوڙو، باڊهه
١٥. سيد احمد شاهه معروف جمن شاهه، سيد جو ڳوٺ

١٦. مولانا غلام سرور خضري سيهڙ، ڪوٽڙي
١٧. حافظ محمد بخشل ڪنير، ڳوٺ وليداد چانڊيو، ميهڙ
١٨. مولوي نور محمد نوراني ڏاهري، شاھ پور جهانيان
١٩. مولانا حامد الله آگرو، ڳوٺ قائم شاھ آگرو ميهڙ
٢٠. مولانا حافظ محمد طاهر سولنگي، ڳوٺ خداداد پناھ
٢١. مولانا عبدالجبار ميراڻي، خان پور
٢٢. مولانا عبدالقادر بروهي، خان جو ڳوٺ
٢٣. مولانا فتح محمد بروهي پارڪو، خضدار بلوچستان
٢٤. مولانا مولا بخش بروهي مدني، نزد باڊھ
٢٥. حافظ غلام عباس ڏهر، نزد بوٽرو، ميهڙ
٢٦. مولانا عبدالوهاب جتوئي، ٻيٺو جتوئي،ميهڙ
٢٧. مولانا محمد علي جتوئي، سنڌي ٻنڙا ميهڙ
٢٨. مولانا گل حسن ابڙو، ڳوٺ ٻگي شريف نزد ڏوڪري
٢٩. مولانا ڊاڪٽر عبدالرسول قادري مگسي، دڙي مگسي، سڪرنڊ
٣٠. مولانا ثناءُ الله انصاري خانپور
٣١. حافظ سيد محمد علي شاھ، ڳوٺ سوجهرو ڳورڙ، ميهڙ
٣٢. مولانا ڪليم الله انصاري، خانپور جوڻيجو
٣٣. حافظ محمد تيوٽو (اعمىٰ)، ڳوٺ مرزا واھ ميهڙ
٣٤. مولانا اقبال احمد سولنگي، ڳوٺ خداداد پناھ
٣٥. مفتي حافظ محمد عيسىٰ چنو، ڳوٺ ابراهيم چنو، ميهڙ
٣٦. مولانا غلام حيدر نائچ،ڳوٺ محمد حسن نائچ
٣٧. مولانا حافظ تاج محمد گاڏهي، وارھ
٣٨. مولانا محمد نواز مهيسر، ڳوٺ قاضي عارف
٣٩. مولانا محمود الحسن سوڍر، ڳوٺ سوڍاري مسجد
٤٠. عبدالحڪيم چانڊيو (ايڊوڪيٽ)، ميهڙ
٤١. مولانا حافظ بدرالدين آگرو، ڳوٺ قائم شاھ آگرو ميهڙ
٤٢. حافظ الهندو تيوٽو، ڳوٺ باغو تيوٽو، ميهڙ
٤٣. حافظ گل محمد بروهي ٽنڊين،بلوچستان
٤٤. مولانا حبيب الله ڏيرو، ميهڙ
٤٥. مولانا نثار احمد مگسي، ڳوٺ سوڍو خان مگسي

٤٦. مولانا حافظ غلام مصطفیٰ شاھ، ترري محبت، ميهڙ
٤٧. مولانا حافظ نثار احمد ڏهر، ڳوٺ عباس آباد، ميهڙ
٤٨. مولانا نالي منو ابڙو، ڳوٺ ملا ابڙا، لاڙڪاڻو
٤٩. مولانا محمد نعمان مگسي، شهداد ڪوٽ
٥٠. مولانا علي گل چانڊيو، خيرپور ناٿن شاھ
٥١. حافظ غلام سرور ملاٽو، ڏوڪري
٥٢. مولانا حزب الله آڳرو، ڳوٺ قائم شاھ آڳرو ميهڙ
٥٣. مولانا غلام قادر ڏيپر، خانپور
٥٤. حافظ نذير احمد سوڍر، ڳوٺ سوڍاري مسجد، ميهڙ
٥٥. ڊاڪٽر حافظ زين العابدين سوڍر، سوڍاري مسجد
٥٦. حافظ نور احمد جتوئي، ڳوٺ گل محمد جتوئي ميهڙ
٥٧. مولانا سڪندر علي برڙو، ڳوٺ ٽرڙي محبت ميهڙ
٥٨. مولانا علي حسن پنهور حسيني، خان جو ڳوٺ، ميهڙ
٥٩. مولانا فهيم احمد مهيسر، ڳوٺ رهڙو شريف، ميهڙ
٦٠. مولانا محمد صديق چانڊيو، سوجهرو ميرواڻي
٦١. مولانا نثار احمد چنو ASI، نصيرآباد
٦٢. مولانا احمد علي ڏيپر، ڳوٺ خان جو ڳوٺ ميهڙ
٦٣. مولانا اعجاز علي مهيسر، ڳوٺ لونگ مهيسر ، ميهڙ
٦٤. مولانا اقبال احمد مهيسر، ڳوٺ لونگ مهيسر، ميهڙ
٦٥. مولانا باقي بالله خضري سيهڙ
٦٦. مولانا حسن الدين جوٽيجو
٦٧. مولانا حسين علي جهتيال، لاڙڪاڻو
٦٨. مولانا خادم حسين پٺي، واسو ڪلهوڙو
٦٩. مولانا خير محمد جتوئي
٧٠. مولانا ديدار حسين مهيسر، رهڙو شريف، ميهڙ
٧١. مولانا صوفي رضا محمد عباس، حال حيدرآباد
٧٢. مولانا رفيق احمد مهيسر، رهڙو شريف، ميهڙ
٧٣. مولانا شاھ محمد ڪوسو نوراني، ڳوٺ مرزو ڪوسو، ميهڙ
٧٤. مولانا عبدالرحمان خاصخيلي، ماڏو، خيرپور ناٿن شاھ
٧٥. مولانا عبدالحق بروهي

٧٦. مولوي عبدالحميد ڪنير
٧٧. مولانا عبدالستار ٻبر، ٽرري جادو شهيد، ڪڪڙ
٧٨. مولانا عبدالغفور سومرو
٧٩. مولانا عبدالقادر سهتو، حال لاڙڪاڻو
٨٠. مولانا عبدالقيوم هنگورو، حال دادو،
٨١. مولانا عبدالله بروهي، خضدار
٨٢. مولانا عبدالوهاب ڪنير
٨٣. مولانا عبيدالله لغاري، روات لغاري، خيرپور ناٿن شاهه
٨٤. مولانا علي انور جمالي حسيني، نزد ڦلجي
٨٥. مولوي علي انور لاکير، آبساڻي نزد راڌڻ
٨٦. علي حسن مهيسر، لونگ مهيسر، ميهڙ
٨٧. غلام رسول چنو
٨٨. غلام رسول ڪلهوڙو، نئون ڳوٺ، ميهڙ
٨٩. غلام سرور سومرو، حال ٽرري محبت
٩٠. غلام نبي چانڊيو، سيدپور، ميهڙ
٩١. فاروق احمد جهتيال، ڳوٺ ٻرڙا حال ميهڙ
٩٢. لطف الله ڏيرو، ڪنڊو ڏيرو،ميهڙ
٩٣. محمد اسماعيل بروهي، ڳوٺ گند، باڊهه
٩٤. محمد اسماعيل ڏيرو، ميهڙ
٩٥. محمد امين بروهي
٩٦. محمد حنيف سومرو، سيتا
٩٧. محمد دائود مري، پورٽي
٩٨. مطيع الله شاهه، رحمت پور
٩٩. منير احمد ڪوسو، انبار
١٠٠. نجيب الله ملڪ، ڳوٺ ملڪ
١٠١. نور محمد بروهي معروف خلاصو، باڊهه
١٠٢. نور محمد بروهي، بلوچستان
١٠٣. همت علي ڪوسو، مرزو ڪوسو، ميهڙ
١٠٤. يار محمد بروهي

حافظ صاحبن جا نالا

١. غلام رسول جانوري، منگواڻي، ميهڙ
٢. غلام محمد ولد دوست محمر بروهي، ٽندبين خضدار
٣. حافظ محمد قاسم عباسي، ضلعو لاڙڪاڻو
٤. احسان علي جوکيو، ٽيٻا
٥. احمد جمع جمالي
٦. اسد الله بروهي، خان جو ڳوٺ، ميهڙ
٧. اسد الله ولد صاحب خان بروهي
٨. اعجاز علي گولو کوسو، ڳوٺ مرزو کوسو، ميهڙ
٩. اعجاز علي کوسو (نابين) ڳوٺ ملوڪ کوسو، ميهڙ
١٠. اڪرم ڏيرو ، رضامحمد ڏيرو
١١. اڪرم لاکير، اگهاماڻي، ميهڙ
١٢. الاهي بخش ٻبر
١٣. بهاؤالدين سيلرو، شهدادڪوٽ
١٤. بدرالدين پليجو، ماڙي، خيرپور ناٿن شاهه
١٥. باقر پٽي
١٦. اياز علي چانديو، ميهڙ
١٧. اويس بن نور محمد بروهي
١٨. انيس احمد پنهور، ميهڙ
١٩. انور شاهه، نزد پريا
٢٠. انورجلباڻي، گاجي کهاوڙ
٢١. انصاف جتوئي حال ميهڙ
٢٢. امير علي جتوئي حال ميهڙ
٢٣. امداد علي ڏهر، ڳوٺ ڏهر، ميهڙ
٢٤. الهه ورايو ڏهر، ڳوٺ ڏهر، ميهڙ
٢٥. پنهل خان نندواڻي، ڪنڌڪوٽ
٢٦. جان محمد بن گولو کوسو، ڳوٺ مرزو کوسو، ميهڙ
٢٧. جمال الدين بروهي، بلوچستان
٢٨. سيد حاجن شاهه، ڳوٺ قائم شاهه آگرو
٢٩. حبيب الله بروهي

٣٠. حضور بخش هنگورو، ڏڙهه دادو
٣١. حسن علي چاڪي
٣٢. خادم حسين ابڙو. ڳوٺ بگي، لاڙڪاڻو
٣٣. خادم حسين جلباڻي، تعلقو رتو ديرو
٣٤. خادم حسين چانڊيو
٣٥. خانڻ اونوال (نابين)
٣٦. خدا بخش ٻبر
٣٧. خدا بخش جانوري، خان پور
٣٨. خدا بخش ڪانڊڙو
٣٩. خليل احمد جلباڻي، ڳوٺ مسو جلباڻي، ميهڙ
٤٠. دريا خان ڳن
٤١. رستم علي سوڍر، ڳوٺ ٻانهو سوڍر، ميهڙ
٤٢. رسول بخش بروهي، ٻليدائي، ميهڙ
٤٣. سڌير احمد سوڍر، ڪوني سوڍاري، ميهڙ
٤٤. سعيد احمدجلباڻي، ڳوٺ مسو جلباڻي، ميهڙ
٤٥. سهراب علي ڪوسو، ڳوٺ مرزو ڪوسو، ميهڙ
٤٦. شميم احمد ٽيبو، ڳوٺ ٽيبا، ميهڙ
٤٧. شير محمد سومرو معروف حافظ ريڊيو، نوشهرو فيروز
٤٨. صدرالدين چنو، ڳوٺ ابراهيم چنو، خيرپور ناٿن شاهه
٤٩. صدرالدين ڪلهوڙو، تسرا، ڏوڪري
٥٠. عبدالحفيظ بروهي
٥١. عبدالحق ڪوسو، ڳوٺ مرزو ڪوسو، ميهڙ
٥٢. عبدالحميد جلباڻي، ڳوٺ مسو جلباڻي، ميهڙ
٥٣. عبدالحميد شاهه ڳوٺ ٻليدائي، ميهڙ
٥٤. عبدالخالق پٽي، ڳوٺ سهراب پٽي، ميهڙ
٥٥. عبدالرب بروهي
٥٦. عبدالرحيم ڪوسو، ڳوٺ مرزو ڪوسو، ميهڙ
٥٧. عبدالرزاق ڪوسو، ڳوٺ مرزو ڪوسو، ميهڙ
٥٨. عبدالستار شيخ، خيرپور ناٿن شاهه
٥٩. عبدالغفار سوڍر، ڳوٺ اشرف سوڍر، ميهڙ

٦٠. عبدالقادر چانديو
٦١. عبدالقادر ڪوسو، ڳوٺ مرزو ڪوسو، ميهڙ
٦٢. عبدالڪريم بروهي، بلوچستان
٦٣. عبدالڪريم پنان، بلوچستان
٦٤. عبداللطيف پٽي
٦٥. عبداللطيف راڄپر، وهٽي، ڏوڪري
٦٦. عبداللطيف سوڍر، ڳوٺ اشرف سوڍر، ميهڙ
٦٧. عبدالله ملاح، ڳوٺ خالي چارو، ميهڙ
٦٨. عبدالمنان ٻبر،ڳوٺ يوسف نائچ
٦٩. عبدالواحد بروهي، خان جو ڳوٺ، ميهڙ
٧٠. عبدالواحد جهتيال، ڳوٺ گنجا، ميهڙ
٧١. عطاء الله (الهه ڏتو)لاڪير، ڳوٺ پنڊ ماڙي، ميهڙ
٧٢. علي حسن ابڙو
٧٣. علي حسن ڪوسو، ڳوٺ مرزو ڪوسو، ميهڙ
٧٤. علي مرتضیٰ ڪوسو، ڳوٺ مرزو ڪوسو، ميهڙ
٧٥. غلام حسين ڪنير
٧٦. غلام سرور ملاٽو، حال ميهڙ
٧٧. غلام سرور جتوئي
٧٨. غلام علي منگي، گرڪڻ، ميهڙ
٧٩. غلام عباس پٽي، سهراب پٽي، ميهڙ
٨٠. غلام قادر بروهي
٨١. فتح محمد بروهي
٨٢. سيد فقير محمد شاهه ڳوٺ سوجهرو ڳورڙ، ميهڙ
٨٣. فياض احمد چنو،ڳوٺ سوڀو خان مگسي
٨٤. قربان علي ٽيبو، ڳوٺ ٽيبا، ميهڙ
٨٥. قمرالدين ڏيپر، ڳوٺ ٺارو ڏيپر، ميهڙ
٨٦. گفتار علي ڪوسو، مرزو ڪوسو، ميهڙ
٨٧. گل احمد ڪوسو، ڳوٺ مرزو ڪوسو، ميهڙ
٨٨. گلزار احمد ڏهر، آريجا
٨٩. گل حسن ابڙو

٩٠. گل محمد بروهي
٩١. لعل محمد بروهي
٩٢. لياقت علي ڏيرو، شاھ گودڙيو
٩٣. مبين احمد ڏهر، ميهڙ
٩٤. محمد پٽي، ڳوٺ سلطان پٽي، ميهڙ
٩٥. محمد جهتيال
٩٦. محمد ڏيرو، ڪندو ڏيرو، ميهڙ
٩٧. محمد اعظم ڪوسو، مرزو ڪوسو ، ميهڙ
٩٨. محمد امين پنهور، گرڪڻ، ميهڙ
٩٩. محمد بخش ٻبر
١٠٠. محمد بخش جانوري
١٠١. محمد بخش بروهي، ڳوٺ ٻگي، لاڙڪاڻو
١٠٢. محمد حسين سوڍر، ڳوٺ ڪوٺي سوڍاري، ميهڙ
١٠٣. محمد حسين ڪوسو، ڳوٺ مرزو ڪوسو، ميهڙ
١٠٤. محمدالدين بروهي، گرڪڻ ، ميهڙ
١٠٥. محمد رمضان ڪلهوڙو، نزد سيهڙ
١٠٦. محمد سچل ڪوسو، ڳوٺ مرزو ڪوسو، ميهڙ
١٠٧. محمد شريف ڪوسو، ڳوٺ مرزو ڪوسو، ميهڙ
١٠٨. محمد شريف بروهي
١٠٩. محمد صادق بروهي
١١٠. محمد عثمان ڳن
١١١. محمد عظيم ڪوسو، ڳوٺ مرزو ڪوسو، ميهڙ
١١٢. محمد موسىٰ جهتيال
١١٣. محمد نواز چانڊيو، ڳوٺ گاجي چانڊيو
١١٤. محمد هاشم هنگورو، ڳوٺ ڏڙھ هنگورا نزد دادو
١١٥. محمد يوسف سوڍر، ڳوٺ پير بخش سوڍر، ميهڙ
١١٦. محرم علي منگي، خان جو ڳوٺ، ميهڙ
١١٧. مختيار احمد چانڊيو، ڳوٺ گاجي چانڊيو
١١٨. مختيار احمد حجام
١١٩. مدد علي چانڊيو، ڳوٺ قاضي عارف، ميهڙ

١٢٠. مريد الله ٻاڙو
١٢١. مسعود احمد چانڊيو، ڳوٺ گاهي چانڊيو
١٢٢. مظهرالدين تيوٽو، ڳوٺ پڪو، ميهڙ
١٢٣. معراج جتوئي، ڳوٺ چرياٽي جتوئي، ميهڙ
١٢٤. منظور احمد سوڍر، ڳوٺ ڀانهو سوڍر، ميهڙ
١٢٥. منثار ٻلهڙو، نزد ڏامراهه
١٢٦. منثار ڏيپر، کهڙا وليج، ميهڙ
١٢٧. منثار ميمڻ، ڳوٺ گنجا، ميهڙ
١٢٨. منور علي معروف غلام عمر قريشي، جوٽاٽي، وارهه
١٢٩. منور علي کوسو، ڳوٺ مرزو کوسو، ميهڙ
١٣٠. منير احمد کوسو، ڳوٺ مرزو کوسو، ميهڙ
١٣١. منير احمد لانڊر (اعميٰ) ڳوٺ لانڊر
١٣٢. نالي منو پٽي
١٣٣. نالي منو سيال، لڏو ديرو
١٣٤. نالي منو شيخ، ميهڙ
١٣٥. نثار علي چانڊيو، ڳوٺ نيٺ، ميهڙ
١٣٦. نذر محمد بروهي، ڳڙهي ياسين
١٣٧. نصير احمد ٻنگ، گوزو، خيرپور ناٿن شاهه
١٣٨. نصير احمد
١٣٩. نورل چانڊيو
١٤٠. نور محمد بروهي
١٤١. نور محمد کوسو شاهي، ڳوٺ حاصل کوسو، ميهڙ
١٤٢. نياز احمد پاهي، خان جو ڳوٺ، ميهڙ
١٤٣. نياز علي کوسو، ڳوٺ مرزو کوسو، ميهڙ
١٤٤. وزير احمد مهيسر، سيد جو ڳوٺ، ميهڙ
١٤٥. وقار احمد آرائين، نزد پريا

سياسي ۽ سماجي خدمتون

سنڌ ڌرتي جي مٽيءَ منجهان جنم وٺندڙ عالم سڳورا ۽ ولي الله گهڻو ڪري سياست کان پاسيرا رهيا. ڪين شهرت بلڪل به پسند نه هئي. سادگي ۽ گمناميءَ واري زندگي گذارڻ کي ترجيع ڏيندا هئا. سرڪاري نوڪري ڪرڻ کي به عيب سمجهندا هئا. صرف يڪسوئي ۽ اطمينان قلب سان دين متين جي خدمت ڪرڻ کي پنهنجو مقصد حيات بڻائي ڇڏيو هو. پر ڪجھ عالم سڳورن سياسي ميدان ۾ خدمت ڪرڻ کي به دين جو هڪ شعبو سمجهي ڪري ان ميدان ۾ به پنهنجون ڪجھ توانائيون صرف ڪيون. ڪين اهو بخوبي اندازو هئو ته ديني خدمت ۽ سماجي خدمت لاءِ سياسي طاقت گهڻو ڪارآمد آهي. سياسي سگھ جي ڪري پارليامينٽ ۾ سنا ۽ صحيح فيصلا ڪرائي سگهجن ٿا. مفتي ڪريم بخش صاحب به انهن عالمن سڳورن منجهان هڪ هو. ڪيس سياسي طاقت جي فائدن جو بخوبي اندازو هو. مفتي صاحب درس و تدريس، امامت خطابت، سماجي خدمت ۽ ديني خدمت سان گڏ سياسي خدمتن جو مختصر تعارف ڪجھ هن ريت آهي.

ڪانگريس ۽ مسلم ليگ ۾ شموليت

پاڪستان جي قيام کان اڳ مسلم ليگ عروج تي هئي. مسلم ليگ تحريڪ ڪانگريس جي مقابلي ۾ ڏاڍو زور و شور سان هلندڙ هئي. مفتي صاحب ٻين عالمن سڳورن وانگر ڪانگريس جو ميمبر رهيو ۽ ان جي حمايت ڪندو رهيو. پاڻ هن پليٽ فارم تي هڪ سٺي ڪارڪن جي حيثيت سان پنهنجون خدمتون پيش ڪيون. ڪانگريس جيڪو حيدرآباد جي تاريخي قلعي ۾ تاريخي جلسو ڪيو ان ۾ مفتي صاحب به شامل هو. هن جلسي ۾ پوري هندستان جا وڏا وڏا عالم سڳورا ۽ عوام جو تمام گهڻو تعداد شامل هو. مفتي صاحب ڪانگريس تحريڪ ۾ به پنهنجو پاڻ ڀرپور نموني ملهايو.

مسلم ليگ جا اڳواڻ مسلمانن کي پنهنجا اصول ٻڌائي کين پنهنجو حامي بنائڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا. انهن ماڻهن ۾ اهو تاثر پيدا ڪيو تہ اسان مسلمان آهيون. اسان هندن ۽ سکن کان الڳ مذهب، تهذيب، تمدن، رسم ۽ رواج جا مالڪ آهيون. اسان جي هڪ الڳ سڃاڻپ آهي. اهڙي طرح مسلم ليگ جماعت مسلمانن جي حمايت حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ۽ مسلمانن جون همدرديون حاصل ڪيون. مفتي صاحب بہ ڪانگريس کي ڇڏي مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو. مسلم ليگ ۾ شامل ٿيندي ئي ڏاڍي جوش و خروش سان ڪم ڪندو رهيو. ان سلسلي ۾ مختلف ڳوٺن ۾ مسلم ليگ جون شاخون قائم ڪرايون. عوام ۾ ڀرپور نموني سان مسلم ليگ جي حمايت ۽ شموليت جي پرچار ڪندو رهيو. پنهنجي ڳوٺ سوڀو خان مگسي ۾ بہ هڪ يونٽ قائم ڪيائين ۽ پاڻ ان جو نائب صدر ٿيو.

انجمن حمايت اسلام

هي انجمن مدرسہ دارالفيوض سوڀو خان مگسي جي هڪ طالب مفتي ڪريم بخش جي ابتدائي استاد مولانا محمد عرف ماهي فقير مري عوام جي خدمت ڪرڻ جي جذبي تحت ٺاهي. هيءَ ننڍڙي تنظيم ڪجھ ئي فردن جي ميمبرشپ تي مشتمل هئي. جنهن دؤر ۾ مفتي صاحب ان مدرسي ۾ پڙهڻ سان گڏ پڙهائڻ جي خدمت ۾ مگن هو تہ ان وقت مولانا مري صاحب هن سماجي تنظيم جو بنياد رکيو. مفتي صاحب ان تنظيم ۾ مختلف وقتن ۾ مکيہ عهدن تي رهي ڪري خدمتون ڪيون. هيءَ تنظيم ننڍڙي هئي ۽ هن تنظيم جي خدمتن جو دائرو بہ محدود هو. هيءَ ننڍڙي تنظيم بهترين نموني سان پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيندي رهي. هن تنظيم ڳوٺ سوڀو خان مگسي ۽ آس پاس جي ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ خدمتون ڪيون. ڳوٺن جا ننڍا ننڍا مسئلا حل ڪرڻ سان گڏ ڪجھ وڏا مسئلا بہ حل ڪيا. هن تنظيم غريب ۽ بي پهچ ماڻهن جي

مالي سهائتا بہ ڪئي تہ ان سان گڏ سندن منجهيل مسئلا بہ حل ڪيا. ڳوٺن جي مسجدن جي بہ مالي مدد ڪئي. هن تنظيم مدرسہ دارالفيوض سوڀو خان مگسي ڪي چوديواري ڏيارڻ جو خرچ بہ برداشت ڪيو. مفتي صاحب هن تنظيم ۾ الله تعالىٰ جي رضا خاطر پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون. غريب مظلوم ۽ بي پهچ ماڻهن جي مدد لاءِ خوشي خوشي ۽ پنهنجي سعادت سمجهي اڳي کان اڳرو رهيو.

بي ڊي ۾ شموليت

پاڪستان جي قيام کان پوءِ مختلف حڪمران ايندا رهيا. جڏهن جنرل ايوب خان ملڪ ۾ مارشل لا لاڳو ڪيو تہ ان وقت جمهوريت لاءِ يونين ڪائونسلن ۾ بي ڊي ميمبر ۽ چيئرمين چونڊڻ جون تياريون شروع ڪيون ويون. اها ڳالهہ مشهور ڪئي وئي تہ سڀ ترقياتي ڪم ۽ فيصلا وغيره بہ اهي چونڊيل ميمبر ۽ چيئرمين ڪندا. ان ڳالهہ جو اهو نتيجو نڪتو تہ ماڻهن انهن عهدن وٺڻ لاءِ پنهنجون توانائيون ۽ ڪوششون صرف ڪرڻ لڳا. مفتي صاحب ان سلسلي ۾ عوام ۾ اها سجاڳي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳي ويو تہ بي ڊي ميمبر ۽ چيئرمين چونڊڻ ۾ سوچ ۽ عقل کان ڪم وٺن ۽ لائق ماڻهو ڪي منتخب ڪن. اهي نمائندا ديندار ۽ ايماندار هوندا تہ ملڪ جو نظام بہ سٺي نموني هلندو. ان سلسلي ۾ پاڻ تقريرن ذريعي عوام ۾ اها پرچار ڪندو رهيو. پاڻ جڏهن پنهنجي ڳوٺ جي جامع مسجد ۾ جمعي جي نماز جي تقرير ۾ اها ڳالهہ ڪئي تہ سڄي جماعت جي ماڻهن هڪ آواز ٿي ڪري چيو تہ " اوهان ٻنهي عالمن (مفتي ڪريم بخش مگسي ۽ سندس استاد مولانا عبدالڪريم مگسي صاحب) منجهان ڪوبہ ان خدمت لاءِ پنهنجو پاڻ ڪي پيش ڪندو تہ اسان سيني ڳوٺ وارن جا ووٽ ان ڪي ئي ملندا. توهان ٻنهي کان وڌيڪ اسان جو اعتماد ٻي ڪنهن تي ڪونہ آهي." ان کان بعد پاڻ پنهنجي استاد ۽ ڳوٺ جي چڱن ماڻهن سان مشورو ڪيائين. سيني

جي متفق راءِ مفتي صاحب کي پنھنجو پاڻ ان خدمت لاءِ پيش ڪرڻ تي بيٺي. جنھن ڪري مفتي صاحب کي ان خدمت ڪرڻ لاءِ بي ڊي جي اليڪشن ۾ حصو وٺڻو پيو. تر جي وڏيرن ۽ زميندارن کي مفتي صاحب جي اليڪشن ۾ حصو وٺڻ جي خبر پئي تہ اھي سندس مخالف ٿي بيٺا. مخالفت سان گڏ مفتي صاحب جي حمايت ڪرڻ وارن کي ڌمڪيون ڏيڻ لڳا. ان ڪري ڪافي ڳوناٽا سندن ڌمڪين جي ڪري مفتي صاحب سان ڪيل پنھنجي واعدي تان ڦري ويا. تنھن ھوندي بہ مفتي صاحب اليڪشن ۾ حصو ورتو ۽ ڪامياب ٿيو. پاڻ ان محاذ تي بہ خدمت خلق جي ڪوشش ڪندو رھيو پر ٻين ميمبرن سندس مخالفت ڪرڻ شروع ڪئي. مفتي صاحب جي ھر ڳالھ ۾ مخالفت ڪرڻ لڳا. ڪيس طرح طرح سان تڪليف ڏيڻ جي ڪوشش ٿيندي رھي. حتیٰ ڪہ ايتري حد تائين جو مفتي صاحب جي گھر مان چوري ڪرايائون. سندس مينھون بہ چوري ڪرايائون. مفتي صاحب نيڪ نيتي سان خدمت خلق جي جذبي تحت اھي سڀ تڪليفون سھندو رھيو پر پوءِ بہ ڪيس خدمت ڪرڻ نہ ڏني وئي. آخرڪار مجبور ٿي ڪري پاڻ ان ميمبرشپ تان اسعفیٰ ڏئي ڇڏيائين. فرمائڻ لڳو تہ ” ھنن حالتن ۾ ماڻھو جيسيتائين بدمعاش نہ ٿيندو تيسيتائين ڪم نہ ھلندو. لُچائي ۽ لوفرائي عالمن ڪان نہ پڄندي. ان ڪري ميمبر چونڊجڻ وارو تجربو ناڪام رھيو.“

پاڻ معاشري منجھان برن عنصرن کي ختم ڪرڻ جي ھميشہ ڪوشش ڪندو رھيو. ڳوٺن منجھان رڇ جي ٻچ، ڪڪڙن جي ميل، ڏاندن ۽ گڏھن جون گويون ۽ جوا جي اڏن کي بند ڪرڻ جي جستجو ڪيائين. جنھن جي نتيجي ۾ ڏوھاري قسم جا ماڻھو سندس مخالف ٿي بيٺا، پر پوءِ بہ پاڻ استقامت جو مظاھرو ڪندي پنھنجي موقف تي قائم رھيو. معاشري منجھان انھن برائين جي خاتمي لاءِ پاڻ پتوڙيندو رھيو.

مفتي صاحب غريب، لاچار، مظلوم ۽ بي پھچ ماڻھن جي مدد ۽ مالي سھائتا ڪندو رھيو. پاڻ ڪيترن ئي غريب مسڪين ڇوڪرن ۽

چوڪرين جون شاديون ذاتي خرچ تي ڪرايائين. مدرسي ۾ ڪيترن ئي غريب ۽ يتيم شاگرد جيڪي بنا طهر جي مدرسي ۾ پڙهڻ ايندا هئا، انهن جا طهر ڪرايائين. پاڻ ڳوٺن توڙي شهرن جي ڀلائي ۽ سڌاري لاءِ سماجي ڪمن ۾ ڀرپور نموني حصو وٺندو رهيو. ماڻهن ۽ معاشري جي اصلاح لاءِ ڪوشش ڪندو رهيو.

ڳوٺ سڌار تنظيم

ڳوٺ جي ترقي ۽ اصلاح ۽ عوام جي خدمت ڪرڻ لاءِ ڳوٺ سڌار تنظيم جي چونڊ ٿي. مفتي صاحب بي ڊي جي سابق تجربي جي آڌار تي بيزاري ظاهر ڪئي، پر ڳوٺ وارن هڪ راءِ ٿي ڪري ڪيس ڳوٺ سڌار تنظيم جو نائب صدر چونڊيو. پاڻ ان تنظيم ۾ به ڏاڍي جذبي سان خدمت ڪندو رهيو پر ڪو خاطر خواهه نتيجو حاصل نه ٿيو. جنهن ڪري جڏهن ٻيهر تنظيم جي چونڊ ٿي ته سرائي شمس الدين مگسي جي حمايت ڪري ڪيس منتخب ڪرايائين ۽ پاڻ ان کان گوشه نشين ٿي رهيو.

جمعيت العلماءِ ميهڙ

پاڻ جڏهن ميهڙ ۾ جامع مسجد جو سرڪار طرفان خطيب مقرر ٿيو هو ته ان دؤر ۾ صدر ايوب خان جي مخالفت شروع ٿي ته جمعيت العلماء ديني جماعت ميهڙ طرفان ڪيس جمعيت العلماء ميهڙ جو سرپرست چونڊيو ويو. حالانڪه پاڻ ان وقت جامع مسجد جو اوقاف کاتي طرفان سرڪاري طور پيش امام جي ملازمت سان منسلڪ هو. پر پوءِ به ان پليٽ فارم تان برابر خدمت ڪندو رهيو.

دارالسلام ٽوبه ٽيڪ سنگهه (پنجاب) ۾ سني ڪانفرنس ٿي ته پاڻ به سنڌ جي بزرگ عالمن سڳورن سان گڏ ان ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿي هنن جو ساٿ ڏنائين.

زڪوٰة ڪاميٽي ميھڙ جو ميمبر ٿيڻ

جنرل ضياءُ الحق جي دؤر حڪومت ۾ ملڪ ۾ زڪوٰة جو نظام شروع ٿيو تہ مفتي صاحب کي زڪوٰة ڪاميٽي ضلع دادو طرفان ميھڙ مان ميمبر مقرر ڪيو ويو. پاڻ ان ۾ نھايت دينداري، ايمانداري ۽ سچي لگن سان ڪم ڪيائين. پاڻ ڏاڍي جذبي سان اھا خدمت سرانجام ڏيندو رھيو. زڪوٰة کي حقدارن تائين پھچائڻ ۾ اخلاص سان پنھنجو ڪردار ادا ڪيائين.

مفتي صاحب جو ڪردار

مفتي صاحب جڏھن ميھڙ ۾ مدرس مقرر ٿيو تہ سڄو ھفتو تدريسي خدمت ۾ مصروف رھي جمعي جي ڏينھن جمعي جي نماز پڙھائي پنھنجي ڳوٺ سوڀو خان مگسي جي طرف روانو ٿيندو ھو. بس اسٽاپ تي لھڻ کان بعد بازار منجھان گذريندي ھر ڪنھن سان ملندو ڪائنس حال احوال وٺندو پنھنجي استاد محترم مولانا عبدالڪريم مگسي صاحب جن وٽ حاضر ٿيندو ھو. پنھنجي گھر وڃڻ کان پھريان پنھنجي استاد محترم وٽ ويندو ھو. اھو سلسلو سندس استاد محترم جي حياتيءَ تائين جاري رکيائين. سندس وفات کان بعد سندس قبر تي وڃي ايثال ثواب ڪرڻ کان بعد پنھنجي گھر ويندو ھو. سندس گھر پھچڻ شرط ڳوٺ جا ٻارڙا ساڻس ملڻ لاءِ اچي گڏ ٿيندا ھئا. پاڻ ڏاڍي پيار ۽ پاٻوھ منجھان ساڻن ملندو ھو. يتيم ٻارڙن کي پنھنجي ھنج ۾ ويھاري سندن مٿي تي شفقت منجھان ھٿ ڦيريندو ھو. پوءِ ھر ھڪ ٻار کي خرچي ڏيندو ھو. انھن جي خرچي لاءِ ريزڪي پئسن جو بندوبست ميھڙ منجھان ئي ڪري ايندو ھو. ٻارڙا بہ پورو ھفتو سندس انتظار ۾ ھوندا ھئا. پاڻ ھر نماز لاءِ مسجد جو رخ ڪندو ھو. گھر ۾ جڏھن ايندو ھو تہ گھر وارا ڪائنس پڇندا ھئا تہ ماني ۾ ڇا ڪائيندؤ؟ ان تي پاڻ جواب ڏيندو ھو تہ الله پاڪ جيڪو ڪارائيندو اھو گڏجي ڪائينداسين. مطلب

ڪنهن خاص طعام جي فرمائش نہ ڪندو هو. ڳوٺ ۾ هڪ رات ڪان وڌيڪ نہ رهندو هو. سندس گهر وارن ۽ مٽ مائٽن جي فرمائش هوندي هئي تہ ڪجھ وڌيڪ ترسو. پاڻ ڪين جواب ڏيندو هو تہ مدرسي ۾ مالڪن پنهنجا ٻچڙا اسان جي حوالي ڪيا آهن. انهن ٻارڙن جي تعليم ۽ تربيت ڪرڻ اسان جو فرض آهي. سندن پڙهائي متاثر ٿيندي. ان ڪري آءٌ هت وڌيڪ نٿو رهي سگهان.

مفتي صاحب پنهنجي پاڙيسرين جو بيحد خيال رکندو هو. چاهي اهو مٽ مائٽ هجي يا ڪنهن ٻي ذات وارو هجي. سندن خيرخيريت معلوم ڪرڻ، انهن جا حالات معلوم ڪري سندن هرممڪن مدد ڪندو هو. سندس عزيز و عقارب ۽ تر جا ماڻهو پنهجا مسئلا سندس وٽ کڻي ايندا هئا. پاڻ انهن جو ڪو حل ٻڌائيندو هو. هر مسئلي لاءِ مشاورت ڪندو هو. سندس چوڻ هوندو هو تہ الله تعالىٰ حضور انور ﷺ جن ڪي مشاورت جو حڪم ڪيو آهي تہ اسان ڪهڙي ڳالھ آهيون. مشاورت ۾ ئي برڪت ۽ خير آهي. پاڻ ان باري ۾ چوندو هو تہ صلاح مشورو ضروري آهي. دوست، مٽ مائٽ ۽ شاگردن ڪي نياڻين جي جلدي شادي ڪرائڻ لاءِ تاڪيد ڪندو هو. پاڻ پنهنجي نياڻين جون شاديون بہ جلد ۽ پنهنجي موجودگيءَ ۾ ڪرايائين. ڪيترين ئي غريب نياڻين جي شادي ڪرائي انهن جو خرچ بہ پاڻ ڪيائين.

پاڻ جڏهن بہ ڪنهن سفر تي ويندو هو تہ پنهنجي لاءِ ڪتاب تہ ضرور آڻيندو هو پر ٻارڙن لاءِ اخلاقيات تي مبني قصن ڪهاڻين جا ڪتاب بہ خريد ڪري ايندو هو. سفر تان واپسي تي گهر وارن، شاگردن ۽ دوستن ڪي ان سفر جو پيرائتو احوال بہ ڏيندو هو. اهي سندس احوال ڏاڍو دلچسپيءَ سان ٻڌندا هئا.

ڪيترن ئي ڳوٺن جا شاگرد مئٽرڪ جي امتحانن لاءِ ميھڙ ايندا هئا تہ سندن رهائش ۽ کاڌ خوراڪ جو بندوبست ڪندو هو. ڪين رات جو مطالعو ڪرڻ لاءِ ماحول ناهي ڏيندو هو. سندن هر ضرورت جو خيال

رکندو هو. صبح جو وقت تي جاڳائي نماز لاءِ چوندو هو تہ بابا اٿي رب کي سجدو ڪري پنهنجي ڪاميابي لاءِ دعا گهرو. اسان بہ توهان جي ڪاميابي لاءِ دعا گهرون ٿا. مفتي صاحب صلع رحمي ۽ مهمان نوازيءَ ۾ ڪابہ ڪوتاهي برداشت نہ ڪندو هو. پنهنجي عزيزن جو بہ حد کان وڌيڪ خيال رکندو هو.

پاڻ پنهنجي مدرسي کان علاوه ٻين مدرسن جي شاگردن تي بہ شفقت ڪندو هو. ڪانئن پڇندو هو تہ صرف جو فلاڻو ڪتاب پڙهيو اٿوَ؟ يا نحو ۾ فلاڻو ڪتاب پڙهيو اٿوَ؟ يا منطق ۽ فلسفي ۾ فلاڻو ڪتاب پڙهيو اٿوَ؟ پوءِ اگر ڪو شاگرد چوندو تہ جيءُ سائين فلاڻو ڪتاب بہ پڙهيو آهي تہ ان تي ڪيس چوندو هو تہ ماشاء الله ڏاڍو بهترين. الله توهان جي علم و عمل ۾ برڪت عطا فرمائي. بابا پڙهائي ۾ دل لڳايو. علم سان عمل ايندو آهي ۽ عمل سان آخرت ٺهندي آهي. ڪوشش ڪري ٻين بہ ڪتابن جو مطالعو ڪندا ڪريو. ان سان توهان جو مطالعو وسيع ٿيندو ۽ علم ۾ اضافو پڻ ٿيندو. اگر ڪو شاگرد چوندو هو تہ نہ سائين فلاڻو ڪتاب نہ پڙهيو آهي تہ ڪيس ان ڪتاب جي پڙهڻ جي تاڪيد ڪندو هو. چوندو هو تہ اگر توهان جي مدرسي ۾ اهو ڪتاب موجود نہ آهي تہ پوءِ مون وٽان اهو ڪتاب ڪٽي وڃي پڙهو.

مفتي صاحب کي پنهنجي مدرسي کان علاوه ٻين مدرسن جو بہ فڪر هوندو هو. ٻين مدرسن جي بہ سار سنڀال لهندو هو. انهن جي بہ هر ممڪن مدد ڪندو هو. انهن مدرسن جي استادن ۽ شاگردن سان بہ پيار، محبت، عزت ۽ احترام سان پيش ايندو هو. ڪاڇي جا ماڻهو اٽن تي پٽر ڪٽي شهر ۾ کپائڻ لاءِ ايندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ڪانئن پٽر نہ کپي سگهندا هئا تہ مدرسي اچي مفتي صاحب کي چوندا هئا تہ سائين اڄ اسان کان پٽر ڪنهن بہ خريد نہ ڪيا آهن. هاڻي اسين ٻچن لاءِ سودو سامان ۽ ڀاڄي وغيره ڪيئن خريد ڪنداسين؟ اها ڳالھ ٻڌي پاڻ انهن کان اهي پٽر خريد ڪري مدرسي جي ڪنهن ڪنڊ ۾ لهرائي رکندو هو ۽

انهن کي ان جي قيمت ڏئي روانو ڪندو هو. طالب يا دوست ڪانئس پڇندا هئا ته سائين هي پٽر ته توهان جي ڪنهن ڪم جا ئي نه آهن، پوءِ توهان هي ڇو خريد ڪيا؟ اهو ٻڌي پاڻ جواب ڏيندو هو ته هو ٻچڙن جي روزي روٽي خاطر ڪٿان ڪان پنڌ ڪري نڪتو هو، ان اميد سان ته هي ڪپائي پنهنجن ٻچڙن لاءِ سامان وغيره خريد ڪندس. مون وٽ آس ڪٽي آيو هو. مون وٽان به خالي ۽ مايوس ٿي موٽي وڃي، مون کي اهو مناسب نه لڳو. ان ڪري ڪانئس اهي پٽر خريد ڪيم ته جيئن هو ٻچڙن لاءِ سامان به خريد ڪري سگهي ۽ هن منجهان پورهيو ۽ محنت ڪرڻ جو جذبو به ختم نه ٿئي.

پاڻ دعوت قبول ڪندو هو. دعوت قبول ڪرڻ ڪانپوءِ ان ۾ شامل به ضرور ٿيندو هو. مٽ مائٽ، دوستن ۽ متعلقين جي شادي هجي توڙي غمي هجي پر ان ۾ به ضرور شريڪ ٿيندو هو.

پاڻ پنهنجي پوري زندگي سنت رسول ﷺ مطابق گذارڻ جي ڪوشش ڪندو هو. اسلام جي روشنيءَ ۾ پنهنجي رهڻ ڪهڻي ۽ هر ڪم ڪار ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪرڻ جي جستجو هوندي هئس. هرويرو بازار نه ويندو هو. پاڻ تصوف جو به ديوانو هوندو هو. الله تعالىٰ طرفان ڪيس روحانيت، شرافت، طهارت، بصيرت ۽ بصارت جهڙيون صفتون نصيب ٿيل هيون. انهن صلاحيتن جي ڪري سندس مرشد آغا فخرالدين چشموي ڪيس قدر جي نگاهه سان ڏسندا هئا. پاڻ جڏهن مجلس ۾ ايندا هئا ته سڀ مريد ادب ۽ احترام وچان اٿي بيهندا هئا. پاڻ مفتي صاحب کي فرمائيندا هئا ته مولوي صاحب ! توهان اٿڻ جي تڪليف نه ڪندا ڪريو. سندس لاءِ رهائش جو الڳ ڪمري ۾ بندوبست ڪيو ويندو هو. سندس ماني جو به الڳ خاص بندوبست ڪيو ويندو هو. ڪيس مرشد طرفان مريد ڪرڻ جي اجازت مليل هئي. پر سندس سموري محنت ۽ سوچ جو مرڪز ۽ محور تدريس ئي هوندو هو. جنهن ڪري پاڻ مريد ڪونه ڪيائين. ڪيس پڙهائڻ سان حد ڪان وڌيڪ لڳاءُ هو. پوري زندگي

ان ۾ مگن رهيو. عمر جي وڌڻ، ضعف ۽ ڪمزوري توڙي بيماري ڪيس پنهنجي مقصد کان هٽائي نہ سگهيا. پاڻ جوانيءَ ۾ جيڪي معمولات رکيائين تن تي آخري وقت تائين برابر استقامت سان ڪاربند رهيو. پاڻ هر وقت وضوء سان رهندو هو. پاڻ اسلاف جو مثالي نمونو هوندو هو. پاڻ سچو عاشق رسول هوندو هو. سندس مرض الموت ۾ ساڄي ٻانهن ۾ ”فستولا“ لڳايو ويو هو. ڊاڪٽرن ڪيس ان پاسي زور ڏيڻ کان سختيءَ سان منع ڪئي هئي، پر ان جي باوجود پورو هفتو ان پاسي سمهندو رهيو. جڏهن ڪيس عرض ڪيو ويو تہ سائين ان پاسي سمهڻ سان نقصان ٿيندو. ان تي وراڻيائين تہ بابا ڪعبة الله ۽ مدينو پاڪ ان طرف آهي. مان اوڏانهن منهن ڪري سمهندس. ڊاڪٽر ڪٽي ڪجھ بہ چون. اهو هفتو سندس لاءِ آخري هفتو ثابت ٿيو. اهڙي طرح شعائرالله جي عزت ۽ تعظيم سندس دل ۾ آخر تائين قائم رهي.

پاڻ پنهنجي پوري زندگي تدريس جي خدمت ڪرڻ سان گڏ حقوق العباد جي دل سان ادائگي ڪندو رهيو. فلاح و بهبود جي ڪم ڪرڻ جو ڪيس ڏاڍو جذبو هوندو هو. ٻين جي مالي توڙي جاني هر طرح سان مدد ڪندو رهيو. هٿ جو نهايت ڪليل انسان هو. دسترخوان جو بہ نهايت ڪشادو هوندو هو. هر مهمان توڙي مسافر ڪي چانھ ۽ ماني ضرور پيش ڪندو هو. ساڻس ملڻ لاءِ روزانو ڪافي تعداد ۾ دوست ۽ مهمان ايندا هئا. انهن جي خدمت ڏاڍي شوق سان ڪندو هو. انهن کي کارائڻ ۾ خوشي محسوس ڪندو هو. اگر ڪو سابق شاگرد بہ ساڻس ملڻ ايندو هو تہ ايئن محسوس ٿيندو هو گويا سندس ڪو خاص مهمان هجي. انهن جي خدمت دل جي خوشي سان ڪندو هو. فرمائيندو هو تہ ”جڏهن مون وٽ پڙهن پيا تہ مون وٽ امانت هئا ۽ منهنجي ڪمائي جو ذريعو هئا. هاڻي ميدان عمل ۾ آهن تہ مون لاءِ ذخيرو ٿاهن ٿا. جيڪو منهنجي لاءِ نيڪين جا انبار لڳائي مان ان جي خدمت دل و جان سان ڇو نہ ڪريان؟“

مفتي صاحب ۽ تصوف

مفتي صاحب شريعت جي ظاهري علم جو ماهر مدرس هو ته تصوف سان به بيحد لڳاءُ هئس. پاڻ ظاهر سان گڏ باطن جي تذکيه جو به قابل ۽ داعي هو. پاڻ فجر جي نماز کان بعد درس قرآن ڏيندو هو. درس قرآن کان فارغ ٿي مراقبو ڪندو هو. سندس اقتدا ۾ ڪافي عمر رسيده جماعتي ۽ طالب به مراقبي ۾ ويهي رهندا هئا. سندس مراقبي جو طريقو هي هو ته پهريان سورة المزمل جي آيت "ذالک فضل الله يؤتي من يشاء والله ذوالفضل العظيم" وظيفه فتح "حسبنا الله نعم الوکيل نعم المولیٰ و نعم النصير" پڙهي پوءِ ڪجھ روحانيت کي اپارڻ لاءِ بيان ڪندو هو. ان ۾ قرآن مجيد جون مختلف آيتون، احاديث مبارڪه اولياء ڪرام جون دل تي اثر ڪندڙ حڪايتون، جنهن ۾ خصوصي طور حضرت حسن بصري، حضرت امام ابوحنيفه، شيخ سعدي شيرازي، ملان جامي، مولانا محمد هاشم ٺٽوي ۽ سنڌ جي ٻين مشائخن جا پر نور احوال، روايتون ۽ ڳالهيون بيان ڪندو هو. دل کي اخلاق حسنه و ممدوحه سان پر ڪرڻ واسطي مثال ڏئي سمجهائيندو هو. فرمائيندو هو ته اصلاح نفس لاءِ ڪنهن ڪامل مرشد ۽ مصلح جي ضرورت آهي. جيئن ظاهري جسماني بيمارين لاءِ حڪيم ۽ ڊاڪٽرن وٽ وڃڻ ضروري آهي بلڪل اهڙي طرح دل جي صفائي ۽ سٿرائي لاءِ ڪنهن ڪامل متبع سنت رهبر جي ضرورت پوندي آهي. ان لاءِ باطني صفائي ۽ برائين کان بچڻ لاءِ مرشد جي هٿ تي بيعت ڪرڻ ضروري آهي.

ان کان بعد مراقبي جو طريقو سمجهائيندو هو ته " اکيون بند هجن، چپ به بند هجن، زبان مٿي تارون سان لڳل هجي، دل ۾ اهو خيال هجي ته نبي ڪريم ﷺ جن جو سائو قبو سوني نيل سان گنبذ خضریٰ سامهون آهي. ان جي دروازي تي مرشد ڪريم آهي ۽ دل ٻولي الله! الله! الله!

پوءِ مٿي تان دستار مبارڪ لاهي هيٺ رکندو هو ۽ مٿان چادر وجهي تصور ۾ ذڪر ڪندو هو. ايئن خاموشيءَ سان ڪجھ وقت مراقبو ڪندو هو. آخر ۾ ڪلمہ طيب پڙهي مٿان چادر لاهيندو هو ۽ ڪنڌ مٿي ڪري دعا گهرندو هو. پوءِ اشراق پڙهي وضو تازو ڪري تدريس شروع ڪندو هو.

پاڻ تهجد نماز جي بہ سختيءَ سان پابندي ڪندو هو. موسم جي شدت سندس معمول کي گهٽائي يا ان ۾ ناغو ڪرائي نہ سگهي. سردي جي موسم هجي چاهي گرميءَ جي موسم هجي پر پاڻ استقامت سان پنهنجي معمول تي ڪاربند رهيو. سرديءَ جي موسم ۾ طالب مسجد جي اندر سمهندا هئا. پاڻ مسجد جي ٽانڪيءَ مان ٿڌي پاڻيءَ سان ئي وضو ڪندو هو. پوءِ خاموشيءَ سان آهستہ آهستہ مسجد ۾ اچي مصلي تائين پهچندو هو. بلب وغيره بہ نہ ٻاريندو هو تہ متان ڪنهن طالب جي ننڊ خراب ٿئي. پوءِ پاڻ ڪافي دير تائين تهجد جي نماز ۾ مصروف رهندو هو.

مفتي صاحب هڪ وڏو عالم ، فاضل، بهترين استاد، شيخ الحديث ۽ مفتي هو. سندس علم جي هاڪ تر جي علائقن ۽ پري پري تائين پکڙيل هئي. سندس علم ۽ عمل جو چرچو سڄي بلوچستان ۾ هو. پاڻ پنهنجي پوري زندگي شريعت مطهره تي عمل ڪندي گذاريائين. پاڻ پوري زندگي ديني علم جي تدريس ۽ تحرير ۾ گذاريائين. ان سان گڏ اصلاحي بيان ۽ تقريرون بہ ڪندو هو. اهل تصوف بزرگ هو. سندس زندگيءَ جا 1937ع کان 2006ع تائين 63 سال تدريس جي خدمت ڪندي گذريا. جنهن ڪري سندس ڪيترائي شاگرد عالم، فاضل، حافظ ۽ فقيه بڻجي فارغ التحصيل ٿيا. سندس شاگردن جو تعداد بہ تمام گهڻو آهي.8 پاڻ شاگردن جو ڪو خاص رڪارڊ نہ رکندو هو. لله في الله دين جي خدمت ڪندي پنهنجي زندگيءَ جا ڏينهن پورا ڪيائين. سندس شاگرد ڪانئس فيض حاصل ڪري پنهنجن ۽ ٻين علائقن ۾ وڃي تدريس جي خدمت کي جاري رکيو. سندس فيض ڪيترن ئي ڳوٺن ۽

شهرن تائين پهتو. مفتي صاحب پاڻ تہ هيءَ دنيا ڇڏي ابدي حيات جي طرف راهي ٿيو پر سندس شاگرد سندس فيض کي عام ڪرڻ ۾ ڪوشان آهن. مفتي صاحب کي پڙهائڻ جو جنون جي حد تائين جو شوق ۽ عشق هو. سندس اٿڻ ويهڻ، کائڻ پيئڻ، گهمڻ ڦرڻ، قيل و قال ۽ رسم و رواج سڀ قال الله ۽ قال رسول ﷺ رهيو.

مفتي صاحب جي هٿ تي غير مسلم جو قبول اسلام

مفتي صاحب جي هٿن تي ڪجھ غير مسلم نوجوانن اسلام قبول ڪيو. پاڻ شهرت پسند نہ هئڻ ڪري اهڙيون ڳالهيون راز رکندو هو، پر پوءِ بہ ڪڏهن ڪڏهن اها ڳالھ صحافين ۽ عوام تائين پهچي ويندي هئي. سندس هٿ تي مارچ 2004ع ۾ گهوٽڪي ضلعي جي ٻن مارواڙي هندن اسلام قبول ڪيو9. انهن جا نالا شمعو ۽ عڪم مان تبديل ڪري اسلامي نالا غلام محمد ۽ غلام احمد رکيا ويا.

مفتي صاحب جي هٿ تي ڪراچيءَ جي هڪ هندو عورت اسلام قبول ڪيو. سندس اسلامي نالو ذڪيہ رکيو ويو.10

تقوىٰ ۽ پرهيزگاري

مفتي صاحب نهايت متقي ۽ پرهيزگار هوندو هو. پاڻ هر ڪم ڪار ۽ عمل سنت رسول ﷺ مطابق ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو.11 پاڻ پنهنجي شاگردن ۽ واسطيدارن کي بہ ان مطابق عمل ڪرڻ لاءِ چوندو هو. پاڻ هر شيءِ ۾ حلال طريقي سان حاصل ٿيل ۽ حلال طريقي سان ٺهيل شين کي استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو. نماز پنجگانہ باجماعت جو اهتمام ڪندو هو. اڪثر امامت بہ خود ڪندو هو. گهر ۾ بہ گهر وارن کي نماز جي پابندي ڪرڻ لاءِ تمام گهڻي ڪوشش ڪندو هو. پاڻ هر ان ماڻهو جنهن سان سندس تعلق هوندو هو کي سنت مطابق زندگي گذارن لاءِ عمل ڪرڻ جي ترغيب ڏيندو هو. ڪين حلال طريقي

سان ڪمائڻ ۽ حلال کائڻ لاءِ تاڪيد ڪندو رهندو هو. پاڻ پردي جي معاملي ۾ به نهايت سخت هوندو هو. ظاهر توڙي باطن سنت مطابق رکڻ جي ڪوشش ڪندو هو.

ميهڙ ۾ اڌ صديءَ کان وڌيڪ جو عرصو دين متين جي خدمت ڪندي گذاريائين. ان عرصي دوران پاڻ ڪڏهن به ڪنهن به وڏيري، ڪمدار، پوتار، رئيس، دڪاندار، ٺيڪيدار، ڪاموري، آفيسر يا سياستدان جي در تي نه ويو ۽ نه وري ڪنهن جي دعوت ئي کاڌائين. اسپيشل ماني جي گهر نه ڪيائين. ڪنهن جي اڳيان سوال ڪري دست دراز نه ٿيو. مدرسي ۾ به ڪڏهن ڪو سفير مقرر نه ڪيائين. الله رب ڪريم ڪي خالق مجي ان جي آسري تي ڪم ڪندو رهيو. شاگردن ۽ سندس ماني گهرن مان مليل فقر ئي هوندو هو. ساري عمر صبر ۽ شڪر جي نعمت سان مالا مال رهيو. ڪيترائي آفيسر ۽ ڪامورا سندس وٽ ايندا هئا ته سائين حڪم ڪريو، اسان اوهان جي خدمت ڪرڻ چاهيون ٿا پر پاڻ ڪڏهن به ڪائنڻ ڪنهن به شيءِ جي فرمائش نه ڪيائين. آذان جو آواز ٻڌي اٿي ويهندو هو ته فلاح ۽ ڪاميابي جي طرف سڏ تي لبيڪ چئجي. آذان جو مڪمل جواب ڏئي دعا گهرندو هو. پاڻ ماني به هميشه مٺو ڍڪي کائيندو هو. ڪڏهن به مٺي اگهاڙي ماني نه کاڌائين. هميشه اڪثر وقت مسجد ۾ ئي گذاريندو هو. فرمائيندو هو ته مون کي مسجد ۾ ئي سڪون محسوس ٿئي ٿو.

مهمان نوازي

مفتي صاحب مهمان جي آمد تي ڏاڍو خوش ٿيندو هو، ڪيس جيءَ ۾ جايون ڏيندو هو. اهو مهمان چاهي امير هجي چاهي غريب، عالم هجي چاهي غير عالم، پڙهيل هجي چاهي اڻ پڙهيل، شاگرد هجي چاهي غير شاگرد، ويجهو جو هجي چاهي پري جو سيني جي آمد تي سرهو ٿيندو هو. مهمان کي رب تعالىٰ جي رحمت سمجهندو هو. عالم ۽ سيد مهمان جي آمد تي ته جڻ ساهه صدقو ڪندو هو. عالم ۽ سيد مهمان لاءِ

رلي وچرائي ان تي ويهاريندو هو. هر مهمان کي ماني کارائڻ سندس شوق هوندو هو. ماني به هوٽل تان سني گهرائي کارائيندو هو. چاڪاڻ جو ميهڙ ۾ سندس گهر نه هوندو هو. سندس خاندان ڳوٺ سوڀو خان مگسي ۾ رهندو هو. اگر ڪنهن مهمان کي پنهنجي خدمت ڪجهه وڌيڪ محسوس ٿيندي هئي ته چوندو هو ته سائين ايتري تڪليف نه ڪريو ته سائين ڪيس چوندو هو ته هيءَ تڪليف نه بلڪه تفريح آهي. اگر ڪنهن مهمان کي جلدي هوندي هئي ته پڙهائي کي روڪي سندس حال احوال وٺي، سندس خدمت ڪري پوءِ اجازت وٺندو هو ته هاڻي اجازت ملي ته مان پڙهايان. باقي مهمانن سان ظهر نماز کان پهريان، يا عصر نماز کان بعد يا مغرب نماز کان بعد ڪچهري ڪندو هو. رات رهڻ واري سان عشاء کان بعد مدرسي جي ڇت تي ڪٿون رکي رات دير تائين ويهي ڪچهري ۽ روح رهاڻ ڪندو هو.

پاڻ مهمانن جي عزت ۽ اڪرام ڪرڻ جي طالبن، دوستن ۽ اولاد کي به ترغيب ڏيندو هو. فرمائيندو هو ته مهمان جي عزت ڪريو ته الله تعالیٰ اوهان کي آخرت ۾ عزتون نصيب ڪندو. فرامائيندو هو ته " اڪرموا الضيف ولو ڪان ڪافراً " يعني مهمان جي عزت ڪريو توڻي جو هو ڪافر هجي.

مفتي صاحب مهمان جي خدمت ڪرڻ جي ترغيب ڏيڻ لاءِ هي حديثون ٻڌائيندو هوته مهمان کي برو نه سمجهو، ان لاءِ جو جڏهن مهمان ايندو آهي ته پنهنجو رزق کڻي ايندو آهي ۽ جڏهن ويندو آهي ته گهر ڌڻيءَ جا گناه کڻي ويندو آهي.

وري ٻڌائيندو هو ته جڏهن مهمان گهر ۾ ايندو آهي ته ان جي گهر ۾ هزار رحمتون ۽ هزار برڪتون داخل ٿينديون آهن.

مفتي صاحب وٽ هر مهمان کي عزت ملندي هئي. چاهي هو ننڍو هجي يا وڏو هجي يا ڪهڙي به مسلڪ سان تعلق رکندو هجي. اهڙا مهمان جيڪي ڪتابن سان چاه رکندا هئا تن مٿان ته سائين گهور پيو

ويندو هو. سندس هم سبق دوست مفتي محمد مهيسر پپري (ميهڙ) وارو جڏهن وٽس ايندو هو ته ساڻس ڏگهي علمي ڪچهري ۽ بحث ٿيندو هو. سندس خدمت به پرتڪلف ٿيندي هئي. پاڻ ۾ گهرائپ هئڻ ڪري مفتي محمد صاحب جڏهن مفتي ڪريم بخش صاحب وٽ ايندو هو ته ڪائڻ پيئڻ ۾ فرمائشون ڪندو هو ۽ مفتي صاحب سندس فرمائش پوري ڪرڻ ۾ نهايت خوش ٿيندو هو. حالانڪ ڪافي فتوائن ۾ مفتي محمد صاحب ساڻس اختلاف به رکندو هو. سندن دوستي به مثالي رهي.

مفتي صاحب جو اخلاق

مفتي صاحب ادب ۽ احترام جو مجسمو هو. ساڻس ملڻ وارو هر انسان ان ڳالهه جو گواهه آهي ته پاڻ پنهنجن مٽن مائٽن، دوستن، شاگردن، عالم سڳورن، حفاظ ڪرامن، جماعتين ۽ متعلقين جو تمام گهڻو احترام ڪندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ساڻس ملڻ لاءِ آيل سندس شاگرد سندس تڪلف ۽ ايتري احترام ۽ عزت ڏيڻ تي شرمندگي محسوس ڪندا هئا. پر پوءِ به پاڻ انهن جو ادب ڪندو رهيو. فرمائيندو هو ته توهان ئي ته منهنجي آخرت جي ڪمائي ۽ ڪاميابي جي علامت آهيو. مان توهان جي نه بلڪ پنهنجي آخرت جي ذخيري جي عزت ۽ اڪرام ڪريان ٿو، توهان ڪي ان ڳالهه تي تعجب نه ڪرڻ گهرجي. پاڻ قرآن مجيد، ديني ڪتابن، رحل، مصلي، ڪاپي ۽ پين وغيره جو به ڏاڍو ادب ڪندو هو. فرمائيندو هو ته هي اسان جي علم جي حاصل ڪرڻ جا ذريعا آهن. اگر هنن جي تعظيم نه ڪنداسين ته اسان ڪي فن ئي نصيب ٿي سگهي ٿو پر علم ۽ ان جو نور نصيب نه ٿيندو. پاڻ سيد قوم تي ته گويا جان نڇاور ڪندو هو. سيد جو نالو نه ڪٽندو هو. بادشاهه چئي مخاطب ٿيندو هو. سندس مرشد جو به تمام گهڻو ادب ۽ احترام ڪندو هو. گويا فنا في الشيخ هو. پنهنجي مرشد ڪريم اڳيان ته ڪنل هوندو هو. انهن جي اڳيان باادب ٿي ويهندو هو. ڪڏهن به ڏاڍي آواز ۾ نه ڳالهايائين. جيسيتائين مرشد وٽ موجود هوندو هو ته تيسيتائين سندس ڪيفيت

عجيب هوندي هئي، جڻ پيو هر هر گهور ويندو هو. مرشد جي موجودگيءَ ۾ سندس هر ڪم پنهنجي هٿن سان ڪرڻ ڪي سعادت سمجهندو هو. سندس نوڪري ڏيڻ ۾ خوشي محسوس ڪندو هو. مرشد سان فون تي به نه ڳالهائيندو هو. جڏهن ڪنهن ماڻهو ان جو سبب پڇيو ته پاڻ ان جي وجه ٻڌايائين ته ماڻهو فون تي ڳالهائڻ دوران ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو اڳلي ماڻهو جي ڳالهه اڌ ۾ ڪٽي وجهندو آهي، ته مون کي خوف هوندو آهي ته ڪٿي مرشد ڪريم سان ڳالهائيندي سندن ڳالهه اڌ ۾ ڪٽي بي ادبي جو مرتڪب نه ٿي پوان. پاڻ عالمن سڳورن جو به تمام گهڻو ادب ڪندو هو. اهو عالم صاحب چاهي ڪنهن به مسلڪ سان وابسطه هجي، کهڙي به قوم يا جماعت سان سندس تعلق هجي پر پاڻ ساڻس نهايت ادب سان پيش ايندو هو. سندس لاءِ رلي يا چادر وڇائي سندس عزت ڪندو هو. سندس کارائڻ ۽ پيئارڻ جو سنو بندوبست ڪندو هو. سندس ان احترام ۽ عزت ڏيڻ ڪري تقريباً هر مسلڪ جا عالم سڳورا ته وٽس ايندا هئا پر ان سان گڏ هر مسلڪ جا ماڻهو به سندس عزت ۽ احترام دل سان ڪندا هئا. ميهڙ وارن جي اها سعادت هئي جو اهڙو عظيم ادب و حيا جو پيڪر سندن درميان ڊگهي زندگي گذاري پنهنجي رب جي طرف راهي ٿيو.

پاڻ ان ادب ۽ احترام جو عملي نمونو پيش ڪرڻ سان گڏ پنهنجن شاگردن ۽ متعلقين کي به ان ڳالهه جي نصيحت ڪندو هو. بلڪه پنهنجن شاگردن کي باقائده ان جي ترغيب ڏيندو هو.

معمول

پاڻ مدرسي ۾ هوندو هو ته تهجد پڙهي پنهنجي مرشد طرفان مليل مخصوص ورد ڪندو هو. سندس ورد فجر جي نماز تائين هلندو هو. فجر پڙهائي درس قرآن ڏيندو هو. درس قرآن کان بعد مراقبو ڪندو هو. اشراق تائين مراقبي ۾ رهندو هو. اشراق پڙهي جلد ئي سبق شروع ڪندو هو. هڪ بجي تائين تعليم جو سلسلو جاري رهندو هو. هڪ بجي

ڪان بعد ڪلاڪ ڪن آرام ڪندو هو پر اڪثر ڪري آرام جو اهو وقت به نه ملندو هئس. اهو وقت ڪنهن فتوىٰ ۾ صرف ٿي ويندو هئس. جنهن ڪري آرام نه ڪري سگهندو هو.
ٻپهري جي نماز ڪان بعد سبق شروع ٿي ويندا هئا. ٽپهريءَ تائين تعليم جو سلسلو هلندو هو. ٽپهري ڪان مغرب تائين طالبن کي موڪل هوندي هئي. ان دوران پاڻ مطالعي يا ذڪر و اذڪار ۾ مصروف ٿي ويندو هو يا وٽس ڪو مهمان هوندو هو ته ان سان ويهي ڪچهري ڪندو هو. مغرب ڪان بعد پڙهائي شروع ٿيندي هئي. عشاء تائين پڙهائي جو سلسلو هلندو هو. عشاء ڪان بعد طالب ڪلاڪ ڪن مطالعو ڪندو هو. ان ڪان بعد طالبن کي آرام ڪرڻ جي اجازت هوندي هئي. سياري ۾ عشاء ڪان بعد هڪ ڪلاڪ تائين سبق پڙهائيندو هو. طالبن جي مطالعي دوران انهن جي نگراني به پاڻ ڪندو هو. انهن جي آرام وقت پاڻ مطالعو ڪندو هو. رات دير تائين مطالعو ڪندو هو. جڏهن ننڊ ايندي هئس ته آرام ڪندو هو. وري تهجد جي وقت تهجد لاءِ اٿندو هو. اهو سندس معمول جوانيءَ ڪان وٺي هلندو رهيو. آخري وقت تائين حالات ڪهڙا به هجن پر ان معمول تي استقامت سان عمل پيرا رهيو.

فتوائون

مفتي صاحب فتوائن جي ڪم ۾ به فائق رهيو. پاڻ جڏهن تخصص في الفقه جا ڪتاب پنهنجي استاد مولانا عبدالڪريم مگسي صاحب وٽ پڙهي پورا ڪيا ته اڪثر ڪري سندس استاد ڪريم استفتا لکڻ جو ڪم به سندس حوالي ڪري ڇڏيندا هئا. اهڙي طرح پنهنجي استاد محترم جي زير نگراني ۾ فتوىٰ لکڻ جي ڪم ۾ به مهارت حاصل ڪيائين. ڪانئس جيڪو مسئلو پڇيو ويندو هو ته ان جا جواب فقه جي مختلف ڪتابن مان ڳولهي پوءِ تحرير لکي ڏيندو هو. مسئلو چاهي ڪهڙي به نوعيت جو هجي پر فتوىٰ لکڻ ۾ ڪنهن به مسلڪ جي رعايت نه ڪندو هو. سندس قلم ان معاملي ۾ بي باڪ ئي رهيو. پاڻ

فتويٰ جا ڪڏهن بہ ڪنهن ڪان بہ پئسا نہ ورتائين. پاڻ فتوائون جمع نہ ڪيائين. ميهڙ تعلقي ۾ فتويٰ جي ڪم ۾ فائز رهيو. پاڻ فتويٰ قرآن مجيد، احاديث رسول ۽ سلف جي ڪتابن جي عبارتن ڪي لکي انهن جا ترجمہ بہ لکندو هو. تہ جيئن حجت تام ٿئي.

ڳوٺ ۽ آسپاس جا ماڻهو پنهنجي ملڪيت جي ورهاست جا مسئلا يا جهڳڙن جا مسئلا ڪٽي مفتي صاحب وٽ حاضر ٿيندا هئا. مفتي صاحب فيصلن ۾ امين ۽ منصف چونديو ويندو هو. تر جا وڏيرا بہ فيصلن لاءِ ڪانئس تحرير جي صورت ۾ فتويٰ وٺي ان مطابق فيصلو ڪندا هئا يا سندس وٽ اچي صلاح مشورو ڪري ان مطابق فيصلو ڪندا هئا. پاڻ هر ڪنهن جي بنا ذات پات جي فرق جي مدد ڪندا هئا. پوليس وارا اگر ڪو ماڻهو بي گناهہ گرفتار ڪري ايندا هئا تہ پاڻ ٺاٺي تي وڃي پنهنجي ڪيسي مان خرچ ڪري ۽ ضمانت ڪٽي ڪيس ڇڏرائي ايندو هو. ڪافي ماڻهن جي زمينن جا مسئلا جيڪي حل نہ ٿيندا هئا. سي پاڻ مختيارڪار، آبدار، تپيدار يا SDM وٽ وڃي حل ڪرائيندو هو. پاڻ چوندو هو تہ اسان جي پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جو مقصد ئي عوام جي خدمت ڪرڻ آهي تہ هي بہ خدمت جو هڪ طريقو آهي.

تحرير ۽ تقرير ذريعي عوامي اصلاح

مفتي صاحب جو انداز بيان هن ريت هوندو هو. پهريان الله رب ڪريم جي ثنا سان گڏ حضور اڪرم ﷺ تي درود و سلام پيش ڪرڻ جو عربي زبان ۾ خطبو پڙهندو هو. ان ڪان پوءِ قرآن مجيد جي آيت مبارڪ پڙهي ان جو ترجمو ڪندو هو. پوءِ ان مطابق حديث مبارڪ، صحابہ ڪرام رضي الله عنهم جا واقعات بيان ڪندو هو. ان ڪان بعد بزرگن ۽ اولياء ڪرامن جا واقعا بيان ڪندو هو. انهن جي قصن ۽ واقعن کي بيان ڪري انهن منجهان حاصل ٿيندڙ سبق طرف رهنمائي ڪندو هو. نبي ڪريم ﷺ، صحابہ ڪرام رضي الله عنهم، اولياء ڪرامن، محدثين ۽ بزرگن جي عظمت عوام جي دلين ۾ ويهارڻ جي ڪوشش ڪندو هو.

مفتي صاحب تحريري ميدان ۾ ڪجهه خدمت ڪئي ته ان سان گڏ تقرير ذريعي عوام جي اصلاح ڪرڻ جي جستجو به ڪندو رهيو. کيس عوام جي اصلاح جي درد هوندو هو. پاڻ پنهنجي ڳوٺ سوڀو خان مگسي جي جامع مسجد ۾ جمعو پڙهائيندو هو. ان وقت به جمعي جي نماز کان اڳ اصلاحي بيان ڪندو هو. سندس بيان ۾ قرآن مجيد جي آيتن جي تشريح، حديث مبارڪ جي وضاحت ۽ صحابه ڪرام رضي الله عنهم ۽ اولياءَ الله جا سبق آموز قصا شامل هوندا هئا. ماڻهو کيس جلسن ۾ دعوت ڏئي گهرائيندا هئا. انهن جلسن ۾ کيس مهمان خاص جي حيثيت حاصل هوندي هئي ۽ ڏاڍو پرتاثير بيان ڪندو هو. ماڻهو اڪثر ڪري ڪنهن خاص موقعي تي يا خوشي جي موقعي تي مفتي صاحب جو بيان ڪرائيندا هئا. پاڻ بنا ڪنهن لالچ ۽ لوڀ جي صرف دين متين جي خدمت ۽ الله تعالىٰ جي رضا جي حصول لاءِ انهن ۾ شامل ٿيندو هو. پاڻ تقرير جي ڪابه فيس وغيره به نه وٺندو هو. مفتي صاحب جي علمي بيانن ۽ تدريسي خدمتن کيس ڪافي شهرت بخشي. پاڻ جامع مسجد ميهڙ جو به دادو ضلعي جو خطيب ۽ امام مقرر هو. کيس اوقاف کاتي طرفان پگهار ملندي هئي. جنهن ڪري ڪنهن به جلسي يا بيان جي ڪابه فيس نه وٺندو هو. سندس تقرير ۽ بيان پراثر هوندو هو. سندس تقرير جو اڪثر موضوع سنت رسول ﷺ ۽ اهل بيت سان محبت ئي هوندو هو. سندس تقرير دل تي اثر ڪرڻ واري هوندي هئي. کيس اهو درد هوندو هو ته ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان امت جي اعمال جي اصلاح ٿئي. جنهن ڪري سندس تقريرن ۾ اهو درد واضع نظر ايندو هو. مفتي صاحب اهل دل بزرگ ۽ عالم هو. ساڻس ڪچهري دوران ماڻهوءَ کي الله ياد اچي ويندو هو. سندس تقرير دل تي جلد اثرانداز ٿيڻ واري هوندي هئي. پاڻ تقرير ۾ به نمايان نظر ايندو هو. تقرير دوران سامعين جي سوچ ۽ استعداد کي مدنظر رکي انهن جي صلاحيت ۽ سوچ سمجهه آهر الفاظ استعمال ڪندو هو. عوامي جلسي جي تقرير ۾ عوامي الفاظ

۽ اصطلاحات استعمال ڪندو هو تہ جيئن سندس تقرير عوام کي آسانيءَ سان سمجھ ۾ اچي. اگر ڪنھن سندس تقرير ۾ ڪو علمي نقطو اچي ويندو هو تہ يا ڪا علمي ڳالھ نڪرندي هئي تہ ان کي بہ آسان لفظن سان سمجھائيندو هو تہ جيئن سندس ڳالھ آساني سان سمجھي وڃي ۽ سندس تقرير جو مقصد حاصل ٿي وڃي. ان سلسلي ۾ پاڻ خوشي خوشي جلسن ۾ شريڪ ٿيندو هو ۽ ڪيس بيان ڪرڻ لاءِ دعوت ڏيڻ بہ ڪافي آسان رهندي هئي. پاڻ فجر جي نماز ڪان بعد درس قرآن بہ ڏيندو هو تہ جيئن عوام قرآن مجيد جي حڪمن ڪان بہ واقف ٿئي. رمضان ۾ تراويحن دوران هر چار رڪعتن ڪان بعد انھن چئن رڪعتن ۾ پڙهيل قرآن مجيد جي مختصر پر جامع تفسير ۽ ترجمو ٻڌائيندو هو. جنھن ڪري سندس اقتدیٰ ۾ تراويحن جي جماعت تمام عاليشان ٿيندي هئي. ماڻھو شوق سان سندس پنيان تراويحن ۾ شامل ٿيندا هئا. مطلب تہ پاڻ تقرير جي ميدان ۾ بہ نمايان رهيو. هن ميدان ۾ بہ سندس خدمتون قابل تعريف رهيون.

ڪريميہ لائبريري

مفتي صاحب کي ڪتابن جو تمام گھڻو شوق هوندو هو. پاڻ هر سفر ۾ ڪتابن جا ڪارٽون ساڻ آڻيندو هو تہ وري پوسٽ ذريعي بہ گھرائيندو هو. سندس ڪتابي چاھ بہ مثالي رهيو. سندس لائبريري بہ ڏسڻ وٽان آهي. پاڻ ڪتاب هر قيمت تي خريد ڪرڻ ۽ حاصل ڪرڻ چاهيندو هو. پاڻ لاهور، ڪوئٽہ، پشاور، ڪراچي، حيدرآباد ۽ ٻين شھرن منجھان ڪتاب باقائده گھرائيندو رهيو. ڪتابن سان سندس چاھ سندس تدريسي خدمت جي چاھ جيترو هو. پاڻ ڪتاب ۽ تدريس کي پنھنجي جيون جي سفلتا ۽ منزل سمجھندو هو. تدريس ۾ دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي سمجھندو هو تہ وري ڪتابن کي پنھنجي ڪمائي ۽ ڪاميابي ۾ مددگار ۽ معاون سمجھندو هو. سندس لائبريري " ڪريميہ لائبريري" ۾ قلمي ڪتابن جو بہ هڪ سنو ذخيرو موجود آهي.12 پاڻ جڏهن ڪو

ڪتاب خريد ڪري ايندو هو يا گهرائيندو هو ته بلڪل ننڍڙي ٻار وانگر جڏهن ڪنهن ٻار کي ڪو نئون رانديڪو ملندو آهي ته هو خوشيءَ ۾ نه ماپندو آهي ۽ خوشي خوشي ٻين ٻارن کي اهو رانديڪو ڏيکاريندو آهي. مفتي صاحب جي به اها ئي عادت هوندي هئي ته هر ملڻ لاءِ اچڻ واري يا دوستن ۽ شاگردن کي اهو ڪتاب ڏاڍي پيار ۽ پاٻوهه سان ڏيکاريندو هو. ايئن محسوس ٿيندو هو گويا ڪتاب جي صورت ۾ ڪيس ڪا وڏي دولت نصيب ٿي هجي. پاڻ ملاقات لاءِ ايندڙ هر عالم سڳوري کان سندس وٽ موجود ڪتابن جي باري ۾ به سوال ڪندو هو ته توهان وٽ ڪيترا ڪتاب آهن؟ وري پاڻ جڏهن ڪنهن عالم سڳوري وٽ ملاقات لاءِ ويندو هو ته سندس وٽ موجود ڪتاب ضرور ڏسندو هو. اگر ڪنهن وٽ ڪتابن جو ڪافي تعداد هوندو هو ته اهو ڏسي فرمائيندو هو ته سائين دل خوش ڪري ڇڏيوَ. ڏاڍي خوشي ٿي توهان جا ڪتاب ڏسي ڪري. ڪنهن ماڻهو ڪائنس اهو سوال ڪيو ته سائين توهان وٽ پڙهڻ جو ايترو وقت ڪاٿي هوندو آهي؟ توهان ته هر وقت پڙهائڻ، مهمانن جي خدمت ۽ عوام جي رهنمائي ۾ مصروف رهندا آهيو. توهان وٽ مطالعي جو ايترو وقت نه آهي ته پوءِ ايترا گهڻا ڪتاب ڇو ٿا وٺو؟ پاڻ ان سوال جي جواب ۾ فرمائڻ لڳو ته ادا ٿورو گهڻو وقت مطالعي لاءِ ملي وڃي ٿو. ان کان علاوه مون بزرگن جو اهو فرمان ٻڌو ۽ پڙهيو آهي ته ”جيڪو ماڻهو ڪتاب گهڻا وٺندو ته الله تعاليٰ هن جي اولاد کي نيڪ صالح بڻائيندو ۽ علم جي دولت سان مالامال ڪندو.“ ته مان به انهيءَ نيت سان وٺندو آهيان ۽ هي ڪتاب به سنو صدقه جاريه آهن. ان ڪري پنهنجي لاءِ صدقه جاريه ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان.

مفتي صاحب کي ڪتاب جمع ڪرڻ جو تمام گهڻو شوق هوندو هو. سندس ڪتابي ذوق ۽ شوق به ڏسڻ وٽان هو. اڪثر ڪري پاڻ هر سفر ۽ هر پروگرام تان موٽندي ڪتابن جا ڀنڊار گڏ ڪٽي موٽندو هو. هر هڪ مهمان ۽ شاگرد کي چاهه منجهان آندل ڪتاب پيو ڏيکاريندو هو. اگر

ڪنھن وٽ مھمان ٿي ويندو ھو تہ جيسيتائين ان وٽ موجود ڪتاب نہ ڏسندو ھو تيسيتائين ڪيس سڪون نہ ملندو ھو. اگر سندس وٽ ڪتابن جو سٺو ذخيرو نظر ايندو ھئس تہ ڪيس مبارڪ ڏئي دعائن سان نوازيندو ھو ۽ تمام گھڻي خوشي ۽ مسرت جو اظھار ڪندو ھو ۽ اگر ڪتاب گھٽ نظر ايندا ھئس تہ ڪيس ڪتاب جمع ڪرڻ جي ترغيب ڏيندو ھو. مفتي صاحب ڪتابن جو ديوانو ھوندو ھو. قلمي ڪتابن جي محبت ۾ ديوانگي جي حد تائين ھوندي ھئس. اگر ڪيس ڪو قلمي نسخو ملندو ھو تہ ايئن محسوس ٿيندو ھو گويا ڪيس ھفت اقليم جي بادشاھي ملي ھجي. اڪثر ڪري قلمي ڪتاب ۽ قيمتي ڪتابن جي فوٽو ڪاپي ڪرائي پاڻ وٽ محفوظ ڪندو ھو. ان شوق ۽ عشق سبب سندس وٽ ڪتابن جو ھڪ وڏو ذخيرو جمع ٿي ويو. سندس لائبريري "ڪريميہ لائبريري" ۾ ڏسڻ وٽان آھي. سندس لائبريري ۾ موجود ڪتاب ڏاڍا قيمتي ۽ اھميت جوڳا آھن. سندس لائبريري ۾ سنڌي، عربي، اردو، فارسي ۽ انگريزي ڪتابن جو ھڪ سٺو ذخيرو موجود آھي. ان ذخيري ۾ اوائلي دؤر جا ڪتاب جيڪي تقسيم ھند کان اڳ جا ڇپيل آھن جيڪي بيروت، مصر، حيدرآباد دکن، مدينہ منوره، مڪي شريف، دمشق، استنبول، ايران، افغانستان، لاھور، ملتان، ڪوئٽہ، ڪراچي، حيدرآباد، لاڙڪاڻو ۽ بھاول پور وغيره جي مختلف پريسن منجھان ڇپيا موجود آھن. سندس لائبريري بابت ڊاڪٽر عبدالرسول قادري صاحب پنھنجي ڪتاب "سنڌ جا ڪتب خانا" ۾ تفصيل سان ذڪر ڪيو آھي.

حوالا

---

١. ماهوار صِراط الهدیٰ ، ص ٣٩، جنوري ٢٠٠٨، محرم الحرام ١٤٢٩ھ، سلسلو نمبر ٤٥

٢. ماهوار صِراط الهدیٰ ، ص ١٢، جنوري ٢٠٠٩، محرم الحرام ١٤٣٠ھ، جلد نمبر ٣، شمارو نمبر٨

٣. i. لغاري، عبدالجبار عابد، ڊاڪٽر، سنڌ جا عالم، اديب ۽ شاعر، ص ١٣٢، شاهه ولي الله اڪيڊمي، حيدرآباد ٢٠٠٨

ii. مهراڻ، شاعر نمبر، ڇاپو پيو، ص ٢٦٢، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٩٠.

iii . مهراڻ، سوانح نمبر، حصو پهريون، ڇاپو پيو، ص ١٩٢، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٩٠.

iv. ٽالپر، محمد جمن، سنڌ جا اسلامي درسگاهه، ڇاپو پيو، ص٣٧٥، حيدرآباد، سنڌي ساهت گهر٢٠٠٧.

٤. سولنگي، محمد عرس اظهر، دادو ضلعو هڪ اڀياس، ص ١١٣، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ٢٠١٣.

٥. مگسي، ڪريم بخش، مفتي، ميهڙ جون ديني درسگاهون، ص ٨٦،ڪراچي، عربيه پبليڪيشنس٢٠١٥.

٦. قادري،عبدالرسول،ڊاڪٽر،قرب ڪريمي، ص ٧٥، ميهڙ،مدرسه عربيه اڪبريه دارالقرآن جامع مسجد سيد علي اڪبر شاهه ٢٠١٨.

٧. ڏيرو، حبيب الله، مولانا، پلا پونءِ نه وسرن، ص ٩٦، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز ٢٠١٩

٨. ماهوار صرط الهدیٰ، ص ٢٣، سلسلو نمبر٣٣، خصوصي نمبر، ذي الحج ١٤٢٧، ڊسمبر ٢٠٠٦

٩. i. روزاني شام حيدرآباد، جلد5، شمارو١٨٣، خميس ٤ مارچ ٢٠٠٤ ، ١٢ محرم الحرام ١٤٢٥

ii. روزانه عوامي فورم ڪراچي، جلد 1، شمارو ١١٣، جمع ٥ مارچ ٢٠٠٤ ، ١٣ محرم الحرام ١٤٢٥

iii. روزاني پاڪ ڪراچي، جلد ٧، شمارو ١٧٢ ، جمعو ٥ مارچ ٢٠٠٤ ، ١٣محرم الحرام ١٤٢٥

iv. روزانه سنڌو حيدرآباد، جلد ١٦، شمارو ٢٢٠، جمع ٥ مارچ ٢٠٠٤، ١٣ محرم الحرام ١٤٢٥

v. روزنامہ نوائے وقت کراچی، جلد ٢٥، شماره ١٣٤، بدھ، ١٧ محرم الحرام ١٤٢٥ھ، ٩ مارچ ٢٠٠٤

vi. روزنامہ امت کراچی، جلد ٨، شماره ١٩٩، اتوار ١٥ محرم الحرام ١٤٢٥ھ، ٧ مارچ ٢٠٠٤

vii . روزنامہ جرات کراچی،اتوار١٥ محرم الحرام١٤٢٥ھ،٧مارچ٢٠٠٤

١٠. مگسي، ڪريم بخش، مفتي، ڪشڪول ڪريمي، قلمي ص ٢٢٤

١١. ماهوار صِراط الهدیٰ ، ص ١٥، ڊسمبر ٢٠٠٧، ذي القعد، ذي الحج ١٤٢٨ھ، سلسلو نمبر ٤٤

١٢. قادري، عبدالرسول، ڊاڪٽر، سنڌ جا ڪتب خانه، ص ٥٩٥، مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور، ٢٠٠٨

حضرت مفتي ڪريم بخش مگسيؒ جا استاد ۽ مرشد

استاد

مفتي ڪريم بخش صاحب درس نظامي مڪمل مولانا عبدالڪريم مگسي صاحب جن وٽ پڙھيو. ان عرصي دوران سائين ڪجھ ڪتاب يا مختلف ڪتابن جا ڪجھ سبق ٻين استادن وٽ بہ پڙھيو.

مفتي صاحب جا استاد ٻن قسمن جا آھن. ھڪ اھي جن وٽ پاڻ ان دؤر ۾ مروج سنڌي تعليم پڙھي. انھن ۾

١.	استاد علي بخش ڪوسو صاحب	سنڌي ٻنڙاءِ ميھڙ
٢.	استاد رسول بخش ٻگھيو صاحب	ٻورڙي شريف
٣.	استاد عنايت الله قريشي صاحب	ٻوبڪ، سيوھڻ
۴.	استاد محمد صالح پٽي صاحب	گاجي ڪھاوڙ
۵.	استاد خير محمد ميمڻ صاحب	ڳوٺ پوترا (نزد سيوھڻ)
٦.	استاد عبدالمجيد مگسي صاحب	سوپو خان مگسي
٧.	استاد علي مراد قريشي صاحب	ٻوبڪ، سيوھڻ
٨.	استاد محمد قاسم دايو صاحب	پاٽ شريف، دادو
٩.	استاد عبدالنبي چنو صاحب	فيروزشاھ، ميھڙ
١٠.	استاد شمس الدين ملاح صاحب	

شامل آھن. ٻيا اھي استاد آھن جن وٽ پاڻ درس نظامي پڙھي.

پاڻ جن بزرگ عالمن سڳورن کان علم حاصل ڪيائين انھن ۾

١. سندس والد محترم مولانا غلام مصطفیٰ مگسي
٢. مولانا غلام رسول مري
٣. مولانا محمد عرف ماھي فقير مري
۴. مولانا خان محمد آڳرو
۵. مولانا سيد امير محمد شاھ
٦. مولانا عبدالڪريم مگسي صاحب جن سرفھرست آھن. انھن جو مختصر احوال ڪجھ ھن ريت آھي.

١. مولانا غلام مصطفىٰ مگسي

هي بزرگ مفتي صاحب جو والد محترم هو. سندس نالو علي مردان هو. پاڻ خليفو مولوي غلام مصطفىٰ مگسي جي نالي سان مشهور هو. پاڻ سنڌي شاهه پنجي جي اسڪول مان پڙهيو. ان سان گڏ قرآن مجيد مولانا احمدي آڳري صاحب جن وٽ آڳرن جي مدرسي ۾ پڙهيو. فارسي ۾ سندس استاد مولانا غلام نبي آڳرو رهيو. عربي جا ابتدائي ڪتاب مولانا محمد اسماعيل سومرو صاحب جن وٽ مدرسہ دارالفيوض سوڀو خان مگسي ۾ پڙهيا. مولانا محمد اسماعيل صاحب جن جي وفات 1918ع ۾ ٿي. سندن وفات ڪان بعد مولانا عبدالڪريم مگسي صاحب جن ڪي پيروزشاهه جي مدرسي مان آڻي پنهنجي ڳوٺ جي مدرسي ۾ مدرِس مقرر ڪيو ۽ پنهنجا عربي جا رهيل ڪتاب وٽن پڙهي پورا ڪيا.

پاڻ ٻہ شاديون ڪيائين. پهرين شادي ڳوٺ جي زميندار ۽ پنهنجي عزيز جناب سوڀو خان جي نياڻيءَ سان ڪيائين. جنهن منجهان ڪيس هڪ پٽ غلام محمد ۽ ٻہ نياڻيون پيدا ٿيون. اهي ٽئي ٻار ننڍي ڄمار ۾ ئي وفات ڪري ويا. ٻي شادي انب مگسي جي ڳوٺ مان رحيم داد مگسي جي نياڻي سان ڪيائين. هن گهرواريءَ منجهان ڪيس ٻن پٽن جو اولاد ٿيو.هڪ ڪريم بخش ۽ ٻيو تاج محمد پيدا ٿيا. ڪريم بخش علم جي افق تي هڪ روشن ستارو ٿي چمڪيو. ميهڙ ۾ استاد الڪل جي لقب سان مشهوري ماڻيائين. تاج محمد عالم تہ نہ بڻجي سگهيو پر پوءِ بہ ديني علم سان ڪجھ آراستہ رهيو. ڏاڍو نيڪ دل ۽ زماني گشت انسان هو. مولانا غلام مصطفىٰ صاحب پنهنجي ڳوٺ ۾ عالم باعمل ۽ سماجي ڪمن ۾ اڳرو رهيو. سڄو ڳوٺ ۽ تر سندس دل سان عزت ڪندو هو. پاڻ خلق جي خدمت ڪندي 20 رمضان المبارڪ 1353هہ الموافق 1935ع ۾ هن دار فاني مان رخصت ٿي دار البقا جي طرف راهي ٿيو.

٢. **مولانا غلام رسول مري ۽**

٣. **مولانا محمد عرف ماهي فقير مري**

هي مولانا بئي پاڻ ۾ ڀائر هئا. سندن اصل ڳوٺ حاجي خان مري، منياٽي جي آسپاس هو. ٻنهي کي ديني علم حاصل ڪرڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. پاڻ انهيءَ سلسلي ۾ مدرسه دارالفيوض سوڀو خان مگسي ۾ مولانا عبدالڪريم مگسي صاحب جن وٽ پڙهڻ آيا. اتي سندن علم حاصل ڪرڻ جو شوق ۽ جذبو ڏسي مولانا صاحب سندن تمام گهڻو خيال ڪندو هو. هي ٻئي ڀائر ٻه مولانا صاحب جن جي خدمت دل وجان سان ڪندا هئا. پاڻ پوري تعليم اتي ئي مولانا صاحب جن کان حاصل ڪري مولانا صاحب جن جي شفقت ۽ محبت ڏسي تدريسي خدمت ۾ لڳي ويا. پاڻ پنهنجي اڌ زندگي انهيءَ مدرسي ۾ گذاريائون. 1960ع کان بعد هي ٻئي ڀائر ان مدرسي کي ڇڏي دادو شهر ۾ پيش امام ٿي رهيا. ٻنهي بزرگن مدرسه دارالفيوض ۾ پڙهڻ واري دؤر ۾ مفتي ڪريم بخش صاحب کي به پڙهايو. جنهن ڪري سندن مفتي صاحب جن سان به ڏاڍي محبت هوندي هئي. مفتي صاحب جي ميهڙ اچڻ کان بعد پاڻ جڏهن دادو ۾ پيش امام ٿي رهيا ته به وقتاً فوقتاً مفتي صاحب سان ملاقات ڪرڻ ۽ پنهنجي مدرسي جون يادون تازه ڪرڻ خاطر ميهڙ ۾ ايندا هئا.

٤. **مولانا خان محمد آڳرو**

هي بزرگ تعلقي ميهڙ جي مشهور علمي شخصيتن جي جنم ڀومي ڳوٺ فيض محمد آڳرو ۾ پيدا ٿيا. پاڻ قرآن مجيد پنهنجي والد محترم وٽ پڙهيا. پاڻ بهترين عالم فاضل ٿيا. سندن استادن ۾ مولانا غلام نبي آڳرو، مولانا محمد ڪامل نابين سنهڙي وارا، مولانا محمد صالح گاجي کهاوڙ وارا، مولانا محمد پاٽ شريف وارا، مولانا اميد علي چنو جيڪب آبادي ۽ مولانا مير محمد نورنگي جن رهيا. پاڻ نهايت خنده پيشاني وارا بزرگ ۽ عمده اخلاق وارا انسان هئا. تحصيل علم کان بعد

پنهنجي ڳوٺ، وڳڻ، پيروزشاهہ گنهڙ، لالورائنڪ ۽ ڪافي عرصو پاٽ شريف ۾ پڙهايائون. پاڻ معقولات جا ماهر هئا. صاحب فتوىٰ هئا. ماٺهو سنڌن علم ۽ اخلاق جا گرويده هوندا هئا. مولانا صاحب پنهنجي زندگي قال الله و قال رسول ﷺ جون صدائون بلند ڪندي سن 1388ھ الموافق 1968ع تي پوري ڪئي.

٥. مولانا سيد امير محمد شاهہ

هي بزرگ بحر عالم، صاحب فيض، صاحب نسبت ۽ مصلح هئا. سنڌن والد جو نالو سيد سوڌل شاهہ هو. پاڻ تعلقي دادو جي ڳوٺ اميناٽي شريف ۾ سن 1893ع ۾ پيدا ٿيا. پاڻ ان وقت جي مروج درس نظامي جا ڪتاب پڙهي اميناٽي شريف ۾ دستار فضيلت ٻڌي. سنڌن استادن ۾ آخوند ميان الهندو تنيو، مولانا محمد عارف پنهيار، مولانا عبدالواحد جلباڻي، مولانا محمد هاشم انصاري جن رهيا. علم جي تحصيل ڪان بعد اميناٽي شريف ۾ ”مدرسہ عين العلوم“ قائم ڪري تدريس جي خدمت ۾ لڳي ويا. سنڌن هن مدرسي کي ڪافي شهرت ملي. هن مدرسي منجهان هزارن جي تعداد ۾ عالم فاضل پڙهي نڪتا. شاهہ صاحب جن چشموي بزرگن جي سلسلي جي هڪ ڪڙي خليفو خادم حسين جتوئي جن سان دست بيعت ٿيل هئا. شاهہ صاحب ٽي حج ڪيا. کين پنجن پٽن ۽ ٻن نياڻين جو اولاد ٿيو. علم جو هي آفتاب ستر سالن جي ڄمار ۾ 29 شوال 1379ھ الموافق 26 اپريل 1960ع ۾ دنيا جي افق تان لهي ويو. کين پنهنجي مدرسي جي مسجد جي پر ۾ دفن ڪيو ويو.

٦. مولانا عبدالڪريم مگسي

ميهڙ جي مٽي ڏاڍي زرخيز رهي آهي. هن مٽيءَ منجهان وڏين وڏين شخصيتن جنم ورتو آهي. عالمن جي هن سر زمين تي ديني علوم جون ٻہ وڏيون درسگاهون پنهنجو فيض پهچائي رهيون هيون. انهن ۾ هڪ رهڙو شريف واري درسگاهہ ۽ ٻي پيروز شاهہ واري درسگاهہ. هنن درسگاهن جو فيض ايترو تہ پکڙيو جو سنڌ اندر موجود هر اهل علم

عالم جو سڌو يا بلواسطہ تعلق هنن درسگاهن منجهان ڪنهن هڪ سان ضرور هوندو. پيروز شاھ ڪي فيروز شاھ بہ چوندا آهن. هن ديني درسگاھ بہ پنهنجي وقت جا وڏا وڏا جيد عالم سڳورا پيدا ڪيا آهن. انهن ۾ مولانا عطاء اللهؒ مولانا عبدالرحمٰنؒ مولانا عبدالرحمٰنؒ مولانا گلاب الدين ۽ مولانا دين محمد ”اديب“ جا نالا قابل ذڪر آهن. هنن بزرگن جي سڄاڻپ پيروزشاهي يا فيروزشاهي جي نسبت ڳنڍجڻ سان ٿي آهي. هن درسگاھ جا شاگرد تمام گهڻا رهيا آهن. انهن منجهان مولانا عبدالڪريم بن غلام حسين مگسي صاحب جن بہ آهن. مولانا صاحب استاد وڏي جي لقب سان گهڻا مشهور ٿيا. سندن جنم 12 ربيع الاول 1302ھ الموافق 29 ڊسمبر 1884ع بروز سومر تي ڳوٺ پيروز شاھ ۾ ٿيو.1 پان فارسي، علم صرف ۽ علم نحو ”مدرسہ جامع العلوم“ پيروزشاھ ۾ استاد مولانا گلاب الدين چنو صاحب جن ڪان ورتائون. ان کان پوءِ مدرسہ ٽي تلاء حيدرآباد ۾ مولانا عبداللطيف جن وٽ سال ڪن پڙهيا. اتان موڪلائي ”مدرسہ ٿوڙي پوٺہ“ نزد دادو ۾ مولانا محمد صالح سيالن واري وٽ حاضر ٿيا. اتي بہ ڇهہ مهينا پڙهيا. اتي سيد امير محمد شاھ صاحب اميناڻي شريف وارا بہ سندن هم سبق هئا. ان ڪان بعد ميهڙ جي مشهور عالم ۽ مسلّم ولي الله مولانا الٰهي بخش ايري صاحب جن وٽ ڳوٺ ٻانهو لاڪير نزد منگواڻي ميهڙ پڙهڻ لاءِ حاضر ٿيا. اتي سنڌ جي مشهور شخصيت مولانا دين محمد اديب فيروزشاهي صاحب جن سندن هم سبق رهيا. ان ڪان بعد ”مدرسہ دارالفيوض“ ڳوٺ سوڀو خان مگسي ۾ مولانا محمد اسماعيل مگسي صاحب جن وٽ پڙهڻ ويا. آخر ۾ پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ ”مدرسہ جامع العلوم“ فيروزشاھ ۾ مولانا عبدالرحمٰن چنو صاحب جن وٽ رهيل ڪتاب مڪمل ڪري فارغ التحصيل ٿي دستار فضيلت ٻڌائون.2 تحصيل علم جي فراغت ڪان بعد اتي ئي فيروز شاھ ۾ هڪ سال تائين پنهنجي استاد جي زير نگراني تدريس جي خدمت تي مامور رهيا. اتي فارسي ۽ عربي جي تعليم ڏيندا

رهيا. ان کان بعد ”مدرسہ راشديہ“ ٹُلاھ شريف نزد باقراڻي لاڙڪاڻي ضلعي ۾ ٻن سالن تائين تدريس ڪيائون. اتي ان وقت مولانا دين محمد ”وفائي“ ۽ مولانا عبدالحڪيم شاعر جن بہ استاد مقرر هئا. اتي ان وقت سنڌ جا مشهور عالم ۽ گادي نشين بزرگ مولانا محمد قاسم مشوري بہ زير تعليم هئا. مولانا غلام مصطفیٰ مگسي صاحب جن جي اصرار تي 1919ع ۾ ”مدرسہ دارالفيوض“ سوڀو خان مگسي ۾ تدريس ڪرڻ لڳا. فيروزشاھ منجهان هجرت ڪري هميشہ لاءِ ڳوٺ سوڀو خان مگسي ۾ گهر اڏي ويٺا ۽ پنهنجي پوري زندگي هن مدرسي جي نالي ڪري تدريس جي خدمت ڪندا رهيا.

پاڻ تصوف جي سلسلي ۾ ٽن بزرگن سان وابستہ رهيا. ميان داد محمد ولد ميان غلام حيدر ڪٽپار سان قادري سلسلي ۾ وابسطہ هئا. نقشبندي سلسلي ۾ خواجہ محمد عمر جان چشموي ڪوئٽہ وارن سان وابسطہ رهيا ۽ چشتي سلسلي ۾ هندستان جي ڪنهن بزرگ سان غائبانہ خط و ڪتابت ذريعي واسطو قائم ڪيائون.

پاڻ هڪ شادي ڪيائون جنهن منجهان کين ٽي نياڻيون ۽ چار پٽن جو اولاد ٿيو. 1. مولانا عبدالباقي، 2. نورنبي، 3. غلام حسين، 4. عبدالباري. پاڻ سڄي زندگي تدريس سان وابستہ رهيا ۽ وقت جي مسئلن تي فتویٰ نويسي ۾ بہ ماهر هئا. سندن تحريرون ڪورٽن ۾ بہ قابل قبول هونديون هيون. پاڻ تصنيف جي سلسلي ۾ بہ خدمت ڪندا رهيا. جنهن ۾ فتویٰ ڪريمي، ڪتاب النحو، هٿن پيرن چمڻ جو مسئلو، شرح قصيده غوثيہ. سندن زندگي جو سارو عرصو ڪامل استاد جي حيثيت ۾ فارسي ۽ عربي پڙهائيندي گذريو. جنهن ڪري سنڌ ۽ بلوچستان ۾ سندن شاگردن جو هڪ وسيع حلقو آهي. پاڻ اڌ صديءَ کان وڌيڪ عرصو مدرسہ دارالفيوض سوڀو خان مگسي ۾ تدريس جي خدمت ڪندا رهيا. سندن وفات 2 صفر 1392ھ الموافق 18 مارچ 1972ع ۾ ٿي.3 کين ان مدرسي جي احاطي ۾ دفن ڪيو ويو.

مرشد

مفتي صاحب جو پڙڏاڏو حيات فقير مگسي ڪلهوڙن جي شيخ دلاور ٿيٿئي جو سهروردي سلسلي ۾ دست بيعت مريد هو. مفتي صاحب جو والد صاحب پاٽ شريف جي بزرگ محمود پاٽائي نقشبندي (ت 1932) جو مريد هو. پير عبدالغفار المعروف مٺا سائين جڏهن پنجاب منجهان اچي سنڌ ۾ لاڙڪاڻي ضلعي ۾ عاشق آباد ۾ آستانو ٺاهيو ته سندس فيض ۽ برڪت ڏسي ماڻهو سندس مريد ٿيڻ لڳا. مولانا يار محمد جويو (ت1989) پير صاحب وٽ حاضر ٿي مريد ٿيو. پير صاحب جي پنهنجي ڳوٺ قائم شاهه آڳرو ۾ دعوت ڪيائين. پير صاحب سندس دعوت تي هلي آيو.4 اتي مولانا عبدالڪريم مگسي صاحب پير صاحب سان ملڻ ويو. اتي مولانا صاحب مفتي صاحب کي چيو ته توهان پير صاحب جا دست بيعت ٿيو. استاد جي حڪم موجب ان وقت چار ڄڻن مفتي ڪريم بخش مگسي، محمد سليمان مهيسر پيري مهيسر وارو، حاجي شفيع محمد سومرو ۽ جمعو مگسي دڪاندار مگسين وارو مريد ٿيا. ڪجهه وقت کان بعد مفتي صاحب جي زباني ته کيس شريعت جي حوالي سان کي خدشا رهندا ئي آيا ۽ ان ڳالهه جو ذڪر پنهنجي استاد مولانا عبدالڪريم صاحب سان ڪيائين. جنهن کيس خواجه عبدالحي چشموي صاحب سان نقشبندي سلسلي ۾ مريد ٿيڻ جي صلاح ڏني. مفتي صاحب چشموي بزرگ جو مريد ٿيو. کيس خلافت به ملي5 پر هن درس و تدريس جي ڪري پيري مريدي ڏانهن توجه گهٽ ڏنو. مفتي صاحب جڏهن حج تي حرمين شريفين ويو ته اتي قادري سلسلي ۾ پير عبدالغفور مدني جو دست بيعت مريد ٿيو ۽ کيس ان کان به خلافت ملي.6

مولانا عبدالغفار المعروف پير مٺا سائين

مولانا عبدالغفار عرف پير مٺا سائين ملتان شريف جي ضلعي جلال پور پير والا جي ويجهو لنگر شريف نالي ننڍڙي ڳوٺ ۾ مولانا

يار محمد صاحب جي گھر ۾ جنم ورتو. سندس تعلق چنڙ قوم سان هو. سندس شجرو ڪجھ هن ريت آهي. عبدالغفار بن يار محمد بن مير محمد بن عبدالرحمٰن بن خليل احمد بن خان محمد بن محمد پناھ بن محمد بن غلام رسول بن احمد علي بن غلام رسول بن نور محمد بن محمد اسحاق بن زڪريا بن محمد اويس.

پاڻ پنهنجي شروعاتي ديني تعليم پنهنجي والد محترم ۽ پنهنجن وڏن ڀائرن مولانا امام الدين ۽ مولانا محمد اشرف صاحب جن کان حاصل ڪيائين. ان کان بعد عربي ۽ فارسي جي وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ حضرت شاھ ولي الله جي خليفي مولانا محمد عاقل صاحب جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. ان کان بعد مولانا قاري مطيع الله صاحب جن جي خدمت ۾ رهي تعليم حاصل ڪندو رهيو. مولانا عبدالغفار صاحب جو والد صاحب تمام گھڻو سخي قسم جو انسان هو. سندن ڳوٺ درياء جي ڪناري تي هوندو هو. انهن جي ڳوٺ جي ڀرسان حضرت غوث بهاؤالحق ملتاني جي عرس مبارڪ ۾ شرڪت لاءِ ويندڙ ماڻهن جو گذر ٿيندو هو. انهن سيني کي ماني کارائيندو هو.

تحصيل علم فراغت کان بعد تصوف و سلوڪ جي طرف توجہ ڏنائين. سندس وڏا قادري طريقي ۾ جلال پور جي بزرگ حافظ فتح محمد جا مريد هئا. جنهن ڪري پاڻ بہ بچپن ۾ ئي سندس مريد بڻيو. سندس جي وصال کان بعد نقشبندي سلسلي ۾ پير فضل علي نقشبندي (ت 1935) کان فيض وٺڻ شروع ڪيائين. اسباق پوري ٿيڻ تي کيس خلافت ملي ۽ مريد ڪرڻ جي بہ اجازت عنايت ٿي. پاڻ پنهنجي ذڪر و اذڪار جي پابندي ڪرڻ سان گڏ عاشق آباد درگاھ قائم ڪري تصوف جي ميدان ۾ خدمت ڪرڻ شروع ڪيائين ۽ ماڻهن کي ذڪر و اذڪار ۽ ورد وظيفا ڏيڻ لڳو. تبليغ ۽ اصلاح جي سلسلي ۾ هند توڙي سنڌ جو سفر ڪيائين. پاڻ پنجاب، بلوچستان ۽ سنڌ جي مختلف ڳوٺن ۽ شهرن ۾ رهي خدمت ڪندو رهيو. بالآخر رحمت پور لاڙڪاڻي ۾ مستقل رهائش

اختيار ڪيائين. اتي درگاهه غفاري جو بنياد رکيائين ۽ ديني دعوت جو ڪم ڏاڍي شوق ۽ ولولي سان شروع ڪيائين ۽ فيض ڏنائين. سندس فيض تمام گهڻو عام و جام ٿيو. هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو سندس مريد ٿيڻ لڳا. سندس فيض وارن خليفن جو تعداد هڪ سؤ چاليهه ٻڌايو وڃي ٿو.7 پاڻ اهل دل بزرگ هئڻ سان گڏ اهل تصنيف بزرگ به هو. پاڻ تصنيف جي سلسلي ۾ به ڪافي خدمت ڪيائين. سندس تصنيفات ۾ داستان عشق، منقبت شريف، رساله ورد القادري، بيان فضيله، رساله الفقه، رساله انتخاب احاديث، ڪتاب مجمع الفوائد، ۽ ملفوظات شريف شامل آهن.

پاڻ خدمت خلق ۾مصروف زندگي بسر ڪري 8 شعبان 1384هه مطابق 12 ڊسمبر 1964ع تي وفات ڪيائين. ڪيس سندس درگاهه رحمت پور لاڙڪاڻي ۾ دفن ڪيو ويو. 8

خواجه عبدالحي جان چشموي

خواجه عبدالحي جان چشمه شريف ڪوئٽه جي ولي الله خاندان جي فرد خواجه محمد عمر جان چشموي (1871_1941) جو وڏو فرزند ، وڏو خليفو ۽ سجاده نشين هو. پاڻ عالم باعمل، عقلي ۽ نقلي علمن جو ماهر ۽ عمده اخلاق جو مالڪ هو. پاڻ اسرار رباني کان واقف شخصيت ۽ صاحب ڪشف و ڪرامت بزرگ هو. اخلاق ۽ اعمال ۾ پنهنجي والد محترم جي هوبهو نقل هو. الولد سر لابيه. ترجمو: پٽ پيءُ جو راز هوندو آهي. ڪيس پنهنجي والد صاحب طرفان خلافت مليل هئي. ڪيس پنهنجي شيخ جي ڪامل صحبت به نصيب ٿي. شيخ جي گهريلو زندگي ۽ اعمال سان گڏ گهر کان ٻاهر جي اعمال جي به بخوبي ڄاڻ هئي.

سندس پيدائش جي ڳالهه سندس والد صاحب هن طرح بيان ڪئي . " آءٌ پنهنجي والد صاحب جن جي وصال کان بعد سندن جدائيءَ ۾ ڪافي پريشان رهندو هئس. مون تي مصيبتن جا جبل اچي ڪريا. هر

وقت پريشاني جي صورتحال ۾ وقت گذري رهيو هو. هڪ رات مون خواب ڏٺو تہ بادشاهہ اسان جو مهمان بڻيو آهي. مون کي پريشاني لاحق ٿي تہ بادشاهہ جي مهمان نوازي جو بندوبست ڪيئن ڪيو وڃي؟ ايتري ۾ مون کي سجاڳي ٿي پئي. صبح ٿيندي ئي خواجہ عبدالحي جان جي پيدائش ٿي.ڪيس ڏسڻ سان دل خوشي محسوس ڪئي ۽ ساري پريشاني ختم ٿي وئي."

خواجہ محمد عمر جان صاحب سندس پرورش ڏاڍي پاٻوهہ مان ڪئي. سندس تعليم ۽ تربيت ۾ خاص دلچسپي ورتائين. ساڻس تمام گهڻي دل هوندي هئي. هڪ دفعي ڪيس ساڻ ڪري حج جي سفر تي روانو ٿيو. اتي دربار نبوي ﷺ ۾ حاضر ٿي سندس لاءِ خصوصي دعائون گهريائين. وڏو پٽ هئڻ ڪري خواجہ صاحب ڪيس ذڪر و اذڪار جي اجازت تہ پهريان ئي ڏئي چڪو هو. ان کان علاوه ورد وظائف جي دوران بہ اڪثر ڪيس پاڻ سان گڏ ويهاري سندس تربيت ڪندو رهندو هو. اهڙي طرح مريدن کي اسباق ڏيڻ وقت بہ ساڻس گڏ هوندو هو. خواجہ عبدالحي صاحب تي پنهنجي والد صاحب جي خاص نظر رهندي هئي. والد جي وفات کان بعد پاڻ ڏاڍو غمگين رهڻ لڳو پر پوءِ بہ پنهنجي ورد وظيفن ۾ گهٽتائي ڪون ڪيائين. ويتر ذڪر و اذڪار ۾ پاڻ کي وڌيڪ مصروف رکڻ لڳو. ڪيس هر وقت آخرت جو فڪر رهندو هو. پاڻ هميشہ هر ڪم سنت رسول ﷺ جي پيروي ۽ الله رب ڪريم جي رضا کي ملحوظ رکڻ جي ڪوشش ڪندو هو. سندس مجلس ۾ ويهڻ سان دل ۾ الله رب ڪريم جي محبت ۽ فڪر آخرت پيدا ٿيندي هئي. جنهن ڪري سندس مجلس مان اٿڻ تي دل نہ چاهيندي هئي. سندس صحبت ۾ ياد الٰهي کان سواءِ ٻي ڪا شيءِ ياد نہ رهندي هئي. پاڻ پنهنجي والد صاحب کان خلافت حاصل ڪري چڪو هو. تصوف و سلوڪ جا سبق ڏيندو رهيو ۽ مريد ڪندو رهيو. ڪافي بزرگن کي خلافت جي خرقي سان نوازيائين. انهن ۾ سندس وڏو فرزند محمد معين الدين جان

(1923_1963) وڏو ۽ پهريون خليفو هو. سندس ٻيو فرزند آغا فخرالدين جان(ت2008) ٻه سندس خليفو بڻيو. خواجہ فخرالدين جان صاحب ٻہ ڏاڍو نيڪ ۽ متقي اهل علم بزرگ رهيو آهي. خواجہ عبدالحي جان صاحب تصنيفي ميدان ۾ ٻہ خدمتون سرانجام ڏئي چڪو آهي. سندس تصنيفات ۾ "مقصد نماز يعني ارشاد المصلين" فارسي زبان ۾، "مقصد تصوف يعني ارشاد السالڪين" فارسي ۾ ۽ عمل اليوم و الليل شامل آهن. تصوف جي ميدان جي هن بزرگ ۽ ولي الله 13 نومبر 1968ع ۾ داعي اجل جي سڏ تي لبيڪ چئي راهہ رباني ورتي. خواجہ صاحب کي ٽي پٽ هئا. خواجہ معين الدين جان، خواجہ فخرالدين جان ۽ خواجہ عبدالقدوس جان چشموي.

پير عبدالغفور قادري مدني

تصوف ۾ قادري سلسلي جو اهم ڪردار رهيو آهي. هن سلسلي جو مشهور بزرگ شيخ سيد عبدالقادر جيلاني (ت 1166) آهي. ان ڪري هن سلسلي کي سندس نالي جي طرف منسوب ڪري قادري رکيو ويو. جيلاني صاحب سفر ڪري سنڌ ۾ روهڙي آيو. ڪيترن ئي ماڻهن کي ڪلمو پڙهائي مسلمان ڪيائين. پاڻ اتي ڪجهہ وقت رهيو. اتي جي ماڻهن غوث الاعظم جي نسبت ڪري روهڙي جو نالو "غوث آباد" رکيو. ان کان پوءِ سندس پوٽو سيد صفي الدين جيلاني قادري (ت 1214) ملتان آيو.9 بزرگ عبدالغفور مدني اصل ۾ صوبي خيبر پختونخواهہ جي علائقي مانسهره جو رهاڪو هو. سندس ڪافي زندگي مديني منوره ۾ گذري. پاڻ قادري طريقي ۾ فيض وندبيندو رهيو. سندس وفات ٻہ مديني ۾ ٿي ۽ جنت البقيع ۾ دفن ٿيو.

حوالا

۱. جوڻيجو، پاويل، دادو ضلعو ڪالهه ۽ اڄ، ص ۲۵۸، حيدرآباد، ايسٽ لائين ڪميونيڪيشن، ڇاپو پهريون ۲۰۰۸.

۲. سومرو، مظهرالدين، ڊاڪٽر، تحريڪ آزاديءَ ۾ سنڌ جي عالمن جو حصو، ص ۳۳۷، ڪراچي،نقش پبليڪيشنز۲۰۰۸.

۳. چاچڙ، عبدالوهاب، مفتي، ماهوار شريعت "سوانح حيات نمبر"، جلد٦، شمارو۱_۴ ، ص ۳۳۷، روهڙي، روهڙي پرنٽنگ پريس، آڪٽوبر _ نومبر ۱۹۸۱

۴. قادري،عبدالرسول،ڊاڪٽر،قرب ڪريمي، ص ۴۳، ميهڙ،مدرسه عربيه اڪبريه دارالقرآن جامع مسجد سيد علي اڪبر شاهه ۲۰۱۸.

۵. هفتيوار سچ جو آواز ميهڙ/ دادو، ص۱۱، باڪ ڦٽي پبليڪيشن ميهڙ خاص ايڊيشن

٦. مگسي، ڪريم بخش، مفتي، فيض الڪريم، ڇاپو ٻيو، ص ۱۴، مدرسه دارالقرآن جامع مسجد ميهڙ ۲۰۱۲

۷. گبول، حبيب الرحمٰن، طاهري، سه ماهي الطاهر، اردو، خاص نمبر سهڻا سائين نمبر، نومبر ۲۰۰۱ ، ص ۳۱ ، عذرا عروج پرنٽنگ پريس، حيدرآباد

۸. گبول، حبيب الرحمٰن، طاهري،سلسليوار الاصلاح دادو، خصوصي شمارو حضرت پير مٺا سائين، شمارو ڇهون، مارچ ۲۰۱٦ ، ص ۳۱ ، اصلاح پبليڪيشن دادو

۹. سنڌي، ڊاڪٽر عبدالمجيد، پاڪستان ۾ صوفيانه تحريڪين، ص ۸۱ ، ۸۲ ، سنگ ميل لاهور ۱۹۹۴

خلاصو

هي مقالو تحقيقي رٿا جي حوالي سان چئن بابن تي مشتمل آهي. جن کي جدا جدا ذيلي عنوان ڏئي مختلف فصلن ۾ ورهايو ويو آهي. مقالي جي شروعات مقدمي سان ڪئي آهي. مقدمي کان بعد موضوع جو مختصر تعارف، موضوع جي اهميت ۽ ضرورت، تحقيق جا مقصد، تحقيق جا فائدا، اڳ ۾ ٿيل ڪم جو جائزو، موضوع منتخب ڪرڻ جو سبب، مفروضو، تحقيق جو طريقي ڪار ۽ تحقيق جا معاشري تي اثر جو ذڪر ڪيو آهي.

باب پهريون

هن باب کي چئن فصلن ۾ ورهايو ويو آهي. پهرين فصل ۾ مفتي صاحب جو خانداني پس منظر پيش ڪيو آهي. ان کان بعد ٻئي فصل ۾ پيدائش ۽ تعليم جو ذڪر ڪيو آهي. ٽئين فصل ۾ مفتي صاحب جي شادي ۽ اولاد جو ذڪر ڪيو آهي. چوٿين فصل ۾ وفات ۽ تدفين بابت وضاحت ڪئي آهي.

باب ٻيو

هن باب ۾ مفتي صاحب جي تصنيفات بابت لکيو آهي. پهرين فصل ۾ ڇپيل تصنيفات ۽ ٻئي فصل ۾ اڻ ڇپيل تصنيفات جي باري ۾ معلومات ڏنل آهي.

باب ٽيون

هي باب مفتي صاحب جي ديني ۽ علمي خدمتن تي لکيل آهي. پهرين فصل ۾ تدريسي خدمتون ۽ شاگردن جو ذڪر آهي. ٻئي فصل ۾ سياسي ۽ سماجي خدمتن ۽ مفتي صاحب جي ڪردار جو ذڪر آهي، ٽيون فصل سندس فتوائن جي باري ۾ آهي ۽ چوٿين فصل ۾ تحرير ۽ تقرير ذريعي عوامي اصلاح ۽ سندس لائبريري جي باري ۾ لکيو ويو آهي.

باب چوٿون

پهرين فصل ۾ مفتي صاحب جي استادن جي باري ۾ ۽ ٻئي فصل ۾ سندس مرشدن جي باري ۾ وضاحت ڪئي وئي آهي.

آخر ۾ تحقيق جو خلاصو، تحقيق مان حاصل ٿيل نتيجا بيان ڪري ڪجھ تجويزون پيش ڪيون آهن.پوءِ جملي ببلوگرافي ڏئي مقالو مڪمل ڪيو ويو آهي.

نتيجا

حضرت مفتي ڪريم بخش مگسي صاحب (1926_2006) جي سوانح حيات تي تحقيق ڪرڻ کان پوءِ هيٺيان نتيجا حاصل ٿيا.

١. **مفتي ڪريم بخش مگسي صاحب 1931ع کان 1945ع تائين طالب علمي جو دؤر گذاريو.**

٢. **مفتي ڪريم بخش مگسي پنهنجي عملي زندگيءَ جا 61 سال بحيثيت مدرس گذاريا. پهريان مدرسه دارالفيوض سوڀو خان مگسي پوءِ خواجه نور مسجد ميهڙ ۽ آخر ۾ مدرسه اڪبريه دارالقرآن جامع مسجد ميهڙ ۾ علمي ادبي خدمتون سرانجام ڏنيون.**

٣. **مفتي ڪريم بخش مگسي 1960ع کان 2006ع تائين مدرسه عربيه اڪبريه دارالقرآن جامع مسجد ميهڙ ۾ بطور مدرس ۽ مهتمم رهيو. دارالقرآن جامع مسجد ميهڙ کي پنهنجي زندگيءَ جا46 سال ارپيائين.**

٤. **مفتي صاحب هڪ ئي وقت ۾ مصنف به هو ته مدرس به هو، مقرر به هو ته مفڪر به هو، عالم به هو ته مفتي به هو، محقق به هو ته مبلغ به هو.**

٥. **هن تحقيق سان مفتي صاحب جي ستن (7) استادن ۽ 249 شاگردن جا نالا معلوم ٿيا.**

٦. **مفتي ڪريم بخش مگسي صاحب ڪل 6 ڪتاب لکيا. انهن منجهان 4 ڇپيل آهن ۽ باقي به ڇپائيءَ جي اوسيئڙي ۾ آهن.**

سندس ڇپيل ڪتاب هي آهن.

١. مسائل ضروري (سنڌي) النصير پرنٽرس ڪراچي

٢. مواعظ ڪريميہ (سنڌي) مدرسہ عربيہ اڪبريہ دارالقرآن جامع مسجد ميهڙ

٣. فيض الڪريم في اصول حديث الرحيم (سنڌي) مدرسہ عربيہ اڪبريہ دارالقرآن جامع مسجد ميهڙ

٤. ميهڙ جو ديني درسگاهون (سنڌي) عربيہ پبليڪيشرز ڪراچي 2015

سندس اڻ ڇپيل ڪتاب هي آهن.

١. ڪشڪول ڪريمي (سنڌي)

٢. تواريخ مصطفائي (سنڌي)

٧. مفتي ڪريم بخش مگسي صاحب بہ شاديون ڪيون. اولاد ۾ 4 پٽ ۽ 6 نياڻيون اٿس. سندس ٻيو نمبر فرزند وڏيڪ مشهور آهي. حافظ احمد ذهين صاحب جيڪو مدرسہ عربيہ اڪبريہ دارالقرآن جامع مسجد ميهڙ جو مهتمم ۽ جامع مسجد اڪبري جو امام ۽ خطيب آهي.

تجويزون

هن تحقيقي مقالي کي سامهون رکندي هي تجويزون ڏجن ٿيون.

١. مفتي ڪريم بخش مگسي صاحب پنهنجي پوري زندگي دين ۽ ديني علم جي خدمت ڪئي. ان ڪري سندس خدمتن تي مشتمل هڪ مضمون درسي ڪتابن ۾ شامل ڪجي.

٢. مفتي صاحب جا ڪتاب تواريخ مصطفائي، ڪشڪول ڪريمي جيڪي ڇپجي نہ سگهيا آهن، انهن کي ثقافت کاتو سنڌ طرفان ڇپرائي پڌرو ڪجي تہ جيئن عوام انهن منجهان فائدو حاصل ڪري سگهي.

٣. مفتي صاحب جي خدمتن کي مدنظر رکندي سندس نالي سان ميهڙ شهر ۾ هڪ لائبريري جوڙائي وڃي تہ عوام علم حاصل ڪندو رهي ۽ مفتي صاحب لاءِ بہ صدقو جاري ٿي پوي.

Executive Summary

Sindh always remained fertile region with religious, Social, Literacy and politically, in this region its residency played heroic role in every field. It is one of the District Dadu produce such as dynamic / heroic personalities. Their lives are the example and proud for new generation. Taluka Mehar District Dadu, also produced such a greatest personalities who serve mankind are never forgettable and this become eternal. The best scholars, Qarees, social workers and leaders, political personalities, brave people and Hafizes of the Holy Quran got birth in Taluka Mehar. Among the list of these Holy Souls Hazrat Mufti Kareem Bux Magsi is one of them. This holy person got education of Persian language and religious. In matters he give valuable remarks to solve religious problems, his character in Sufism is good path for others.

Hazrat Mufti Kareem Bux Magsi was born in 1926 in famous literacy village Sobho Khan Magsi which is located between Shah Panjo Sultan and Makhdoom Syedi Moosani. His father's name was Khalifa Molvi Ghulam Mustafa Magsi who was believed, as saint nature and he had a lot of thrust for knowledge. Hazrat Mufti Kareem Bux Magsi got early education from his native Village in Madarsa Dar-u-l- Fuyooz from Scholar Maulana Abdul Kareem Magsi. He went to Madrasa Aminani Shareef for some time to get further education. In the age of thirteen years, he started teaching the Holy Quran and other little books, There he completed his religious course. After acquired education in Madarsa Aminani Shareef he came back in his native Madarsa "Dar-ul-Fuyooz". According to the instruction of his teacher Maulana Abdul Kareem Magsi he taught religious education under his supervision. During teaching in "Madarsa Dar-u-l-Fuyooz" some new social and Political changes come in to being in the country. There he selected B.D Member (Basic Democracy). After 35 years Mufti Kareem Bux Magsi left his village for further religious services, first he came Khuwaja (Noor) Masjid Madarsa in Mehar" on the request of Sindh famous politician and scholar Hazrat Allama Syed Ali Akbar Shah (R). He came to another Madarsa named "Madarsa Arbia Akbaria Dar ul Quran Jamiah Masjid Mehar".

Although Syed Ali Akbar Shah was very religious man, who assigned "Madarsa Arbia Akbaria Dar ul Quran Jamiah Masjid

Mehar” to Aukaf Department of Sindh. After the custody of Mosque to Aukaf Department he appointed as speaker (Khateeb) & Imam of this mosque, after this he appointed District (Khateeb) he took salary of Khateeb from Aukaf Department but worked in Madarsa without pay. Under his supervision and teaching more than 125 scholars and more than 500 Hafiz of the Holy Quran got religious teaching. First of all he got Education of Sufism Naqshbandi from Hazrat Peer Abdul Ghafar then he got further religious knowledge from Agha Abdul Hayee Jan Chashmavi. At the end he became follower of Hazrat Abdul Ghafoor Madni in Madina Shareef, he also received Khilafat from him. Hazrat Abdul Ghafoor granted permission to produce devotes but he produce a few devotes and give importance to religious education.

Hazrat Molana Kareem Bux Magsi Died on 8th Zulqa’d 1427 A.H according 29th November 2006 C.E.

Result

After the research work on Mufti Kareem Bux Magsi’s biography these following results were gotten.

1. Mufti Kareem Bux Magsi got his religious and academic education from 1931 C.E to 1945 C.E.
2. Mufti Kareem Bux Magsi spent 61 years of his life as a religious teacher. First he gave his educational services at Madarsa Dar-u-l-Fuyooz Sobho Khan Magsi, then at Khuwaja Noor Masjid Mehar and in last at Madrasa Arabia Akbaria Darul Quran Jamiah Masjid Mehar.
3. Mufti Kareem Bux Magsi remained as a teacher and patron chief at Akbaria Darul Quran Jamiah Masjid Mehar from 1960 C.E to 2006 C.E. He served here since 46 years.
4. Mufti Kareem Bux Magsi was a writer and at the same time was also a religious teacher, speaker, sscholar, Aalim, Mufti, researcher and preacher .
5. From this research we got knowledge about his seven teachers and 249 students.
6. Mufti Kareem Bux Magsi wrote six books. Four books are published and other two are not published yet.

His published books are

1. Masail Zaroori (Sindhi) Al Naseer Printers Karachi.
2. Mawaiz Kareemiah (Sindhi) Madrasa Arabia Akbaria Darul Quran Jamiah Masjid Mehar.
3. Faizul Kareem fi Usool Hadis Raheem (Sindhi) Madrasa Arabia Akbaria Darul Quran Jamiah Masjid Mehar.
4. Mehar Joon Deeni Darsgahoon (Sindhi) Arabia Publicatiours Karachi 2015.

Unpublished books

1. Kashkol Kareemi (Sindhi)
2. Tawareekh Mustafai (Sindhi)

7. Mufti Kareem Bux Magsi married twice. He has Four sons and six daughters. His second elder son Hafiz Ahmed Zahin is more famous. He is teacher and patern chief of Madrasa Arabia Akbaria Darul Quran Jamiah Masjid Mehar and imam and speaker of Jamiah Akbaria Mehar.

Suggestions

After this research work these suggestions are given:

1. Mufti Kareem Bux Magsi spent his whole life in serving of Islam and Islamic educations, so a lesson on his services should be added in academic books.
2. Mufti Kareem Bux Magsi's books Kashkol Kareemi and Tawareekh Mustafai are not published yet; these books should be published from Department of Culture Sindh, so that common people may get benefit from them.
3. In view of Mufti Kareem Bux Magsi services, A library should be built in Mehar to his name so that people of city may acquire knowledge and it will also be perpetual charity (Sadqa Jaria) for Mufti Mufti Kareem Bux Magsi.

Chapter Plan

Preface
Introduction of the topic
Need and significance of the Topic
Objectives of the research
Benefits of the research
Literature Review
Reason for the selection of the Topic

Hypothesis
Research Methodology
Impact of Research on Society

Chapter One: The life of Mufti Kareem Bux Magsi

This Chapter is divided in to four subheadings.

1. Family background.
2. Birth and Education
3. Marriage and children
4. Death and burial

Chapter Two: Works of Mufti Kareem Bux Magsi

This Chapter is divided into two subheadings

1. Published Work
2. Manuscript

Chapter Three: Mufti Kareem Bux Magsi's religious and educational services

This chapter is divided into four subheadings

1. Educational Services
2. Political and social services
3. Services by writing and speech
4. Fatawas

Chapter Four: Mufti Kareem Bux Magsi's Teachers and Murshids

This chapter is divided into two subheadings

1. Teachers
2. Murshids

Conclusion, Results and Suggestions

Bibliography

ڪتابيات (Bibliography)

۱. القرآن
۲. برڙو، غلام حيدر، ڊاڪٽر، سنڌ جون چند ذاتيون، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد ١٩٨١
۳. ٽالپر، محمد جمن، سنڌ جا اسلامي درسگاھ، ڇاپو ٻيو، حيدرآباد، سنڌي ساھت گھر۲۰۰۷.
۴. جوڻيجو، پاويل، دادو ضلعو ڪالھ ۽ اڄ، حيدرآباد، ايسٽ لائين ڪميونيڪيشن، ڇاپو پھريون ۲۰۰۸.
۵. چاچڙ، عبدالوھاب، مفتي، ماھوار شريعت "سوانح حيات نمبر"، جلد٦، شمارو١_۴، روھڙي، روھڙي پرنٽنگ پريس، آڪٽوبر _ نومبر ١٩٨١
٦. ڏيرو، حبيب الله، مولانا، پلا پوڻ ۽ نہ وسرن، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز ۲۰۱۹
۷. سولنگي، محمد عرس اظھر، دادو ضلعو ھڪ اڀياس، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ۲۰۱۳.
۸. سومرو، مظھرالدين، ڊاڪٽر، تحريڪ آزاديءَ ۾ سنڌ جي عالمن جو حصو، ڪراچي،نقش پبليڪيشنز۲۰۰۸.
۹. سوينئر ۲۰۱۵ ھاءِ اسڪول ون ميھڙ، حيدرآباد، ساحل پرنٽر۲۰۱۵.
۱۰. سنڌي، ڊاڪٽر عبدالمجيد، پاڪستان ۾ صوفيانہ تحريڪين، سنگ ميل لاھور ١٩٩۴
۱۱. عادل، محمد الیاس، تحریک پاکستان،لاہور، آر آر پرنٹرز۲۰۱۳.
۱۲. عباسي، سليم انور، ملڪن ۽ قومن جي انسائيڪلوپيڊيا، ڪراچي، سنڌيڪا اڪيڊمي۲۰۰۷.
۱۳. قادري،عبدالرسول،ڊاڪٽر،قرب ڪريمي، ميھڙ،مدرسہ عربيہ اڪبريہ دارالقرآن جامع مسجد سيد علي اڪبر شاھ ۲۰۱۸.
۱۴. قادري، عبدالرسول، ڊاڪٽر، سنڌ جا ڪتب خانہ، مھراڻ اڪيڊمي شڪارپور، ۲۰۰۸
۱۵. گبول، حبيب الرحمٰن، طاھري، سہ ماھي الطاھر، اردو، خاص نمبر سھڻا سائين نمبر، نومبر ۲۰۰۱ ، عذرا عروج پرنٽنگ پريس، حيدرآباد
۱٦. گبول، حبيب الرحمٰن، طاھري،سلسليوار الاصلاح دادو، خصوصي شمارو حضرت پير مٺا سائين، شمارو ڇھون، مارچ ۲۰۱٦ ، اصلاح پبليڪيشن دادو
۱۷. لغاري، عبدالجبار عابد، ڊاڪٽر، سنڌ جا عالم، اديب ۽ شاعر، شاھ ولي الله اڪيڊمي، حيدرآباد ۲۰۰۸
۱۸. مگسي، عبدالله خان، پروفيسر، سنڌ جي تاريخ جو جديد مطالعو، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي ١٩٩۴
۱۹. مگسي، ڪريم بخش، مفتي، ميھڙ جون ديني درسگاھون، ڪراچي، عربيہ پبليڪيشنس۲۰۱۵.
۲۰. مگسي، ڪريم بخش، مفتي، تواريخ مصطفائي، قلمي، (آتم ڪھاڻي مفتي ڪريم بخش مگسي.)
۲۱. مگسي، ڪريم بخش، مفتي، فيض الڪريم، ڇاپو ٻيو، مدرسہ دارالقرآن جامع مسجد ميھڙ ۲۰۱۲
۲۲. مگسي، ڪريم بخش، مفتي، ڪشڪول ڪريمي، قلمي

رسالا

1. ماهوار صراط الهدىٰ، سلسلو نمبر۳۳، خصوصي نمبر، ذي الحج ۱۴۲۷، ڊسمبر ۲۰۰٦
۲. ماهوار صِراط الهدىٰ ، ڊسمبر ۲۰۰۷، ذي القعد، ذي الحج ۱۴۲۸ه، سلسلو نمبر ۴۴
3. ماهوار صِراط الهدىٰ ، جنوري ۲۰۰۸، محرم الحرام ۱۴۲۹ه، سلسلو نمبر ۴۵
4. ماهوار صِراط الهدىٰ ، جنوري ۲۰۰۹، محرم الحرام ۱۴۳۰ه، جلد نمبر ۳، شمارو نمبر۸
5. ماهوار صِراط الهدىٰ ، آڪٽبر ۲۰۱۷،محرم الحرام ۱۴۳۹ه، سلسلو نمبر ۱۳۴
6. مهراڻ _ شاعر نمبر، ڇاپو ٻيو، ص ۲٦۲، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۹۰.
7. مهراڻ _ سوانح نمبر، حصو پهريون، ڇاپو ٻيو، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۹۰.
8. مورائي، خليق، محسن سنڌ، ڇاپو ٽيون، شڪارپور، مهراڻ اڪيڊمي ۲۰۰۹.
9. هفتيوار سچ جو آواز ميهڙ/ دادو، پاڪ ڦٽي پبليڪيشن ميهڙ خاص ايڊيشن

سنڌي اخبارون

۰۱. روزاني شام حيدرآباد، جلد5، شمارو۱۸۳، خميس ۴ مارچ ۲۰۰۴ ، ۱۲ محرم الحرام ۱۴۲۵
۰۲. روزانه عوامي فورم ڪراچي، جلد 1، شمارو ۱۱۳، جمع ۵ مارچ ۲۰۰۴ ، ۱۳ محرم الحرام ۱۴۲۵
۰۳. روزاني پاڪ ڪراچي، جلد ۷، شمارو ۱۷۲ ، جمعو ۵ مارچ ۲۰۰۴ ، ۱۳محرم الحرام ۱۴۲۵
۰۴. روزانه سنڌو حيدرآباد، جلد ۱٦، شمارو ۲۲۰، جمع ۵ مارچ ۲۰۰۴، ۱۳ محرم الحرام ۱۴۲۵
۰۵. روزانه ڪاوش حيدرآباد، خميس، ۳۰ نومبر ۲۰۰٦، جلد ۱۷، شمارو ۱۱۷
۰٦. روزاني آس حيدرآباد، جمعو ۱ ڊسمبر ۲۰۰٦، شمارو ۱۱۰
۰۷. روزاني عوامي آواز ڪراچي، جمعو ۱ ڊسمبر ۲۰۰٦، (سال ۱۷) شمارو ۳۳۲
۰۸. نئون سج ڪراچي، جمعو، ۱ ڊسمبر ۲۰۰٦، جلد ۱۱، شمارو ۲۴۴
۰۹. روزاني شام حيدرآباد، جمع، ۱ ڊسمبر ۲۰۰٦، جلد ۸، شمارو ۹۱
۱۰. روزاني پاڪ ڪراچي، ڇنڇر، ۲ ڊسمبر ۲۰۰٦، جلد ۱۰، شمارو ۱۵۱
۱۱. روزنامه جنگ ڪراچي، پير ۴ دسمبر ۲۰۰٦
۱۲. روزاني شام حيدرآباد، سومر ۱۴ ڊسمبر ۲۰۰٦، جلد ۸، شمارو ۱۰۴
۱۳. روزنه ڪاوش حيدرآباد، سومر ۱۸ ڊسمبر ۲۰۰٦، جلد ۱۷، شمارو ۱۳۵
۱۴. روزانه نئون سج ڪراچي، سومر ۱۸ ڊسمبر ۲۰۰٦، جلد ۱۱، شمارو ۲٦۱
۱۵. روزاني شام حيدرآباد، سومر ۱۸ ڊسمبر ۲۰۰٦، جلد ۸، شمارو ۱۰۸
۱٦. روزانه ڪاوش حيدرآباد، جمع ۱۲ جنوري ۲۰۰۷
۱۷. روزاني شام حيدرآباد، سومر ۳ ڊسمبر ۲۰۰۷، جلد ۹، شمارو ۹۲
۱۸. روزاني سنڌ حيدرآباد، اربع، ۵ ڊسمبر ۲۰۰۷، جلد۱۳، شمارو ۳۰
۱۹. روزاني خبرون حيدرآباد، اربع، ۵ ڊسمبر ۲۰۰۷، جلد۴، شمارو ۸۳
۲۰. روزاني سوڀ ڪراچي، اربع، ۵ ڊسمبر ۲۰۰۷، جلد ۳، شمارو ۳۳۴


٢١. روزاني تعمير سنڌ ڪراچي، اربع، ٥ ڊسمبر ٢٠٠٧، سال نائون، شمارو ٣٠٨
٢٢. روزاني سنڌ حيدرآباد، اربع، ٥ ڊسمبر ٢٠٠٧، جلد ١٣، شمارو ٣٠
٢٣. روزاني شام حيدرآباد، خميس ٣ اپريل ٢٠٠٨، جلد ٩، شمارو ٢٠٠٦
٢٤. روزانه ڪاوش حيدرآباد، ، خميس ٣ اپريل ٢٠٠٨، جلد ١٨، شمارو ٢٣٩

اردو اخبارون

١. روزنامہ امت کراچی، جلد ٨، شماره ١٩٩، اتوار ١٥ محرم الحرام ١۴٢٥ھ، ٧ مارچ ٢٠٠۴
٢. روزنامہ جرأت کراچی، اتوار ١٥ محرم الحرام ١۴٢٥ھ، ٧ مارچ ٢٠٠۴
٣. روزنامہ نوائے وقت کراچی، جلد ٢٥، شماره ١٣۴، بدھ، ١٧ محرم الحرام ١۴٢٥ھ، ٩ مارچ ٢٠٠۴
۴. روزانہ ایکسپریس سکھر، جمعرات، ٣٠ نومبر ٢٠٠٦، جلد ١ ، شماره ۴
۵. روزنامہ نوائے وقت کراچی جمعہ المبارک، ١ دسمبر ٢٠٠٦، جلد ٢٨ ، شماره ۵٣
٦. روزنامہ امت کراچی جمعہ المبارک، ١ دسمبر ٢٠٠٦، جلد ١١ ، شماره ١٠٧
٧. روزنامہ جرأت جمعہ المبارک، ١ دسمبر ٢٠٠٦، جلد ١١ ، شماره نمبر ٣١٣
٨. روزنامہ امت کراچی، بدھ، ۵ دسمبر ٢٠٠٧، جلد ١٣ ، شماره ١١٢

هن مقالي جو مرڪزي ڪردار





حضرت مفتي ڪريم بخش مگسي رح



سائين مفتي ڪريم بخش مگسي رح




خواجہ عبدالحي جان چشموي


محمد امين مگسي



حافظ احمد ذهين مگسي


غلام مصطفیٰ (مبين) مگسي


معين مگسي


سيد علي اڪبر شاھ (پير آف ميھڙ)





مولانا اعجاز علي سوڍر   راقم مقالہ هٰذا (فاروق احمد چنا)



مامون علي بن فاروق احمد چنا



سيد محمد شاهہ بن سيد علي اڪبر شاهہ



میهڙ ۾ ادب جـــو میلــو یـــار مچـــایون تـــا،
اهـــل علـــم انســـانن جـــي مچتـــا چـــاهیون تـــا،
”شـــفیق“ عـــزت ڏیـــڻ عـــزت وٺـــڻ وارا اســـین،
آس طرفـــان اهـــڙي رهـــاڻ رچـــایون تـــا.

میهڙ جي عالم ادیب ۽ قلم ڌڻین جي مان ۾ مچتا ایوارڊ میگا تقریب

ان شاءالله مارچ 2025ع آس ویلفیئر ایسوسیئیشن
لال شاهه ڪالوني میهڙ طرفان منعقد ڪئي وئي آهي.

پاران: **شفیق احمد شفیق چنا**
صدر آس ویلفیئر ایسوسیئیشن لال شاهه ڪالوني میهڙ

اعجاز علي سوڍر
پي ایڇ ڊي اسڪالر میهڙ، وائیس چیئرمین شاد پبلیڪیشن حیدر آباد